ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

69 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (95) سومر 05 آڪٽوبر 2026 ع 22 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيا شمارو (51)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ڀارت پاران پاڪستاني فوجي کي دهشتگرد قرار ڏيڻ واري دعوي جو پردو فاش ٿي ويو

بي جي پي ۽ ايس بي آر پاران محمد آصف کي ميڊيا سامهون پيش ڪرڻ ڪانپوءِ ڀارتي دعوي ڪوڙي نڪتي

ڪوڙي دعوي لڪائڻ لاءِ بي اين اي ۽ ٽرانزڪ ذريعن جو مطالبو، ڀارتي ميڊيا جي بيانئي تي تنقيد

اسلام آباد (اي پي پي) ڀارتي فوج جي چنار ڪور 29 سيپٽمبر تي هٽ ڪوٽي آپريشن ۾ پاڪستاني فوجيءَ کي دهشتگرد بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

سرڪاري طريقيڪار ڪانسواءِ اعليٰ اختيارين ڏانهن سڌا خط موڪلڻ تي پابندي لاڳو

مقرر ڪيل اداري واري درجي بندي ۽ سرڪاري چينل تي سختي سان عمل ڪرڻ لازمي هوندو

سڌي خط و ڪتابت ڪرڻ سنڌ حڪومت جي رولز آف بزنس جي ڪليل ڀڃڪڙي آهي: موقف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي قانون کاتي ماتحت عملي ۽ کاتن پاران مقرر ڪيل سرڪاري طريقيڪار ڪانسواءِ اعليٰ اختيارين بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

دهشتگردي خلاف قومي اتحاد ۽ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي: شازيه مري

ڪي پي ۽ بلوچستان جي سيڪيورٽي صورتحال ڳڻتي جوڳي، بدامني جا اثر ڪراچي تائين پهچي سگهن ٿا

دهشتگردي کي سياسي عينڪ بدران قومي سلامتيءَ جو مسئلو سمجهيو وڃي، سموريون ڌريون متحد ٿين

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز جي مرڪزي ترجمان شازيه مري دهشتگردي خلاف قومي اتحاد ۽ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي زور ڏيندي چيو آهي ته ڪراچي مني پاڪستان بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

حڪومت ۽ مخالف ڌر ۾ ڳالهيون ناڪام، پي ٽي آءِ جو لانگ مارچ شروع، اسلام آباد ۾ داخلا روڪڻ جو فيصلو

ڪي پي ڪي جي صوبائي حڪومت دهشتگردي خلاف ڪارروائي ۾ سيڪيورٽي ادارن سان سهڪار ۽ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي خاطري ڪرائڻ کان انڪار ڪري رهي آهي: راڻا ثناءُ الله

عمران خان سان ملاقات ۽ علاج بابت ڳالهيون ٿينديون هيون. کين يقين ڏياريو ويو هو ته جيڪڏهن ملاقاتن کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال نه ڪيو ويندو ته رڪاوٽ نه وڌي ويندي

اسان سندن خدشا ٻڌا آهن. مسودي ۾ چار پنج تبديليون ڪيون ويون. پر دهشتگردي جي معاملي تي ڪو به سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي. مارچ کي اسلام آباد ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويندو: شيري رحمان

ڳالهيون ڪامياب نه ٿيڻ بعد پي ٽي آءِ لڪي مروت کان صوابي تائين لانگ مارچ جي پهرين مرحلي جو اعلان ڪري ڇڏيو. خيبرپختونخوا جو وڏو وزير سهيل آفريدي لانگ مارچ جي اڳواڻي ڪندو

ديرا اسماعيل خان مان اڳوڻي وڏي وزير علي امين گنڊاپور جي اڳواڻي ۾ قافلو لڪي مروت لاءِ روانو، لانگ مارچ ۾ شرڪت لاءِ هزارين ڪارڪن قافلي جو حصو بڻجي رهيا آهن: ترجمان

اسان پرامن احتجاج ۽ پرامن آئيني جدوجهد کي اڳتي وڌائينداسين. اسلام آباد وڃڻو آهي يا نه، ان جو فيصلو قيادت ڪندي. ڪو به ڪارڪن ٽڪراءُ يا قانون هٿ ۾ نه کڻندو: گنڊاپور

اسلام آباد / پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ جاري ڳالهيون بنا ڪنهن نتيجي جي ختم ٿي ويون ذريعن موجب ڳالهين واري ڪميٽي جا ميمبر اسيمبلي جي اسپيڪر جي چيمبر مان روانا ٿي ويا. جڏهن ته پاڪستان تحريڪ انصاف لڪي مروت کان صوابي تائين لانگ مارچ جي پهرين مرحلي جو اعلان ڪري ڇڏيو في الحال اسلام آباد بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

ڪي پي حڪومت پنهنجي مفادن لاءِ صوبي ۾ ٿيندڙ بدامني مان فائدو کڻي پئي: طلال چوڌري

پاڙيسري ملڪ پنهنجي پراڪسي سان پاڪستان ۾ عدم استحڪام پيدا ڪرڻ چاهي ٿو

جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي ڪشمير اها ئي تاريخ احتجاج لاءِ مقرر ڪئي، جيڪا پي ٽي آءِ لانگ مارچ لاءِ رکي هئي

ٻنهي جي احتجاج جو طريقيڪار ۽ ٻين ڪيترن ئي معاملن ۾ هڪجهڙائي ڏٺي پئي وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو آهي ته جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي ۽ پي ٽي آءِ ۾ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: گهرو معاملن جو مملڪتي وزير طلال چوڌري ميڊيا سان ڳالهائيندي

ملڪ ۾ ڏڦيڙ پکيڙيندڙ دشمن جو ايجنڊا پورو ڪري رهيا آهن: احسن اقبال

پي ٽي آءِ جا ڪارڪن ملڪ دشمن عنصرن جا اوزار نه بڻجن، ڏڦيڙ نقصان پهچائيندا

حڪومت ڳالهين ذريعي مسئلو حل ڪرڻ جي سنجيده ڪوشش ڪئي، اتفاق راءِ به ٿي چڪو هو

نارووال (م د) وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته پاڪستان جا دشمن دهشتگردي ذريعي امن خراب ڪري رهيا آهن جڏهن ته بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

ڊيڊ لاڪ جو بنيادي سبب پي ٽي آءِ باني تائين پهچ هئي: اسد قيصر

دهشتگردي جي خاتمي لاءِ وفاق ۽ صوبي کي اڳرائيندو صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي

امن امان لاءِ گڏيل رٿابندي جوڙي وڃي، سياسي پارٽين جا اڳواڻ ۽ لاڳاپيل ڌريون شامل هجن

اسلام آباد (م د) اڳوڻي قومي اسيمبلي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

وفاقي گهرو وزير سان گورنر ۽ آءِ جي جون ڌار ڌار ملاقاتون، صورتحال بابت بريفنگ

ڪي پي ۾ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي تيار، پوليس هاءِ الرٽ

ملاقاتن ۾ صوبي کي دهشتگردي کان بچائڻ لاءِ آئيني ڪردار ادا ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو

صدر ۽ وزيراعظم گورنر راڄ يا هنگامي حالت ضروري سمجهن ته پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪندس: فيصل ڪريم ڪنڊي

صوبي ۾ غير يقيني صورتحال کي نظر ۾ رکندي مختلف ضلعن مان پوليس اهلڪارن کي طلب ڪيو ويو

پشاور(م د)وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي وچ ۾ گورنر هائوس پشاور ۾ اهم ملاقات ٿي، جنهن ۾ صوبي کي دهشتگردي کان بچائڻ لاءِ آئيني ڪردار ادا بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

صوماليه ۾ فوت ٿي ويل جا لاش ۽ زخمي پاڪستانين جي وطن واپسي شروع

ڇهن زخمي پاڪستاني شهرين کي ايٿوپين ايئر لائين ذريعي ڪراچي روانو ڪيو ويو

وزيراعظم شهباز شريف پاران پاڪستاني شهرين جي وطن واپسي واري عمل جي نگراني ڪري پيو: ميڊيا ونگ

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم شهباز شريف بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

دهشتگردي خلاف سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ۽ خدمتون تعريف جوڳيون آهن: سردار اياز صادق

فورسز جي وقت تي اڳرائي ڪارروائي ذريعي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو ويو

اسلا آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ڏيره اسماعيل خان ۾ ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

اسلام آباد ايئر پورٽ تي قومي اسڪواش ٽيم جي شاندار آجيان ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) 20 هين ايشين گيمز ايچي ناگويا 2026 ۾ هڪ سلور ۽ ٻه برونز ميڊل حاصل ڪندڙ پاڪستان اسڪواش ٽيم جو اسلام آباد انٽرنيشنل بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

نوشهروفيروز ويجهو رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ سبب هڪ ئي خاندان جا 5 ڄڻا فوت

قومي شاهراه تي حادثي ۾ رفيق احمد، آصف علي، نوشاد علي، مسمات پروين ۽ سلميٰ موقعي تي دم ڏئي ڇڏيو

اطلاع تي ريسڪيو ٽيمن پهچي ڪار کي ڪٽي فوتين جا لاش ڪڍي سول اسپتال منتقل ڪيا

2 سالن کان قومي شاهراه جو مرمتي ڪم سست رفتاري سان هلڻ سبب حادثا روز جو معمول آهن، نوٽيس ورتو وڃي: رهواسي

نوشهروفيروز (رپورٽ:شاهد علي چنه) سست رفتاري سبب هلندڙ خوني قومي شاهراه نوشهروفيروز ويجهو 5 انساني جانيون ڳڙڪائي ويئي. تيز رفتار ٽرالر ڪار سان چڙهي ويو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ئي خاندان جا 5 ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا فوتين ۾ رفيق احمد ولد غلام رسول راڄپر عمر 46 سال، آصف علي ولد منظور بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

نوشهروفيروز: روڊ حادثي ۾ تباهه ٿيل ڪار، فوت ٿي ويل ناري جو لاش ۽ هڪ فوتي جو فائيل فوٽو

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد- (اي پي پي) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن. آچر ڏينهن جاري تفصيلن مطابق بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

روس پاران ڪيف سميت ٻين شهرن ۾ فوجي انفراسٽرڪچر خلاف حملا جاري رکڻ جو اعلان

ڪيف ۾ رهندڙ غير ملڪي شهرين ۽ سفارتڪارن کي فوري طور تي شهر ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ويو

غير ملڪي شهرين ۽ سفارتڪارن کي يوڪرين جو سفر کان پاسو ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي وئي

روسي عملدارن پاران مقامي رهواسين کي به فوجي ۽ انتظامي ٺڪاڻن کان پري رهڻ جي صلاح

ماسڪو (اي پي پي) روس، يوڪريني گادي واري شهر ڪيف ۾ موجود غير ملڪي شهرين ۽ سفارتڪارن تي زور ڀريو آهي ته هو يوڪريني گادي وارو هنڌ ڇڏي ڏين ۽ ان ملڪ جو سفر ڪرڻ کان پاسو ڪن پرڏيهي خبررسان اداري جي رپورٽ مطابق روس ڪيف بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ 19 سالن کان ڪارون چورائيندڙ جوابدار مبينا مقابلي ۾ مارجي ويو

شاهه فيصل ڪالوني ۾ اي وي سي ايل سان مبينا مقابلي دوران ٻه محمد بروهي مارجي ويو، 2 ساٿي فرار

جوابدار خلاف مختلف ٿاڻن تي 47 ڪيس داخل آهن، 7 ڀيرا گرفتار ٿي چڪو هو: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ڪورنگي شاهه فيصل ڪالوني ۾ اينٽي وهيڪل لفٽنگ سيل (AVLC) بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ موبائل چور گروهه سوگهو، 310 موبائل فون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

شاهه لطيف ٽائون پوليس ڦر ۽ چوري جي وارداتن ۾ ملوث 3 جوابدارن کي گرفتار ڪيو

جوابدارن وٽان 310 موبائيل فون هٿ آيا، جوابدار ٽن شفٽن ۾ وارداتون ڪندا هئا: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف ٽائون پوليس ٽيڪنيڪل بنيادن ۽ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي شهرين کان موبائل بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

لاهور: هڪ ڪاريگر ثقافتي ورثي جي سار سنڀال دوران ڇت کي رنگ ڪندي

ايران ست شرطون پوريون ٿيڻ تائين آبنائي هرمز کولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

واشنگٽن طرفان موڪليل جواب تهران کي ملي ويو آهي، مختلف ادارا جائزو وٺي رهيا آهن: قاليباف

آبنائي هرمز کي کولڻ بابت فيصلو قومي سلامتي ۽ سامونڊي رستن جي تحفظ کي نظر ۾ رکندي ڪيو ويندو

اسان جا سفارتڪاري لاءِ دروازا کليل آهن پر ڪو به فوجي دٻاءُ قبول نه ڪيو ويندو

تهران (م د) ايران چيو آهي ته آمريڪا سان لاڳاپيل ست شرطون پوريون ٿيڻ تائين آبنائي هرمز کي ٻيهر کولڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف چيو آهي ته بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

حيدرآباد: عمران خان جي آزادي لاءِ پي ٽي آءِ ڪارڪنن جي ريلي ۽ ڌرڻي ٻئي طرف پوليس بيٺل آهي

سيالڪوٽ: بچاءُ وارو وفاقي وزير خواجه آصف ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

ڀارت ۾ هندو انتهاپسندن جو مسلمانن تي حملو، 2 ڄڻا قتل، 3 زخمي

اولهه بنگال جي مٽي گارا-باگهڙگرا علائقي ۾ 5 مسلمانن تي مبينا حملو ڪيو ويو

حملي ۾ شاهد اختر ۽ سجاد محمد مارجي ويا، امير ستار، اڪرم خان ۽ عارف خان زخمي

ڪولڪتا (اي پي پي) بي جي پي جي اقتدار هيٺ ڀارتي رياست اولهه بنگال ۾ هندو انتهاپسندن جي هڪ ميڙ 2 مسلمانن کي تشدد جو نشانو بڻائي قتل جڏهن ته 3 ڄڻن کي زخمي ڪري ڇڏيو. ڪشمير ميڊيا بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

حيدرآباد ۾ عمران خان جي آزادي لاءِ پي ٽي آءِ جو احتجاج، ڪيترائي ڪارڪن گرفتار

نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻي جي ڪوشش، پوليس جي وڏي نفري پهچي احتجاج ختم ڪرائي ڇڏيو

احتجاج ڪندڙن پاران عمران خان جي آزادي جو مطالبو، پوليس ڪارروائي دوران ڪيترن ئي ڪارڪنن کي حراست ۾ ورتو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)پاڪستان تحريڪ انصاف حيدرآباد طرفان نيشنل هاءِ وي تي ٻاءِ پاس وٽ ڌرڻي جي ڪوشش ڪيترائي ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا حيدرآباد ۾ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن طرفان عمران خان جي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

حق جي ويڙهه جي نشاني ”يادگار فتح“ جو افتتاح، شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد ۾ سڌ سماءَ واري وزارت ۽ ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي جي گڏيل سهڪار سان تقريب ٿي

پرجوش ۽ رنگا رنگ تقريب ۾ موسيقي جو پروگرام ۽ شاندار پروجيڪشن ميپنگ شو پيش ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) حق جي ويڙهه ۾ پاڪستان جي عظيم الشان فتح جي نشاني ”يادگار فتح“ جي مهورت واري ڀر وقار عوامي تقريب منعقد ڪئي وئي جيڪا قوم جي عزم ۽ شجاعت جي روشن تاريخ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف گهرو وزير محسن نقوي سان سندس مامي جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ سينيئر صحافي عبداش پنهور جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو، ڀيٽا پيش

ريڙهي مياڻ جي سمنڊ وچ ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان يادگار مشاعرو منعقد ڪيو ويو

اديبن شاعرن، صحافين ۽ سماجي شخصيتن پاران مرحوم جي جدوجهد کي ساراهيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينيئر صحافي ۽ علم ۽ ادب سان لاڳاپيل شخصيت عبداش پنهور جي ياد ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

ڳالهين ذريعي مسئلو حل ڪرڻ جو رستو موجود آهي، دٻاءُ قبول نه ڪنداسين: عراقچي

ايران جي خودمختياري ۽ قومي مفادن کي متاثر ڪندڙ ڪنهن به معاهدي تي صحيح نه ڪبي

آمريڪا يا ڪنهن ٻئي ڌر ڪارروائي ڪئي وئي ته تهران پنهنجي دفاع جو حق استعمال ڪندو

تهران (م د) ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو آهي ته ايران ٽڪرار جو سفارتي حل چاهي ٿو پر ڳالهين جي نالي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

بحري قزاقن جي حملي جي شهيدن جا مڙهه ۽ زخمي پاڪستاني ڪراچي پهچي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بحري قزاقن جي حملي ۾ شهيد ۽ زخمي ٿيل پاڪستانين جي وطن واپسي تي ڪراچي ايئرپورٽ تي گورنر سنڌ نهال هاشمي، سنڌ جي مڪاني حڪومت واري وزير ناصر حسين شاهه بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

ڀٽ شاهه: هائيڊرو اليڪٽرڪ يونين جو سربراهه لطيف نظاماڻي تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ استادن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان مجتا ايوارڊ تقريب منعقد

معياري تعليم ۽ بهترين استادن ۾ قومن جي ترقي ۽ خوشحالي جو راز لڪل آهي: مقررين

تدريسي خدمتون معاشري جي مستقبل کي سنوارين ٿيون، استاد جو احترام هر ذهن ٿيڻ گهرجي

ڪراچي (ڪلچرل رپورٽر) استادن، اديبن ۽ شاعرن چيو آهي ته استاد علم ۽ شعور جي روشني ڦهلائي هڪ بهتر ۽ باشعور بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جو غزه مارچ، مردن، عورتن ۽ ٻارن جي شرڪت

فلسطينين سان يڪجهتي جو اظهار، مسجد اقصيٰ جي آزادي لاءِ گڏيل جدوجهد تي زور ڏنو ويو: حافظ نعيم

غزه ۾ بمباري ۽ فلسطينين خلاف ڪارروائين جي مذمت، جنگبندي معاهدي تي عملدرآمد جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي ڪراچي پاران شاهراه قائدين تي عظيم الشان غزه مارچ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

گلاب لغاري: صوبائي وزير اسماعيل راهو مرحوم بشير سريوال جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

اتر ڪوريا جو اي آءِ ٽيڪنالاجي سان تيار هائپر سونڪ ميزائيل جو ڪامياب تجربو

ڪم جونگ ان پنهنجي ڌيءَ سان گڏجي ميزائيل جي تجرباتي لانچ جي نگراني ڪئي

ميزائيل اڏام جو رستو ۽ گهٽ بلندي تي تبديل ڪرڻ لاءِ مصنوعي ذهانت جي استعمال جي دعويٰ

پيانگ يانگ (اي پي پي) اتر ڪوريا اي آءِ ٽيڪنالاجي سان تيار ڪيل هائپر سونڪ ميزائيل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

ملڪي ترقي جو دارومدار تعليمي معيار ۽ قابل استادن جي عزم ۽ محنت تي آهي: وزيراعظم

مصنوعي ذهانت، موسمياتي تبديلي ۽ فني ترقي سان هم آهنگ تعليمي نظام ئي روشن مستقبل جي ضمانت آهي

دانش اسڪولن ذريعي مستحق ۽ پٺتي پيل علائقن جي شاگردن کي معياري تعليم جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن

استادن جي معياري پيشيوراڻي تربيت، جديد تعليمي وسيلن ۽ سازگار ماحول جي فراهمي لاءِ حڪومت پرعزم آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان جي ترقي جو دارومدار اسان جي تعليم جي نظام جي معيار ۽ خاص ڪري قابل استادن جي عزم ۽ محنت تي آهي جامع بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

اسلام آباد تي ڪاهه برداشت نه ڪنداسين، صورتحال جو ذميوار سهيل آفريدي هوندو: محسن نقوي

حڪومت ۽ پي ٽي آءِ وچ ۾ معاملا حل ٿي چڪا هئا، جيڪي ڪي پي جي وڏي وزير جي ڪري خراب ٿيا

ڪنهن به صورت 9 مئي جهڙا واقعا ٻيهر ٿيڻ نه ڏينداسين، هڪ به زندگي ضايع ٿي ته ذميوار به آفريدي هوندو

مقامي سطح تي دهشتگردن کي حمايت فراهم ڪئي پئي وڃي جنهن جي جاچ ۽ تدارڪ ضروري آهي

لاهور (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته پي ٽي آءِ سان ڳالهيون ختم ٿي ويون آهن. حڪومت بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سينيٽر شيري رحمان پاران ڳالهين جي ڪوريج ڪندڙ صحافين کي خراج تحسين

پارلياماني رپورٽرز ۽ ڪئميرامين ٻن ڏينهن کان مسلسل اهم ڳالهين جي ڪوريج ۾ مصروف رهيا

سخت حالتن باوجود صحافين جي محنت ۽ ذميواريءَ سان ڪم ڪرڻ کي ساراهيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان سڄي رات حڪومت ۽ پي ٽي آءِ ڳالهين بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

ڪينيا ۾ خوفناڪ حادثو مني بس کي ٽرڪ جو ٽڪر، 17 ڄڻا فوت

ڏکڻ اولهه سالاما علائقي ۾ مذهبي هنڌ ڏانهن ويندڙ مني بس کي ٽرڪ ٽڪر هنيو

نيروبي (اي پي پي) ڪينيا ۾ ڪيترن ئي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

معياري تعليم ۽ نوجوانن لاءِ موقعن ۾ واڌ لاءِ تعليمي شعبي کي مضبوط بڻائڻ اٽل آهي: صدر زرداري

استادن جي تعليم، پيشيوراڻي تربيت ۽ سازگار تعليمي ماحول ۾ مسلسل سيڙپڪاري جاري رکڻي پوندي

مصنوعي ذهانت سميت ٽيڪنالاجي تدريس ۾ مددگار آهي، نئين ٽيڪنالاجي لاءِ سهڪار فراهم ڪيو وڃي

ڏورانهن ۽ پٺتي پيل علائقن ۾ خدمتون انجام ڏيندڙ استادن کي تربيت، وسيلا ۽ سازگار حالتون فراهم ڪيون وڃن

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري چيو آهي ته معياري تعليم ۽ نوجوانن لاءِ موقعن ۾ اضافي لاءِ تعليم جي شعبي کي مضبوط بڻائڻ اٽل آهي حاضر دور جي تقاضائن مطابق استادن جي تعليم پيشيوراڻي ترقي ۽ مددگار تعليمي ماحول ۾ مسلسل سيڙپڪاري جاري رکڻي پوندي، استاد ۽ شاگرد وچ ۾ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

حق جي ويڙهه جي نشاني ”يادگار فتح“ جو افتتاح، شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد ۾ سڌ سماءَ واري وزارت ۽ ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي جي گڏيل سهڪار سان تقريب ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) حق جي ويڙهه ۾ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

خيبر پختونخوا ۾ جنگ واري صورتحال آهي سيڪيورٽي کي سياسي رنگ نه ڏيڻ گهرجي: گهرو وزير

صوبائي حڪومت لکت واري معاهدي تي صحيحن ۽ عملدرآمد جو منصوبو جمع ڪرائڻ تي اتفاق ڪيو هو

معاهدي ۾ افغان حڪومت سان رابطا نه رکڻ، دهشتگردي جي روڪٿام وارين ڪارروائيون شامل هيون

ڳالهين جي آخري مرحلي دوران ڪي پي جي حڪومت انهن واعدن کان پوئتي هٽي وئي آهي: محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته خيبر پختونخوا جي حڪومت 72 ڪلاڪن اندر لکت واري معاهدي تي صحيحين ۽ عملدرآمد جو منصوبو جمع ڪرائڻ تي اتفاق ڪيو هو. آچر ڏينهن ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو ته معاهدي ۾ پوليس ايڪٽ 2026 تي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو2

ڍاڪا: بنگلاديش ۾ پاڪستاني هاءِ ڪمشنر بنگلاديشي وزير راشد المحمد سان ملاقات ڪري رهيو آهي

صدر ۽ وزير اعظم پاران ڏيره اسماعيل خان ۾ فتنه الخوارج خلاف ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد(اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف ڏيره اسماعيل خان ۾ فتنه الخوارج جي 8 دهشتگردن کي انٽيلي جنس بيسڊ آپريشن دوران جهنم پهچائڻ تي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو2

عوام کي تيل جي قيمتن ۾ رليف ڏيڻ حڪومت جي ترجيح آهي: علي پرويز ملڪ

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل سستو ٿيندي ئي پاڪستان ۾ به پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽايون وينديون

هن وقت تائين90 لک کان وڌيڪ شهرين سستي تيل واري اسڪيم مان فائدو ورتو آهي

لاهور (اي پي پي) پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ چيو آهي، ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي هدايت تي عوام کي تيل جي قيمتن ۾ رليف فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي. سياري جي موسم ۾ گئس جي بنا رڪاوٽ فراهمي لاءِ وقت سر قدم کنيا پيا وڃن. 90 لک کان وڌيڪ شهرين 100 روپيا ليٽر تيل جي اسڪيم مان فائدو کنيو عالمي مارڪيٽ ۾ تيل بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو2

يمن جي حڪومت حوثين خلاف وڏي فوجي آپريشن جو اعلان ڪري ڇڏيو

فوجي ڪارروائي سان صورتحال وڌيڪ شدت اختيار ڪري سگهي ٿي: ذريعا

صنعا (م د) يمن جي حڪومت ايران نواز حوثين خلاف وڏي فوجي آپريشن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي يمن جي حڪومتي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو2

شاهپورجهانيان ڀرسان ڪار ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر سبب هڪ ئي ڪٽنب جا 5 ڄڻا فوت، 3 زخمي

نيشنل هاءِ وي سنگراهه موري وٽ حادثي ۾ رحمت الله، علي جان، 2 معصوم ٻارڙا، 2 عورتون فوت ٿي ويون

اطلاع تي مقامي ماڻهن ۽ پوليس پهچي زخمي عورت ۽ لاش ڪڍائي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيا

اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ سبب عورت کي انتهائي نازڪ هئڻ ڪري ڪيس نوابشاهه ريفر ڪيو

شاهپورجهانيان(رپورٽ: محمد ياسين آرائين) شاهپورجهانيان ڀرسان سنگراهه موري وٽ نيشنل هاءِ وي تي ڪار ۽ تيل سان ڀريل ٽرالر جي وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ضلعي ڪشمور جي ڳوٺ بداڻي جا رهواسي رحمت الله ولد مالهو خان علي جان ولد عبدالمجيد، 2 معصوم ٻارڙا، 2 عورتون فوت ۽ هڪ عورت زخمي ٿي پئي، زخمين ۽ فوتين کي مقامي ماڻهن ۽ موٽر وي پوليس شاهپورجهانيان سرڪاري اسپتال پهچايو جتي هڪ عورت جي حالت انتهائي نازڪ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو2

شاهپور جهانيان: روڊ حادثي ۾ تباهه ٿيل گاڏي، ٻئي طرف فوتين جو لاش پيل آهي

سرگوڌا: مني ميراٿن ريس ۾ ڇوڪريون ڊوڙي رهيون آهن

بن قاسم ۾ ڳورهار عورت جي قتل ڪيس ۾ مڙس سميت 2 جوابدار گرفتار

اڻسڃاتل عورت جو گولي لڳل لاش مليو هو، جاچ دوران سڃاڻپ ڪشف طور ڪئي وئي

عورت کي سندس مڙس ساٿي سان گڏجي قتل ڪيو، آءِ جي پاران پوليس ٽيم لاءِ انعام جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بن قاسم ٿاڻي جي حد ۾ جنگل مان مٽي ۾ گولي لڳل عورت جو لاش ملڻ واري پراسرار قتل جو ملير پوليس ٿوري ئي وقت ۾ پتو لڳائي ورتو پوليس مقتولا جي سڃاڻپ ڪشف جي نالي سان ڪندي سندس مڙس سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو2

ڏيره اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي فتنه الخوارج جا 8 دهشتگرد مارجي ويا

ڳجهي اطلاع تي علائقي ۾ آپريشن ڪيو ويو، مارجي ويلن ۾ 3 انتهائي گهربل دهشتگرد پڻ شامل

مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي تعداد ۾ هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو پڻ هٿ آيو آهي

سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ پائيدار امن جي قيام لاءِ پرعزم آهي: ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) خيبر پختونخواهه ۾ سيڪيورٽي فورسز جي عزم استحڪام ويزن تحت فتنه الخوارج خلاف اثرائتين ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي سيڪيورٽي فورسز ڏيره اسماعيل خان ۾ انٽيلي جنس بيسڊ آپريشن دوران فتنه الخوارج جي 8 دهشتگردن کي جهنم پهچڻ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ استادن جو عالمي ڏهاڙو اڄ ملهايو ويندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ استادن جو عالمي ڏهاڙو (ورلڊ ٽيچرز ڊي) (اڄ) 5 آڪٽوبر سومر بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو2

عمران خان سان ملاقات ڪانسواءِ لانگ مارچ واپس نه ٿيندو: حليم عادل شيخ

پي ٽي آءِ باني جي صحت ۽ علاج بابت حڪومت سان ڳالهين تي اتفاق نه ٿيو آهي

خيبرپختونخوا جي سيڪيورٽي ۽ دهشتگردي بابت هڪ طرفي فيصلن کي رد ڪريون ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ جو اهم بيان حليم عادل شيخ چيو ته عمران خان سان ملاقات ڪانسواءِ لانگ مارچ واپس وٺڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. عمران خان سان ملاقات اسان جو بنيادي مطالبو هو پر حڪومت اهو مطالبو تسليم نه ڪيو هن چيو ته عمران بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو2

سنڌ ورهاڱي بابت جيڪو سڄي سنڌ جو موقف آهي اهو ئي پ پ جو موقف آهي: اسماعيل راهو

سنڌ جي ورهاست قابل قبول ناهي سنڌ جي حصي جو پاڻي وٺڻ لاءِ پ پ هميشه ڪوششون ڪندي رهي آهي

سنڌ اندر شاخن جي پوڇڙين تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ واهن ۽ شاخن جي لائننگ سسٽم تي ڪم هلندڙ آهي

صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو مرحوم بشير احمد سريوال جي وفات تي تعزيت بعد ميڊيا سان ڳالهيون

گلاب لغاري (ن ع) سنڌ جي ورهاڱي بابت جيڪو سڄي سنڌ جو موقف آهي اهو ئي پيپلزپارٽي جو موقف آهي توهان سڀني جي سامهون آهي سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي سنڌ جي حصي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو2

لاهور: داتا هجوير جي ميلي دوران موت جي کوهه جو ڏيک، ٻئي طرف مزار کي روشنين سان سينگاريو ويو آهي

بقايا 1 روزاني عبرت

طور مارڻ جي گمراهه ڪندڙ دعويٰ ڪئي ڪشمير ميڊيا سروس مطابق 30 سيپٽمبر تي ڀارتي نشرياتي اداري "اي اين آءِ" سميت ٻي ميڊيا ايس ايس جي ڪمانڊر محمد آصف جي تصوير سڃاڻپ ۽ فوجي پروفائل جي تمام گهڻي واويلا ڪئي پهرين آڪٽوبر تي ڊي جي آءِ ايس پي آر حوالدار (ر) محمد آصف کي ميڊيا سامهون پيش ڪري هڪ ڀي ڀارتي فالس فليگ آپريشن جو پردو فاش ڪيو پنهنجي تاريخي بيعزتي کي لڪائڻ لاءِ ميڊيا جڳڪي انداز ۾ "مان نه مڃان" واري واويلا شروع ڪئي ڀارتي مئگزين "انڊيا ٽو ڊي" پنهنجي رپورٽ ۾ بيانيو ڊاهيو ته حوالدار آصف جا شخصي تفصيل ۽ صورت نه ميچ ڪيا ويا پر هاڻي ان جي ڊي اين اي به نه ميچ ڪري ڏيکاري. ڪوڙي مقابلي جي گم ٿيل لاش جيڪو ڀارتي فوج جي چنار ڪور وٽ آهي، ان گم ٿيل لاش جي فرانزڪ ۽ ڊي اين اي پاڪستان مان طلب ڪرڻ ڀارتي ميڊيا جو نهايت بيوقوفاڻو مطالبو آهي حوالدار آصف جي تصويرن ۽ سڃاڻپ ڪارڊ کي ثبوت بڻائي ڪوڙي دعويٰ ڀارتي ميڊيا ۽ ادارن ڪئي، جڏهن ته پاڪستان رڳو حقيقت ٻڌائي. هميشه وانگر پاڪستان جي حقيقت تي ٻڌل بيانئي کي عالمي ميڊيا ۾ تمام گهڻي پذيرائي ملي ۽ ڀارت کي هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي سطح تي رسوائي جو منهن ڏسڻو پئجي ويو ڀارت ان رسوائي کي لڪائڻ لاءِ هاڻي احمقاڻيون حرڪتون ڪرڻ لڳو آهي جنهن سان سندس ساک وڌيڪ متاثر ٿي رهي آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

ڏانهن سڌا خط يا خط و ڪتابت موڪلڻ تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي قانون کاتي موجب سرڪاري خط و ڪتابت لاءِ مقرر ڪيل اداري واري درجي بندي ۽ سرڪاري چينل تي سختي سان عمل ڪرڻ لازمي هوندو کاتي خبردار ڪيو آهي ته مقرر ڪيل چينل کي نظرانداز ڪري سڌي خط و ڪتابت ڪرڻ سنڌ حڪومت جي رولز آف بزنس جي کليل ڀڃڪڙي آهي، جنهن سان اداري جي نظم و ضبط ۽ جوابدهي جو نظام متاثر ٿئي ٿو قانون کاتي موجب هدايتن تي مسلسل عمل نه ڪندڙ ذميوار آفيسرن خلاف سخت کاتي واري ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 3 روزاني عبرت

آهي ملڪ جي ڪنهن به حصي ۾ بدامني جا اثر ڪراچي تائين پهچندا آهن پي پي پي ميڊيا سيل پاران اڄ ڏينهن جاري بيان ۾ شازيه مري چيو ته خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان جي سيڪيورٽي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي دهشتگردي تي ضابطو نه آندو ويو ته ان جا اثر پوري ملڪ سميت ڪراچي تائين پکڙجي سگهن ٿا. هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري هر فورم تي باور ڪرائي چڪو آهي ته دهشتگردي پيپلز پارٽي لاءِ ريڊ لائين آهي ان تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو شازيه مري چيو ته دهشتگردي کي سياسي عينڪ سان نه پر قومي سلامتي جي مسئلي طور ڏسڻ گهرجي دهشتگردي خلاف جنگ پوري قوم جي گڏيل ذميواري آهي سمورين سياسي پارٽين ۽ رياستي ادارا متحد ٿين هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري وفاقي ۽ خيبر پختونخوا صوبائي حڪومت تي زور ڀريو آهي ته دهشتگردي خلاف گڏيل قدمن لاءِ لکت وارا معاهدا ٿيڻ گهرجن پي پي پي چيئرمين جو موقف آهي ته آئيني قدمن کان پهرين سياسي ڳالهين جي سمورن امڪاني رستن کي اختيار ڪيو وڃي پي ٽي آءِ سميت سمورين سياسي پارٽين سان ڳالهيون ڪري دهشتگردي خلاف لائحه عمل ٺاهيو وڃي بلاول ڀٽو زرداري واضح ڪري چڪو آهي ته سياسي اختلافن ۽ دهشتگردي خلاف قومي مفادن کي ڌار ڌار رکيو وڃي دهشتگردي پاڪستان جي وجود لاءِ سنگين خطرو بڻجي چڪي آهي شازيه مري چيو ته ملڪ ۾ ايمرجنسي يا گورنر راڄ جهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ کان اڳ سياسي حل ڪڍڻ سمورين جمهوري قوتن جي ذميواري آهي پاڪستان جي سلامتي، جمهوريت ۽ سمورن صوبن جي مفادن ۾ سياسي ڳالهين جي ڪاميابي ضروري آهي

بقايا 4 روزاني عبرت

وڃڻ جو ڪو منصوبو ظاهر ناهي ڪيو ويو پي ٽي آءِ سان ڳالهين ڪندڙ حڪومتي وفد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صوبائي حڪومت دهشتگردي خلاف جنگ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ناهي وزيراعظم جي صلاحڪار ۽ حڪومتي ڳالهين واري وفد جي ميمبر رانا ثناءُالله چيو ته صوبائي حڪومت دهشتگردي بابت پنهنجي آئيني ذميواري پوري ڪري ۽ دهشتگردي خلاف ڪارروائي ۾ سيڪيورٽي ادارن سان سهڪار ۽ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي خاطري ڪرائڻ کان انڪار ڪري رهي آهي رانا ثناءُالله چيو ته مسودي ۾ به ٽي ڀيرا تبديليون ڪيون ويون پر ان باوجود صوبائي حڪومت دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ ۽ وفاقي حڪومت جي پاليسي موجب سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن چيو ته دهشتگردي خلاف سهڪار نه ڪرڻ جي ڳالهه ڪنهن به صورت ۾ قبول نٿي ڪري سگهجي، جنهن سبب معاهدو نه ٿي سگهيو رانا ثناءُالله چيو ته عمران خان سان ملاقات ۽ علاج بابت ڳالهيون ٿيون هيون کين يقين ڏياريو ويو هو ته قانون ۽ جيل جي ضابطن موجب اڳ به عمل ٿي رهيو هو ۽ هاڻي به ٿيندو جيڪڏهن ملاقاتن کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال نه ڪيو ويندو ته رڪاوٽ نه وڌي ويندي رانا ثناءُالله واضح ڪيو ته ڏکهو مارچ اسلام آباد جي حدن ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويندو ۽ ڪنهن به قسم جي بدامني کي قانون جي طاقت سان روڪيو ويندو حڪومتي ڳالهين واري ڪميٽي جي ميمبر شيري رحمان چيو ته اسان سندن خدشا ٻڌا آهن مسودي ۾ چار ڀيرا تبديليون ڪيون ويون پر دهشتگردي جي معاملي تي ڪو به سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته ڏکهي مارچ ۽ ٻين معاملن بابت مخالف ڌر معاهدي کان انڪار ڪري ڇڏيو ٻئي طرف پاڪستان تحريڪ انصاف لکي مروت کان صوابي تائين لانگ مارچ جي پهرين مرحلي جو اعلان ڪري ڇڏيو في الحال اسلام آباد وڃڻ جو ڪو منصوبو ظاهر ناهي ڪيو ويو ذريعن موجب خيبر پختونخوا جو وڏو وزير سهيل آفريدي لکي مروت لاءِ روانو ٿي ويو آهي جتان هو لانگ مارچ جي اڳواڻي ڪندو ڊيرا اسماعيل خان سان اڳوڻي وڏي وزير علي امين گنڊاپور جي اڳواڻي ۾ قافلو لکي مروت لاءِ روانو ٿيندو جنهن لاءِ الامين هائوس ٻاهران گاڏيون پهچي ويون آهن علي امين گنڊاپور جي ترجمان فراز احمد مغل چيو آهي ته لانگ مارچ ۾ شرڪت لاءِ هزارين ڪارڪن قافلي جو حصو بڻجي رهيا آهن. علي امين خان گنڊاپور جي اڳواڻي ۾ قافلو لکي مروت روانو ٿيندو جڏهن ته قافلي ۾ فيصل آمين گنڊاپور عمر آمين گنڊاپور ۽ پارٽي جا ٻيا اڳواڻ پڻ شامل آهن. خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي پيغام موجب لانگ مارچ جو پهريون مرحلو اڄ 4 آڪٽوبر تي منجهند هڪ وڳي لکي مروت جي گنڊي چوڪ کان شروع ٿيندو جتي مختلف ضلعن مان ايندڙ قافلا شامل ٿيندا علي امين گنڊاپور لانگ مارچ شروع ٿيڻ کان اڳ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو ته اسان پرامن احتجاج ۽ پرامن آئيني جدوجهد کي اڳتي وڌائينداسين اسلام آباد وڃڻو آهي يا نه ان جو فيصلو قيادت ڪندي جيڪو حڪم ملندو ان تي عمل ڪنداسين. هن چيو ته وڏي وزير واضح ڪيو آهي ته لٺ کڻي ايندڙ شخص اسان مان ناهي ڪو به ڪارڪن لٺ نه کڻندو في الحال اهو ئي حڪم آهي اڳتي جا سمورا معاملا ايندڙ حڪمن موجب طئي ٿيندا ڪو به ڪارڪن پٿراءُ نه ڪندو اهو واضح حڪم آهي جيڪو شخص ٽڪراءُ ڪندو يا قانون هٿ ۾ کڻندو اهو اسان مان ناهي اعلان موجب اڄ 4 آڪٽوبر تي منجهند هڪ وڳي ٽانڪ، ڊيرا اسماعيل خان، ڏکڻ وزيرستان، اتر وزيرستان، بنون ۽ لکي مروت جا قافلا گنڊي چوڪ لکي مروت وٽ لانگ مارچ ۾ شامل ٿيندا، جڏهن ته رات جو قافلي جو قيام ڪرڪ پريسان ڪيو ويندو سومر 5 آڪٽوبر تي منجهند 12 وڳي ڪرڪ جا ماڻهو پڻ لانگ مارچ ۾ شامل ٿيندا ۽ قافلو ساڍي 12 وڳي اتان روانو ٿيندو جڏهن ته رات جو قيام ڪوهاٽ پريسان ڪيو ويندو

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪيترين ئي شين هڪجهڙيون آهن. پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ واري ڏينهن جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي به احتجاج جو سڏ ڏنو پاڙيسري ملڪ پنهنجي پراڪسي سان پاڪستان ۾ عدم استحڪام ڪرڻ چاهي ٿو آچر تي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مملڪتي وزير چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ميڊيا سامهون هڪ اهڙي گروهه جي حوالي سان حقيقتون پيش ڪيون ويون هيون جيڪي پاڙيسري ملڪ مان غير قانوني طور تي هٿيار پاڪستان آڻي ڪجهه گروهن کي فراهم ڪندو هو اڄ ان ئي معاملي جي جاچ اڳئين مرحلي ۾ وڌيڪ گرفتاريون عمل ۾ آيون آهن جڏهن ته وڌيڪ فون ڪالز ۽ ٻيون شاهديون به سامهون آيون آهن طلال چوڌري چيو ته جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي ڪشمير اها ئي تاريخ احتجاج لاءِ مقرري ڪئي جيڪا پي ٽي آءِ لانگ مارچ لاءِ رکي هئي ٻنهي جي احتجاج جو طريقيڪار ۽ ٻين ڪيترن ئي معاملن ۾ هڪجهڙائي ڏٺي پئي وڃي هن چيو ته پي ٽي آءِ سان ڳالهين جي ويهڪ کان پوءِ به معاملو ڪامياب نه ٿي سگهيو گهرو وزير ان حوالي سان حقيقتون پس منظر ۽ ٻيا تفصيل پريس ڪانفرنس ۾ سامهون رکندو ته جيئن معلوم ٿي سگهي ته خيبر پختونخوا جي حڪومت پنهنجي سياسي مفادن لاءِ صوبي ۾ بدامني مان فائدو کڻي رهي آهي ۽ پنهنجي جمهوري، آئيني ۽ قانوني ذميواريون پوريون ڪرڻ بدران ان کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهي آهي هن چيو ته پهرين ڏينهن کان ئي ٻڌايو پيو وڃي ته هي رڳو سياسي تحريڪ ناهي پاڙيسري ملڪ جڏهن سڌي ريت ڪارروائي ڪئي ته ان کان به سال اڳ واري شڪست اڃا تائين ناهي وسري. انهي لاءِ پاڪستان خلاف پراڪسيز تي سيڙپڪاري وڌائي وئي پاڪستان جي اولهه سرحد تي موجود پراڪسين انهن جا ٺڪاڻا، تربيتي مرڪز ۽ نيٽ ورڪ استعمال ڪري ملڪ کي عدم استحڪام طرف ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هن چيو ته جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي حوالي سان مختلف خدشا سامهون اچڻ کان پوءِ ضيا نالي شخص کي گرفتار ڪيو ويو جيڪو گذريل 8 سالن کان غيرقانوني هٿيارن جي ڪاروبار ۾ ملوث هو جاچ موجب 8 سالن دوران سندس رابطا سردار امان ۽ ان جي ويجهي ساٿي ماجد سان قائم هئا هن چيو ته جڏهن اهي حقيقتون سامهون آيون ته پريس ڪانفرنس ذريعي تفصيل ميڊيا سامهون رکيا ويا. ان کان پوءِ وڌيڪ جاچ ٿي ۽ 3 وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪيا ويا طلال چوڌري دعويٰ ڪئي ته گرفتاري کان اڳ سردار امان پنهنجي پريشاني جو اظهار ڪري رهيو هو ۽ ڪوشش ڪئي وئي ته گرفتار شخص کي طبي ۽ ذهني طور غير موزون ثابت ڪيو وڃي ته جيئن معاملي جي ذميواري انهن تائين نه پهچي

بقايا 6 روزاني عبرت

انتشار ۽ فساد پکيڙڻ دشمن جو مقصد پورو ڪيو پيو وڃي تقريب کي خطاب ڪندي احسن اقبال چيو ته هڪ سياسي پارٽي اسلام آباد ۾ انتشار پيدا ڪري رهي آهي تحريڪ انصاف اسلام آباد ڏانهن مارچ لاءِ اهو ئي وقت ڇو چونڊيو؟ هن چيو ته پي ٽي آءِ جا ڪارڪن ملڪ دشمن عنصرن جا اوزار نه بڻجن روڊن تي لٺيون گوليون ۽ انتشار پاڪستان کي نقصان پهچائيندا. وفاقي وزير چيو ته حڪومت ڳالهين ذريعي مسئلو حل ڪرڻ جي سنجيده ڪوشش ڪئي اتفاق راءِ به ٿيڻ ۾ ٻاهران پيغام اچڻ کانپوءِ ڳالهيون ناڪام ٿي ويون هن الزام لڳايو ته پي ٽي آءِ خيبرپختونخوا ۾ انتشار پيدا ڪري دهشتگردن کي فائدو ڏئي رهي آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

جي اسپيڪر اسد قيصر چيو آهي ته ڳالهين ۾ رنڊڪ جو بنيادي سبب باني پي ٽي آءِ تائين پهچ جو معاملو هو حڪومت چيو ته باني پي ٽي آءِ تائين پهچ ڏاهه جو حصو نه هوندي اسد قيصر چيو ته اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي ته سياسي قيادت کي باني پي ٽي آءِ تائين پهچ ڏني وڃي جيڪڏهن ملاقات جي اجازت نه ملندي ته صلاح مشورو ڪيئن ٿيندو؟ هن چيو ته مسلم ليگ ن هر معاملي تي نواز شريف يا شهباز شريف سان صلاح ڪري ٿي جڏهن ته پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري يا آصف علي زرداري سان مشورو ڪري ٿي پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ وفاق ۽ صوبي کي اثرائتو صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي امن امان لاءِ گڏيل رٿابندي جوڙي وڃي جنهن ۾ سمورين سياسي پارٽين جا اڳواڻ ۽ لاڳاپيل ڌريون شامل هجن

بقايا 8 روزاني عبرت

ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو ملاقات ۾ صوبي جي امن امان واري صورتحال، سياسي صورتحال ۽ پي ٽي آءِ جي ڏکهي مارچ تي غور ڪيو ويو چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پڻ موجود هئا. جاري ڪيل بيان موجب فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ محسن نقوي اتفاق ڪيو ته جيڪڏهن صدر ۽ وزيراعظم گورنر راڄ يا هنگامي حالت ضروري سمجهن ته گورنر هائوس پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪندو بيان ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ جي ڏکهي مارچ لاءِ سرڪاري هيليڪاپٽر يا سرڪاري وسيلا استعمال ڪرڻ عدالتي فيصلن جي ڀڃڪڙي هوندي خيبرپختونخوا ۾ غير يقيني صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس کي الرٽ رکندي هنگامي صورتحال بابت حڪمت عملي تيار ڪئي وئي آهي آءِ جي خيبرپختونخوا وفاقي گهرو وزير محسن نقوي کي صوبي جي مجموعي صورتحال بابت بريفنگ ڏني ذريعن موجب آءِ جي بريفنگ دوران ٻڌايو ته صوبي ۾ پيدا ٿيندڙ غير يقيني صورتحال کي نظر ۾ رکندي پوليس کي هاءِ الرٽ ڪيو ويو آهي، جڏهن ته مختلف ضلعن مان پوليس اهلڪارن کي پوليس لائنز طلب ڪيو ويو آهي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري حڪمت عملي پڻ تيار ڪئي وئي آهي هوڏانهن گورنر خيبرپختونخوا فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي وچ ۾ پشاور ۾ ملاقات ٿي جنهن دوران صوبي جي سياسي ۽ امن امان واري صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات دوران جاري ڪيل پڌرائي موجب ٻنهي اڳواڻن صوبي کي دهشتگردي کان محفوظ رکڻ لاءِ پنهنجي آئيني ذميوارين تحت ڪردار ادا ڪرڻ تي اتفاق ڪيو فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته صدر ۽ وزيراعظم گورنر راڄ يا هنگامي حالت ضروري سمجهن ته پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪندس

بقايا 9 روزاني عبرت

جي هدايت تي صوماليه ۾ فوت ٿي ويل ۽ زخمي پاڪستانين جي حفاظت سان وطن واپسي لاءِ فوري طور تي قدم کنيا ويا آهن. چئن زخمي پاڪستاني شهرين کي ايٿوپين ايئر لائين ذريعي ڪراچي روانو ڪيو ويو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري ڪيل بيان موجب فوت ٿي ويل 3 پاڪستانين جا مڙهه پڻ ان اڏام ذريعي ڪراچي پهچندا ايٿوپيا ۾ پاڪستان جي سفير عاطف عزيز ۽ جبوتي ۾ پاڪستان جي سفير اقصيٰ نواز اديس ابابا ايئرپورٽ تي زخمي پاڪستانين ۽ فوت ٿي ويلن جا مڙهه ڪراچي روانا ڪيا. وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڻ پاڪستاني شهرين جي وطن واپسي واري عمل جي نگراني ڪري رهيو آهي

بقايا 10 روزاني عبرت

کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته خوارجي دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارانه مهارت جي عڪاسي ڪري ٿو آچر تي قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ مان جاري ٿيل بيان ۾ سردار اياز صادق 8 دهشتگردن کي جهنم پهچائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي واکاڻ ڪئي ۽ چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي وقت تي اثرائتي ڪارروائي ذريعي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو ويو هن چيو ته ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ دهشتگردي جو خاتمو ضروري آهي دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ۽ خدمتون تعريف جوڳيون آهن جڏهن ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون جاري رهنديون

بقايا 11 روزاني عبرت

ايئر پورٽ پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي اسڪواش جا مداح، رانديگرن جا ڪٽنب ۽ راندين سان لاڳاپيل عملدار موجود هئا جن قومي هيروز جي شاندار آجيان ڪئي ۽ تاريخي ڪاميابي تي خوشي جو اظهار ڪيو پاڪستان اسڪواش فيڊريشن قومي ٽيم جي آجيان لاءِ آيل سمورن حامين ۽ مداحن جو شڪريو ادا ڪيو آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

احمد راڄپر عمر 32 سال نوشاد علي ولد امتياز عرف روشن راڄپر عمر 28 سال مسمات پروين زال امتياز عرف روشن راڄپر عمر 45 سال مسمات سلميٰ ڌيءَ امتياز عرف روشن راڄپر عمر 14 سال جيڪي موقعي تي ئي فوت ٿي ويا. فوتي گهراڻي جو تعلق ڪنڊيارو لڳ ڳوٺ احمد خان راڄپر سان آهي حادثي کان پوءِ ٽرڪ ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو لاش ڪڍڻ لاءِ ڪار کي ڪٽيو ويو سول اسپتال نوشهرو فيروز ۾ لاش پهچڻ تي هر طرف ڪهرام برپا ٿي ويو وارث زاروقطار روئيندا رهيا. واضح رهي گذريل 2 سالن کان قومي شاهراهه جو مرمتي ڪم هلندڙ آهي پر سست رفتاري سبب اڃا تائين روڊ جو مرمتي ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو آهي جنهن سبب نوشهرو فيروز ٻاءِ پاس قومي شاهراهه تي وڏا روڊ حادثا ٿي چڪا آهن ۽ ڪيترين ئي قيمتي انساني جانيون موت جي منهن ۾ وڃي چڪيون آهن جڏهن ته حادثي وقت ڪيترائي ڪلاڪ فوتي تڙپندا رهيا پر موٽروي پوليس ۽ سنڌ پوليس يا ڪي به سرڪاري ادارن جا ماڻهون مدد جي لاءِ نه پهتا جيڪڏهن بروقت زخمين کي کڻيو وڃي ها ته ڪنهن به فوتي جان بچي سگهي پئي

بقايا 13 روزاني عبرت

سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 48 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 70 هزار ڪيوسڪ ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 10 هزار 800 ڪيوسڪ آهي. خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 61 هزار 300 ڪيوسڪ جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 7 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 37 هزار ڪيوسڪ آهي جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 15 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 5 هزار 400 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1521.30 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 4.002 ملين ايڪڙ فٽ، منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1207.75 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 4.739 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 645.80 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.167 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 14 روزاني عبرت

۾ مقامي رهواسين کي به فوجي ۽ انتظامي ٺڪاڻن کان پري رهڻ جو مشورو ڏنو آهي هڪ سرڪاري بيان ۾ روسي پرڏيهي وزارت چيو ته روس يوڪرين جي گادي واري شهر ڪيف ۽ ٻين شهرن ۾ فوجي انفراسٽرڪچر خلاف مسلسل حملا جاري رکندو بيان ۾ انهن ڪارروائين کي ان قدمن جو سڌي ريت جواب قرار ڏنو ويو جن کي روس پنهنجي شهري آبادي ۽ ملڪي انفراسٽرڪچر خلاف يوڪريني فوج طرفان ڪيل دهشتگرد ڪارروائين جو نالو ڏنو آهي. روسي پرڏيهي وزارت طرفان جاري بيان ۾ وڌيڪ خبردار ڪيو ويو آهي ته امڪاني ناڪاري نتيجن جي ذميواري مڪمل طور تي انهن ماڻهن تي لاڳو هوندي جيڪي ان وارننگ کي نظر انداز ڪندا

بقايا 15 روزاني عبرت

سان مبينا مقابلي دوران 19 سالن کان گاڏيون چوري ڪرڻ ۾ ملوث جوابدار مارجي ويو جڏهن ته ان جا ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. اي ايس پي اي وي ايل سي موجب مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ درمحمد بروهي پٽ شيرعلي نالي سان ٿي آهي ۽ هو بين الصوبائي ڪار چوري ڪندڙ گروهه جو ميمبر هو مٿس ڪراچي جي مختلف ٿاڻن تي 47 ڪيس داخل هئا ۽ هو اڳ ۾ ست ڀيرا گرفتار به ٿي چڪو هو پوليس ٻڌايو ته مقابلي کانپوءِ جوابدار وٽان سعيد آباد ٿاڻي جي حد مان چوري ٿيل هڪ ڪار ۽ غير قانوني هٿيار هٿ ڪيا ويا. هو گاڏين جي چوري، پوليس مقابلن غير قانوني هٿيارن جي موجودگي ۽ منشيات جي ڏوهن سميت مختلف ڪيسن ۾ ملوث رهيو هو اختيارين جو چوڻ آهي ته مقابلي دوران فرار ٿي ويل ٻنهي ساٿين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا 16 روزاني عبرت

فون ڦرڻ ۽ چوري ڪندڙ مبينا منظم ٽولي جي 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو پوليس گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 310 موبائل فون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ لياقت علي ولد مهر علي، محمد علي عرف عادي ولد عابد ۽ محبوب عرف رومي ولد مشتاق طور ٿي آهي جوابدار مبينا طور هٿيارن جي زور تي شهرين کان موبائل فون ڦرڻ، چيٽو هڻڻ ۽ کيسا ڪٽي موبائل فون چوري ڪرڻ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار هڪ منظم گروهه جي صورت ۾ ٽن شفٽن ۾ وارداتون ڪندا هئا. جوابدار مبينا طور مسافرن کي سواري ڏيڻ جي بهاني رڪشا ۾ ويهاري ويران هنڌن تي وٺي ويندا هئا، جتي هٿيارن جي زور تي موبائل فون، روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦري وٺندا هئا پوليس موجب جوابدار مهراڻ هاءِ وي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ موبائل فون ڦرڻ ۽ ڌاڙن جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن. جوابدار مبينا طور چوري ۽ ڦريل موبائل فونن جا IMEI نمبر تبديل ڪرڻ ۾ پڻ ماهر هئا، جڏهن ته موبائل فون منظم طريقي سان شهر کان ٻاهر ۽ پرڏيهه منتقل ڪيا ويندا هئا پوليس ٻڌايو ته گرفتار جوابدارن خلاف شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي تي مختلف ڪيس پڻ داخل ٿيل آهن پوليس موجب جوابدارن کان پڇا ڳاڇا دوران گروهه جي ٻين مبينا ساٿين مزمل ولد ذوالفقار علي، صدام ولد ذوالفقار علي، دانيال پٺاڻ، رافع پٺاڻ، زوار گوپانگ ۽ امير گوپانگ جا نالا پڻ سامهون آيا آهن پوليس گروهه جي ٻين مبينا ساٿين جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي رهي آهي. جڏهن ته گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ وارداتن ۽ گروهه جي مبينا نيٽ ورڪ بابت جاچ جو دائرو پڻ وڌايو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن جي قبضي مان هٿ آيل موبائل فونن، روڪ رقم ۽ هٿيارن بابت پڻ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. جڏهن ته جوابدارن جي اڳوڻي ڏوهاري رڪارڊ جي جاچ سميت وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

آبنائي هرمز جي صورتحال سڌارڻ لاءِ آمريڪا کي تهران جون شرطون تسليم ڪرڻيون پونديون ايراني اختيارين موجب واشنگٽن طرفان موڪليل جواب تهران کي ملي ويو آهي جنهن جو مختلف ادارا جائزو وٺي رهيا آهن ايران جو موقف آهي ته آبنائي هرمز کي کولڻ بابت فيصلو ملڪ جي قومي سلامتي ۽ سامونڊي رستن جي تحفظ کي نظر ۾ رکندي ڪيو ويندو ايراني قيادت ساڳئي وقت اهو به واضح ڪيو آهي ته سفارتڪاري جو رستو مڪمل طور بند ناهي ڪيو ويو پر ڪنهن به قسم جو فوجي دٻاءُ يا ڌمڪي قبول نه ڪئي ويندي

بقايا 18 روزاني عبرت

پرڏيهي ميڊيا اتر ڪوريا جي سرڪاري ميڊيا جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته اتر ڪوريا جي اڳواڻ ڪم جونگ ان پنهنجي ڌيءَ سان گڏ ميزائيل جي تجرباتي لانچ جي نگراني ڪئي ميزائيل ۾ مبينه طور تي ميزائيل جي اڏام جو رستو درست ڪرڻ لاءِ مصنوعي ذهانت جو استعمال ڪيو ويو ميڊيا مطابق ڪم جونگ ان جي ڀيڻ چيو آهي ته مصنوعي ذهانت جي مدد سان ميزائيل گهڻ بلندي تي پنهنجي اڏام جو رستو مٽائڻ جي صلاحيت رکي ٿو جنهن جو مطلب آهي ته ان جي حملي کان بچڻ جو ڪو به رستو ناهي ميزائيل اوڀر سامونڊي شهر رونسان ويجهو هڪ هنڌ تان فائر ڪيو ويو ۽ ان 700 ڪلوميٽر (435 ميل) کان وڌيڪ فاصلو طئي ڪيو فوج ان حوالي سان وڌيڪ تفصيل ناهن ٻڌايا. سرڪاري ڪورين سينٽرل نيوز ايجنسي جي انگريزي ٻولي ۾ جاري ڪيل خبر موجب ڪم جونگ ان ميزائيل جي تجربي جي نگراني کان پوءِ چيو ته اڄ جي ان مشق ذريعي اسٽريٽجڪ ميزائيلن جو استعمال ڪرڻ فوجين پنهنجي پيشيوارانه صلاحيت ۽ جوابي حملي جي تياري جو ڀرپور مظاهرو ڪيو آهي اهو تجربو هائپر سونڪ اسٽريٽجڪ هٿيارن جي نظام کي هلائيندڙ فوجين جي تربيت ۾ مدد لاءِ ڪيو ويو اهو تجربو هڪ اهڙي وقت تي ڪيو ويو آهي. جڏهن ڏکڻ ڪوريا جي فوج اتر ڪوريا جي حڪومت کان هڪ ڌماڪي جي معافي گهرڻ جو مطالبو ڪيو جنهن ۾ 3 ڏکڻ ڪوريائي فوجي زخمي ٿيا هئا. ڏکڻ ڪوريا ان ڌماڪي جو الزام اتر ڪوريا تي لڳايو هو ۽ چيو هو ته اهو ڌماڪو غير فوجي علائقي ۾ ڪيو ويو اتر ڪوريا جي حڪومت گذريل مهيني ٿيل ڌماڪي جي ذميواري قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو

بقايا 19 روزاني عبرت

هزارين مردن عورتن ۽ ٻارن شرڪت ڪئي مارچ جي اڳواڻي جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان ڪئي جڏهن ته جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان خصوصي خطاب ڪيو جماعت اسلامي مينارٽي ونگ ڪراچي جي صدر يونس سوهن ايڊووڪيٽ مارچ جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي چيو ته جماعت اسلامي پيٽروليم ليوي خلاف 35 ڏينهن تائين ڌرڻو هڻيو پر ان دوران به فلسطيني ڀائرن ۽ ڀينرن کي نه وساريو ۽ سندن حق ۾ آواز بلند ڪندا رهياسين هن چيو ته جيڪڏهن نيتن ياهو واقعي حضرت موسيٰ عليه السلام جو پيروڪار هجي ها ته ڪڏهن به انسانن جو رت نه وهائي ها. جماعت اسلامي مينارٽي ونگ فلسطيني عوام سان گڏ هو ۽ هميشه گڏ رهندو غزه جي مفتي اعظم ڊاڪٽر محمد يوسف السبڪي خطاب ڪندي چيو ته غزه مارچ منعقد ڪرڻ تي حافظ نعيم الرحمان ۽ منعم ظفر خان جا ٿورائتا آهيون هن چيو ته نيتن ياهو غزه ۽ فلسطين ۾ دهشتگردي ڪري رهيو آهي جڏهن ته اهڙن وڏن مظاهرن سان فلسطين ۽ غزه جي عوام کي حوصلو ملي ٿو هن چيو ته غزه ۾ هر روز بمباري ڪئي وڃي ٿي ۽ عورتن ٻارن ۽ معصوم ماڻهن کي شهيد ڪيو پيو وڃي مسجد اقصيٰ اسان جي ايمان جو حصو آهي ۽ مسلمانن جي ذميواري آهي ته مسجد اقصيٰ جي حفاظت لاءِ متحد ٿين جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان چيو ته ڪراچي جي مائرن ڀينرن ڌيئرن ۽ مردن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو جن مختصر وقت ۾ وڏي انگ ۾ غزه مارچ ۾ شرڪت ڪئي هن چيو ته ڪراچي ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته اهل ڪراچي اهل غزه جي ڏک ۽ غم ۾ برابر جا شريڪ آهن 7 آڪٽوبر 2023ع تي طوفان الاقصيٰ جي شروعات ٿي ۽ فلسطينين پنهنجي مزاحمت سان ثابت ڪيو ته الله جي مدد سان ڪا به طاقت رڪاوٽ نٿي بڻجي سگهي هن چيو ته غزه کي بارود جو ڍير بڻايو ويو آهي. مسجدون، اسپتال، اسڪول ۽ پناهگاهون به محفوظ ناهن پر اهل غزه صبر ۽ استقامت سان بيٺل آهن هن چيو ته اسلامي ملڪن جي تعداد باوجود غزه سان انصاف نه ٿيڻ افسوسناڪ آهي مظلومن لاءِ بيهڻ ۽ ظالمن کي للڪارڻ جو وقت آهي جڏهن ته صهيوني شين جو بائيڪاٽ ڪرڻ به اسان جي ذميواري آهي الخدمت گذريل ٽن سالن کان اهل غزه جي خدمت ڪري رهي آهي جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو ته اهل ڪراچي کي سلام پيش ڪريان ٿو جن پنهنجي سمورن مسئلن باوجود وڏي انگ ۾ غزه مارچ ۾ شرڪت ڪري ثابت ڪيو ته سندن دليون اهل غزه سان گڏ ڌڙڪن ٿيون هن چيو ته 7 آڪٽوبر حماس جي مزاحمت جو اهڙو ڏينهن هو جنهن اسرائيل جي طاقت، غرور ۽ تڪبر کي چيلينج ڪيو هن چيو ته گذريل ٽن سالن کان فلسطينين خلاف سخت ڪارروايون ۽ نسل ڪشي جاري آهي غزه سان گڏ اولهه ڪناري ۾ به فلسطيني عوام کي نشانو بڻايو پيو وڃي اسرائيل کي آمريڪا جي مڪمل حمايت حاصل آهي، جڏهن ته مسلم ملڪن جي خاموشي به اسرائيل کي هٿي ڏئي رهي آهي حافظ نعيم الرحمان چيو ته جنگبندي باوجود بمباري جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن ۽ جنگبندي جي معاهدي تي مڪمل عملدرآمد ٿيڻ گهرجي هن چيو ته هاڻي وقت آهي ته پوري امت کي متحد ڪيو وڃي ۽ دفاعي معاهدي ۾ خطي جي سمورن لاڳاپيل ملڪن کي شامل ڪيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان کي پنهنجي باني جي فلسطين بابت اصولي پاليسي تي قائم رهڻ گهرجي پاڪستان جي عوام فلسطينين جي حق سان گڏ بيٺل آهي ۽ مسجد اقصيٰ جي آزادي لاءِ جدوجهد کي وڌيڪ تيز ڪرڻ گهرجي حافظ نعيم الرحمان چيو ته امت مسلمه کي فرقن جغرافيائي ورهاست کان مٿانهون ٿي فلسطين ۽ ڪشمير جي مظلوم عوام جي حمايت ڪرڻ گهرجي شيعا، سني ۽ ٻين سمورين مسلمان ڌرين کي اختلاف وساري گڏ ٿيڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته دفاعي تعاون ۾ بنگلاديش، قطر ۽ ٻين مسلمان ملڪن کي به شامل ڪيو وڃي جڏهن ته ملڪ اندر به جدوجهد جاري رکندي پنهنجي مقصد ۽ اصولن کي نظرانداز نه ڪيو ويندو

بقايا 20 روزاني عبرت

معاشري جي تعمير ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو جڏهن ته قومن جي ترقي ۽ خوشحالي جو راز معياري تعليم ۽ بهترين استادن ۾ لڪل آهي اهڙن خيالن جو اظهار استادن جي علمي ۽ تدريسي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ بهار فائونڊيشن پاران استادن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان گلشن معمار جي منهنجي امڙ پبلڪ لائبريري ۾ ڪوئايل استاد مڃتا ايوارڊ تقريب ۾ ڪيو تقريب ۾ مختلف سياسي ۽ سماجي اڳواڻن استادن اديبن شاعرن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي ناليواري اديب ۽ استاد ذوالفقار ٻهڻ چيو ته قومون تعليم ذريعي ئي ترقي جون منزلون طئي ڪن ٿيون جڏهن ته استاد علم سيکارڻ سان گڏ شاگردن ۾ شعور سمجهه پيدا ڪرڻ لاءِ مسلسل جاکوڙ ڪري ٿو هن چيو ته استاد جي عزت ۽ تعظيم صرف هڪ ڏينهن تائين محدود نه هجڻ گهرجي، پر هر ڏينهن استاد جي احترام جو ڏينهن آهي سماجي اڳواڻ محبوب عباسي چيو ته اڄ جي دنيا جديد سائنسي علم ۽ تحقيق جي بنياد تي اڳتي وڌي رهي آهي پر اهو علم شاگردن تائين پهچائڻ وارو بنيادي ڪردار استاد ئي ادا ڪري ٿو استاد ئي پڙهيل لکيل ۽ باشعور قوم جي تعمير ڪري ٿو تنهن ڪري سندس خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ ضروري آهي. پروفيسر نياز ٻرڙو چيو ته استاد هڪ پيغمبري پيشو آهي جيڪو علم جي روشني سان گڏ سماج جي تربيت ۽ اصلاح ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو هن چيو ته هڪ ذميوار استاد شاگردن جي مستقبل سان گڏ پوري معاشري جي مستقبل کي سنوارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو اعجاز پٽو چيو ته دنيا ۾ انهن ئي قومن ترقي ڪئي آهي جن تعليم کي اهميت ڏني ۽ کين سٺا ۽ قابل استاد ميسر ٿيا. سماجي اڳواڻ سچل وڏو چيو ته استاد معاشري جو اهم ڪردار آهي جيڪو وڏي محنت، لگن ۽ جاکوڙ سان نسلن جي تربيت ڪري ٿو اهڙن استادن کي مڃتا ڏيڻ هڪ مثبت ۽ ساراهه جوڳو عمل آهي جيڪو بهار فائونڊيشن پاران سرانجام ڏنو ويو آهي پنهل لاڙڪ چيو ته دنيا جا ڪيترائي معاشرا ان ڪري ترقي ڪري ويا آهن جو اتي استادن پنهنجون ذميواريون ايمانداري، سچائي ۽ فرض شناسي سان ادا ڪيون آهن تقريب کي قاسم پٺاڻ، مخدوم محمد علي ۽ صدر قريشي پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته شاعرن پنهنجي شاعري ذريعي استادن کي ڀيٽا پيش ڪئي تقريب جي پڄاڻيءَ تي ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ايمانداري، محنت ۽ ذميواري سان تدريسي خدمتون سرانجام ڏيندڙ استادن ۽ استادياڻين کي استاد مڃتا ايوارڊ پيش ڪري سندن علمي ۽ تدريسي خدمتن کي ساراهيو ويو

بقايا 21 روزاني عبرت

سعيد غني وقار مهدي، جماعت اسلامي جي اڳواڻ ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر محمد فاروق، ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ فاروق ستار آسيا اسحاق ۽ ٻين زخمين جو استقبال ڪيو ۽ کين گلن جا گلدستا پيش ڪيا. سنڌ جي مڪاني حڪومت واري وزير ناصر حسين شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بحري قزاقن جي حملي ۾ پاڪستانين سان پيش آيل واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ اسان سڀ شهيدن جي وارثن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون هن چيو ته زخمين جي علاج ۽ طبي سهولتن جا سمورا خرچ سنڌ حڪومت برداشت ڪندي، جڏهن ته زخمين کي ايئرپورٽ تان آغا خان اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي ناصر حسين شاهه چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏي وزير سنڌ جي هدايتن تي هو سعيد غني ۽ وقار مهدي سان گڏ ايئرپورٽ تي موجود آهن. جڏهن ته گورنر سنڌ نهال هاشمي ايم ڪيو ايم اڳواڻ فاروق ستار جماعت اسلامي جي محمد فاروق ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ زخمين جي استقبال لاءِ موجود آهن هن چيو ته الله تعاليٰ شهيد ٿيل ماڻهن جي مغفرت فرمائي وارثن کي صبر جميل عطا ڪري ۽ زخمين کي جلد مڪمل صحت عطا فرمائي اسان سڀ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون

بقايا 22 روزاني عبرت

تي ڪنهن به قسم جو فوجي يا سياسي دٻاءُ قبول نه ڪيو ويندو هن چيو ته تهران ڪنهن اهڙي معاهدي تي صحيح ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جيڪو ايران جي خودمختياري ۽ قومي مفادن کي متاثر ڪري. عباس عراقچي موجب ايران ڳالهين ذريعي مسئلي جو حل ڳولڻ لاءِ تيار آهي تنهن هوندي به ملڪ پنهنجي دفاعي صلاحيتن کي نظرانداز نه ڪندو هن چيو ته جيڪڏهن آمريڪا يا ڪنهن ٻئي ڌر طرفان ايران خلاف فوجي ڪارروائي ڪئي وئي ته تهران پنهنجي دفاع جو حق استعمال ڪندو ايراني اختيارين جو چوڻ آهي ته سفارتڪاري جو دروازو کليل رکڻ جو مقصد ڇڪتاڻ گهٽائڻ آهي پر ان جو مطلب ايران طرفان پنهنجن بنيادي مطالبن تان پوئتي هٽڻ ناهي

بقايا 23 روزاني عبرت

ملير پاران ريڙهي ميان جي سمنڊ وچ ۾ هڪ يادگار ميڙاڪو ۽ مشاعرو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ صحافين اديبن، شاعرن ۽ سماجي شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ سينيئر صحافي يونس مهر، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، مجيب سنڌي، سيد غفور شاهه تقوي، لجپت راءِ، نصرالله جمالي، سڪندر سروان، امرتا ڏاهري، قمبر ٻٽ، اصغر مهراڻي، رجب پنڊ ۽ ٻين اديبن شاعرن ۽ صحافين شرڪت ڪئي ميڙاڪي دوران مقررن سينيئر صحافي عبداش پنهور جي صحافتي، ادبي ۽ سماجي خدمتن کي ساراهيندي کيس شاندار لفظن ۾ ڀيٽا پيش ڪئي. اڳواڻن چيو ته عبداش پنهور پنهنجي قلم فڪر ۽ صحافتي جدوجهد وسيلي سماج جي مختلف مسئلن کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو مقررن چيو ته عبداش پنهور هڪ ذميوار صحافي هجڻ سان گڏ ادب ۽ سماج سان گهرو لاڳاپو رکندڙ شخص هو هن پنهنجي لکڻين ۽ صحافتي سرگرمين ذريعي عام ماڻهن جي مسئلن، محرومين ۽ سماجي معاملن کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن سبب سندس خدمتون صحافتي ۽ ادبي حلقن ۾ ياد رکيون وينديون هن وڌيڪ چيو ته اهڙيون يادگار تقريبون نه رڳو وڇڙيل قلمڪارن ۽ صحافين جي خدمتن کي ياد ڪرڻ جو ذريعو بڻجن ٿيون پر نئين نسل کي پڻ پنهنجي بزرگن جي فڪري، ادبي ۽ صحافتي ورثي سان ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون تقريب جي ٻئي حصي ۾ مشاعرو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شاعرن پنهنجي شاعري پيش ڪري ماحول کي ادبي رنگن سان ڀري ڇڏيو شاعرن پنهنجي ڪلام ذريعي عبداش پنهور جي شخصيت، سندس قلم سان وابستگي سنڌ جي ڌرتي، سماجي احساسن ۽ انساني قدرن کي اجاگر ڪيو ريڙهي ميان جي سمنڊ وچ ۾ منعقد ٿيل هي ميڙاڪو پنهنجي منفرد ماحول ۽ ادبي رنگ سبب شرڪت ڪندڙن لاءِ يادگار بڻجي ويو آخر ۾ عبداش پنهور جي صحافتي ۽ ادبي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي سندس مغفرت ۽ بلند درجات لاءِ دعا پڻ ڪئي وئي

بقايا 24 روزاني عبرت

جو نشان آهي حق جي ويڙهه جي ياد شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت جي نشاني آهي سنڌ سماءَ واري وزارت ۽ ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي جي گڏيل سهڪار سان منعقد ٿيل تقريب ۾ وطن جي دفاع جي عظيم داستان جي عڪاسي ان يادگار کي هاڻي عوام لاءِ کولي ڇڏيو آهي پرجوش ۽ رنگا رنگ تقريب ۾ موسيقي جو پروگرام ۽ شاندار پروجيڪشن ميپنگ شو پيش ڪيو ويو جنهن ۾ حق جي ويڙهه ۾ فتح کي اجاگر ڪيو ويو پاڪستان سان محبت جو اظهار ڪرڻ لاءِ يادگار فتح تي عوام جي تمام وڏي رش هئي عوام جوش جو مظاهرو ڪندي هزارين جي تعداد ۾ يادگار فتح تي پهتو ان موقعي تي ٻارن جي هٿن ۾ جهنڊا، بزرگن جي اکين ۾ ڳوڙها ۽ هر دل ۾ فخر نمايان محسوس ٿي رهيو هو يادگار فتح عوام لاءِ کلي ته ائين محسوس ٿيو ڄڻ پورو پاڪستان هڪ جاءِ تي گڏ ٿيو آهي مبصرن موجب يادگار فتح جو اهو بي مثال منظر صرف هڪ ڏينهن جو جشن نه پر هڪ نئين دور جي شروعات آهي قوم اهو عزم ڪيو آهي ته هاڻي صرف ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي جي رستي تي گامزن رهنداسين ۽ پاڪستان کي دنيا جي نقشي تي بلند مقام ڏيارينداسين اکين ڏٺن شاهدن موجب يادگار فتح تي شهرين جي رش اپ ڏاريندڙ نعرا ۽ جذبي سان ڀرپور آمد ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته عوام ۽ ان جي محافظن وچ ۾ محبت، اعتماد جو رشتو ناقابل تسخير آهي جنهن کي ڪا به سازش ڪمزور نه ٿي ڪري سگهي ان موقعي تي اسلام آباد جي فضا ۾ احتجاج جا نعرا نه پر پاڪستان زنده باد جا نعرا بلند ۾ اچي رهيا هئا يادگار فتح عوام لاءِ کلي ته قوم ترقي استحڪام ۽ فتح جي رستي تي پنهنجي اعتماد جو اظهار ڪيو تقريب ۾ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ سماجي ۽ سياسي شخصيتن سميت راندين جي دنيا سان چاچا ڪرڪيٽ ۽ ٻيا نمايان رانديگر پڻ موجود هئا. پاڪستان شطرنج فيڊريشن جي سربراهه ذيشان نقوي شطرنج گولڊ ميڊل حاصل ڪيل رانديگرن سان گڏ تقريب ۾ موجود هو تقريب ۾ مختلف اسڪولن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اي پي پي سان ڳالهائيندي سنڌ سماءَ واري وزارت جي سيڪريٽري اشفاق احمد خليل چيو ته يادگار فتح جي هيءَ يادگار نشاني قوم جي ان ڪاميابي جي نشاني آهي جنهن جو بنياد جرئت، بهادري ۽ اٽل عزم تي رکيو ويو آهي هن "يادگار فتح" جي افتتاح کي قوم ۽ ايندڙ نسلن لاءِ فخر جوڳو لمحو قرار ڏنو تقريب دوران پروجيڪشن ميپنگ ٽيڪنالاجي ذريعي شرڪت ڪندڙن کي يادگار فتح جي تعمير جي شروعات کان تڪميل تائين جي سفر کي اجاگر ڪيو ويو دستاويزي فلم ۾ ٻڌايو ويو ته يادگار ۾ پنج محراب تعمير ڪيا ويا آهن جيڪي اسلام جي پنجن رڪنن جي نشاني آهن اهي محراب پاڪستان جي پنجن ٿنڀن جي نمائندگي ڪن ٿا، جن ۾ حڪومت، عسڪري قوت، ميڊيا، عوام ۽ قومي نظريو شامل آهن يادگار جو ڊيزائن پاڪستان جي هٿياربند فوج جي ٽنهي سروسز يعني، سامونڊي، زميني ۽ هوائي فوج سان گڏوگڏ سائبر دفاع ۽ خلائي جنگ جي پڻ عڪاسي ڪئي ٿي تقريب دوران ڳالهائيندي قومي ڪرڪيٽر رضا الله پاڪستاني فوج جي بهادري ۽ قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته اسان جي فوج ماضي ۾ پڻ دشمن کي عبرتناڪ شڪست ڏني آهي ۽ مستقبل ۾ پڻ دشمن کي شڪست ڏني ويندي هن وڌيڪ چيو ته هن کي پاڪستاني هجڻ تي فخر محسوس ٿي رهيو آهي ان موقعي تي چاچا ڪرڪيٽ حق جي ويڙهه ۾ شاندار ڪاميابي تي پوري قوم کي مبارڪون ڏيندي چيو ته مادر وطن لاءِ هزارين جانيون قربان آهن هن چيو ته پاڪستان پنهنجي ڪاميابين جي ڪري اڄ سڄي دنيا ۾ نمايان مقام حاصل ڪيو آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

آزادي لاءِ احتجاجي ڌرڻي هڻندي ٻاءِ پاس کي بند ڪري ڇڏيو حيدرآباد پوليس جا وڏا اڪالا احتجاج واري هنڌ تي پهچي ويا پوليس احتجاج ڪندڙن مٿان ڪڙڪي پئي ڪيترائي ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا پوليس احتجاج ختم ڪرائيندي روڊ کولرائي ڇڏيو حيدرآباد ۾ پي ٽي آءِ جي امڪاني احتجاج کي سامهون رکندي حيدرآباد پوليس مختلف رستن ۽ چوڪن تي الرٽ ٿي وئي آهي

بقايا 26 روزاني عبرت

سروس مطابق ضلعي ڊارجلنگ جي علائقي متي گارا - باگڊوگرا ۾ بالاسن درياهه ويجهو ڌارٻاري ڳوٺ ۾ هندو انتهاپسندن 5 ڄڻن تي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 مسلمان نوجوان فوت، جڏهن ته 3 زخمي ٿي پيا مقتولن جي سڃاڻپ شاهد اختر ۽ سڄاد محمد جي نالي سان ٿي آهي. جڏهن ته حملي ۾ امير ستان اڪرم خان ۽ عارف خان زخمي ٿيا پوليس ۽ مقامي ماڻهن مطابق اهي ماڻهو هڪ پڪ اپ وين ۽ هڪ ڪار ۾ سفر ڪري رهيا هئا ته متي گارا - باگڊوگرا سرحد ويجهو ڳوٺ وارن کي انهن جي موجودگي تي شڪ ٿيو پوليس ٻڌايو ته ميڙ انهن تي حملو ڪيو انهن جي پڪ اپ وين کي باهه ڏئي ڇڏي

بقايا 27 روزاني عبرت

مستقبل جي گهرجن سان هم آهنگ ۽ مصنوعي ذهانت، موسمياتي تبديلي، فني ترقي ۽ روزگار جي علم تي ٻڌل تعليم جو نظام ئي روشن مستقبل جي ضمانت آهي. تعليم جي نظام کي قابليت، معياري ۽ عالمي گهرجن موجب بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق اهڙن خيالن جو اظهار وزيراعظم محمد شهباز شريف استادن جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو جيڪو اڄ ملهايو پيو وڃي هن چيو ته استادن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي مان پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ مستقبل جي معمار نوجوانن جي تعليم ۽ تربيت جهڙي مقدس فرض تي مقرر استادن کي دلي طور خراج تحسين پيش ڪيان ٿو هن چيو ته استاد نوجوانن جي انفرادي تربيت، شخصي صلاحيتن کي نکارڻ، علم ۽ ڄاڻ ۾ اضافي جي ناقابل فراموش ڪردار جي حيثيت رکن ٿا نوجوانن جي ذهني واڌ ويجهه، فڪري ارتقا ۽ نسلن جي رهنمائي سبب استاد گڏيل سماجي اثاث ۽ معاشرتي قدرن کي به متعين ڪن ٿا. وزيراعظم چيو ته استادن جي لگن علم ۽ عزم بنا ڪنهن شڪ جي قومن جي مستقبل جي جوڙجڪ ڪري ٿي استاد ڪامياب تعليمي نظام جو بنيادي ٿنڀ آهن جيڪي شاگردن ۾ علم جي جستجو ۽ بدلجندڙ دنيا ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ اعتماد ۽ گهربل مهارتن سان تيار ڪن ٿا. هن چيو ته نوجوانن جي ڪردار سازي ۾ درسگاهون ۽ استاد حقيقت ۾ ملڪي ترقي ۽ خوشحالي جو بنياد مضبوط ڪن ٿا. پاڪستان جي ترقي جو دارومدار اسان جي تعليمي نظام جي معيار ۽ خاص ڪري قابل استادن جي عزم ۽ محنت تي آهي هن چيو ته موجوده دور جا نوان چئلينجز ان ڳالهه جا گهرجائو آهن ته اسان پنهنجي شاگردن جي علم کان علاوه تنقيدي سوچ، تخليقي صلاحيت، اخلاقي قدرن حالتن مطابق ٿيڻ جي سگهه ۽ سڄي زندگي سکڻ جي تربيت به ڪيون وزيراعظم چيو ته سڄي ملڪ ۾ دانش اسڪول اصل ۾ معياري تعليم کي قابل ۽ باصلاحيت شاگردن جي دسترس ۾ رکڻ جي ڪوشش آهن وزيراعظم چيو ته تعليمي موقعن جي هڪجهڙي فراهمي لاءِ حڪومتي عزم دانش اسڪولن جي دائره ڪار ۾ واڌ مان به ظاهر آهن باصلاحيت ۽ مستحق ٻار خاص ڪري معاشي طور پٺتي پيل ۽ تعليمي سهولتن کان محروم علائقن سان تعلق رکندڙ ٻارن کي معياري تعليم جا موقعا فراهم ڪرڻ ترجيح آهي هن چيو ته تعليمي نظام جي بهتري ۾ استادن جو اهم ڪردار آهي. حڪومت استادن جي معياري پيشيوارانه تربيت، جديد تعليمي وسيلا ۽ سازگار ماحول جي فراهمي لاءِ پرعزم آهي اسلام آباد ۾ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ايڪسيلينس ان ٽيچر ايجوڪيشن جو قيام ان ئي رخ ۾ هڪ اهم قدم آهي جيڪو استادن کي موجوده دور جي تعليمي گهرجن مطابق علم مهارتن ۽ تعليمي طريقيڪار سان تيار ڪرڻ ۾ يقيني طور تي مددگار ثابت ٿيندو هن چيو ته حڪومت قومي نصاب پاڪستان ذريعي نصاب ۾ سڌارن تي به ڀرپور ڪم ڪري رهي آهي ان کي نظر ۾ رکندي حڪومت، صوبن ۽ ٻين لاڳاپيل پائيوارن جي تعاون سان قومي سطح تي هم آهنگ تعليمي معيار، قابليت، تنقيدي سوچ، تخليقي صلاحيت ۽ مستقبل جي ضرورتن تي ٻڌل معقول نصاب لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. وزيراعظم چيو ته نيوٽيڪ ۽ وزيراعظم يوٿ اسڪلز ڊولپمينٽ پروگرام جهڙا پيشيوارانه تربيت جا موقعا نوجوانن لاءِ نمايان قدم آهن اهي تربيت صنعتي طلب ۽ عملي ضرورتن مطابق نوجوانن جي فني سگهه کي وڌائڻ تي ٻڌل آهي وزيراعظم چيو ته اڄ استادن جي ڏينهن تي مان قدر جوڳن استادن کي اپيل ڪيان ٿو ته هو خلوص واري نيت سان پنهنجون خدمتون جاري رکن خاص ڪري ملڪ جي ڏورانهن پٺتي پيل علائقن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ استادن جي لگن ۽ خدمت جي جذبي کي خراج تحسين پيش ڪيان ٿو وزيراعظم چيو ته ديانتداري، همدردي، رواداري، نظم و ضبط، تخليقي صلاحيت، گڏيل احترام ۽ حب الوطني جي جذبي جهڙن قدرن سان نئون نسل ئي انشاالله مستقبل سنڀاليندو

بقايا 28 روزاني عبرت

ڪنهن به صورت 9 مئي جهڙا واقعا ٻيهر ٿيڻ نه ڏيندي، ان سڄي معاملي کي خراب ڪرڻ جو ذميوار پي ٽي آءِ جو وڏو وزير آهي جيڪڏهن هڪ به زندگي ضايع ٿئي ٿي ته ان جو ذميوار به سهيل آفريدي هوندو آچر ڏينهن قذافي اسٽيڊيم ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته حڪومت ۽ پي ٽي آءِ وچ ۾ ڳالهيون ون ون صورتحال ۾ پهچي ويون هيون پر ڪي پي جي وڏي وزير طرفان معاهدي جي مسودي ۾ هر هر تبديليون ڪرڻ سبب معاملا خراب ٿيا، ڳالهيون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ حڪومت اسلام آباد تي ڪنهن به صورت ۾ ڪاهه ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندي، هن چيو ته صدر مملڪت ۽ وزيراعظم مڪمل طور تي رابطي ۾ آهن هن صدر مملڪت کي فائنل ڊرافٽ ڏيکاريو هو جڏهن ته واپس اچڻ تي خبر پئي ته ڪي پي جي وڏي وزير ان ۾ تبديليون ڪري ڇڏيون آهن هڪ هڪ ڪري سمورا معاملا حل ڪيا ويا هئا، پر بعد ۾ ان ڊرافٽ ۾ وڌيڪ تبديلين جو چيو ويو ۽ 4 ڀيرا مسودي ۾ تبديليون ڪيون ويون هن چيو ته ڳالهين واري عمل ۾ علامه ناصر عباس، اسد قيصر بئريسٽر گوهر ۽ عامر ڊوگر نيڪ نيتي سان ڪوشش ڪئي، جڏهن ته بدقسمتي سان سندن پنهنجي پارٽي طرفان ڳالهين کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيڪڏهن فيصلا سهيل آفريدي کي ئي ڪرڻا هئا ته کيس پاڻ ڳالهين ۾ شامل ٿيڻ گهرجي ها. محسن نقوي چيو ته ٻه ڏينهن اڳ هن بئريسٽر گوهر کي چيو هو ته ڪي پي جو وڏو وزير پنهنجو نمائندو موڪلي ته جيئن صوبي ۾ دهشتگردي جي حوالي سان درپيش ڏکيائين تي ان سان ڳالهائي سگهجي لاڳاپيل ماڻهو ڪي پي جي وڏي وزير سان ڳالهيون ڪري واپس اچي جڏهن ته ان بعد ۾ ڊرافٽ ۾ تبديليون سامهون اينديون رهيون. هن چيو ته سهيل آفريدي کي ڳالهين لاءِ گهرايو ويو پر هو نه آيو گهرو وزير چيو ته جيڪڏهن حڪومت کي اندازو هجي ها ته اپوزيشن ڪميٽي ۾ ڪو اهڙو شخص موجود ناهي جنهن وٽ ڪي پي جي حڪومت جو مينڊيٽ هجي ها ته ڳالهيون نه ڪيون وڃن ها. هن چيو ته حڪومتي ميمبرن به نيڪ نيتي سان مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ حڪومتي ڪيمپ به ان جو ڪريڊٽ وٺڻ جي حقدار آهي هن چيو ته ڳالهين ۾ ڇهن کان ست نقطا هئا ۽ انهن ۾ ڪو به اهڙو نقطو نه هو جنهن جو تعلق سياست سان هجي، سمورا معاملا دهشتگردي جي حوالي سان هئا، حڪومت چاهي ٿي ته ڪي پي ڪي ۾ دهشتگردي خلاف سڀئي گڏجي ويهن، اهو نٿو ٿي سگهي ته صوبي ۾ دهشتگردي جاري هجي ۽ صوبائي حڪومت جا وزير فوج خلاف بيان ڏين يا شهيدن جي جنازن ۾ شرڪت نه ڪن. محسن نقوي چيو ته حڪومت وٽ شڪايتون آهن ته مقامي سطح تي دهشتگردن کي حمايت فراهم ڪئي پئي وڃي جنهن جي جاچ ۽ تدارڪ ضروري آهي هن چيو ته سهيل آفريدي 9 لڳي 15 منٽن تي متحرڪ ٿيو هڪ ڀيري تبديلي جو چيو ويو ۽ ٻئي ڀيري به تبديلي ڪئي وئي ان جو مقصد ڇا هو؟ اهو سوال اهم آهي گهرو وزير واضح ڪيو ته حڪومت طرفان لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جي ڪا به درخواست ناهي ڪئي وئي، جيتوڻيڪ پيپلز پارٽيءَ ان کي لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جو چيو هو هن چيو ته حڪومت اڳ ئي واضح ڪري چڪي هئي ته لانگ مارچ شروع ٿيڻ جي صورت ۾ ڳالهيون ختم ٿي وينديون هن چيو ته احتجاج هر ڪنهن جو حق آهي پر اسلام آباد تي ڪاهه ڪرڻ جي اجازت ڪنهن کي به نه ڏني ويندي، ڌرڻي لاءِ جمع ٿيل ماڻهو قانون ۽ عدالت جي حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪندا ته انهن خلاف ڪارروائي ۽ ڪيس هلايا ويندا. هن علامه ناصر عباس، اسد قيصر بئريسٽر گوهر ۽ عامر ڊوگر جو ڳالهين ۾ نيڪ نيتي سان ڪردار ادا ڪرڻ تي ٿورو مڃيو ۽ چيو ته اسد قيصر شروعات ۾ تمام سلو جواب ڏنو هو گهرو وزير چيو ته صدر مملڪت ۽ وزيراعظم مڪمل طور رابطي ۾ آهن ۽ جيڪو به فيصلو ڪيو ويندو اهو ملڪ جي بهترين مفاد ۾ هوندو

بقايا 29 روزاني عبرت

جي ڪوريج ڪندڙ پارلياماني رپورٽرز ۽ ڪئميرامينز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پارلياماني رپورٽرز گذريل 2 ڏينهن کان مسلسل اهم ڪوريج ۾ مصروف رهيا. "ايڪس" تي آچر ڏينهن پنهنجي پوسٽ ۾ سينيٽر شيري رحمان پارلياماني رپورٽرز ۽ ڪئميرامينز کي مخاطب ٿيندي چيو ته توهان سڀني جي محنت ۽ خوشدلي جي جيتري تعريف ڪجي اها گهٽ آهي، سخت حالتن ۾ به توهان سڀني بهترين ڪم ڪيو آهي

بقايا 30 روزاني عبرت

گاڏين جي وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 17 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق ڪينيا جي نيشنل ٽرانسپورٽ اينڊ سيفٽي اٿارٽي جي حوالي سان ٻڌايو ته حادثو گادي واري هنڌ نيروبي کان اٽڪل 90 ڪلو ميٽر ڏکڻ اوڀر ۾ واقع سالاما نالي علائقي ۾ پيش آيو اهو روڊ گادي واري هنڌ کي سامونڊي شهر ممباسا سان ملائي ٿو فوتين مان 14 ڄڻا هڪ مني بس ۾ هڪ مذهبي هنڌ طرف وڃي رهيا هئا. ان بس کي پويان کان ايندڙ هڪ ٽرڪ ٽڪر هڻي جنهن کان اڳ هڪ ٻي گاڏي ٽڪرائجي وئي هئي

بقايا 31 روزاني عبرت

بنيادي تعلق کي برقرار رکندي استادن کي نئين ٽيڪنالاجيز جي استعمال لاءِ معاونت فراهم ڪرڻ گهرجي هن اها ڳالهه استادن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي، جيڪو 5 آڪٽوبر تي پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ملهايو پيو وڃي. صدر مملڪت ان ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان سميت سڄي دنيا جي استادن کي مبارڪ پيش ڪندي تعليم، انساني ترقي ۽ قومي تعمير ۾ سندن خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته استاد هر تعليمي نظام جو مرڪز ۽ محور هوندو آهي جيڪو علم جي فراهمي سان گڏوگڏ شاگردن ۾ تحقيق ۽ جستجو کي وڌائڻ، ڪردار سازي ۽ نوجوانن کي معاشري جو ذميوار ۽ فائديمند ماڻهو بڻجڻ لاءِ گهربل مهارتن ۽ قدرن سان روشناس ڪرائي ٿو هن چيو ته استادن جو اثر ۽ ڪردار ڪلاس روم کان اڳتي تائين ڦهليل آهي ۽ ان جا اثر خاندانن ۽ معاشرن جي زندگين ۾ نمايان هوندا آهن هن چيو ته هلندڙ سال استادن جي عالمي ڏينهن جي اهميت ان لاءِ به وڌي وئي آهي ته "استادن جو مقام" بابت 1966ع جي آءِ ايل او / يونيسڪو سفارشن جي 60 هين سالگرهه جي موقعي تي ملهايو پيو وڃي هن سال جو موضوع "استادن سان گڏ بيهڻ: 60 سال تائين پيشي جو تحفظ، ان جي رتبي کي اڳتي وڌائڻ ۽ اسان جي مستقبل جي جوڙجڪ" استادن جي اهميت کي تسليم ڪرڻ ۽ کين گهربل پيشيوارانه معاونت ۽ موقعا فراهم ڪرڻ جي ضرورت کي اجاگر ڪري ٿو صدر مملڪت چيو ته پاڪستان ۾ تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ موقعن ۾ اضافي لاءِ تعليم جي شعبي کي مضبوط بڻائڻ اٽل آهي اسان کي استادن جي تعليم پيشيوارانه ترقي ۽ مددگار تعليمي ماحول ۾ مسلسل سيڙپڪاري جاري رکڻي پوندي ته جيئن هو پنهنجي شاگردن جي بدلجندڙ تعليمي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ بهتر طور تي تيار رهن

بقايا 32 روزاني عبرت

پاڪستان جي عظيم الشان فتح جي نشاني "يادگار فتح" جي مهورت واري ۾ وقار عوامي تقريب منعقد ڪئي وئي، جيڪا قوم جي عزم ۽ شجاعت جي روشن تاريخ جو نشان آهي حق جي ويڙهه جي ياد شهيدن ۽ غازين کي خراج عقيدت جي نشاني آهي سنڌ سماءَ واري وزارت ۽ ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي جي گڏيل سهڪار سان منعقد ٿيل تقريب ۾ وطن جي دفاع جي عظيم داستان جي عڪاسي ان يادگار کي هاڻي عوام لاءِ کولي ڇڏيو آهي پرجوش ۽ رنگا رنگ تقريب ۾ موسيقي جو پروگرام ۽ شاندار پروجيڪشن ميپنگ شو پيش ڪيو ويو جنهن ۾ حق جي ويڙهه ۾ فتح کي اجاگر ڪيو ويو پاڪستان سان محبت جو اظهار ڪرڻ لاءِ يادگار فتح تي عوام جي تمام وڏي رش هئي عوام جوش جو مظاهرو ڪندي هزارين جي تعداد ۾ يادگار فتح تي پهتو ان موقعي تي ٻارن جي هٿن ۾ جهنڊا، بزرگن جي اکين ۾ ڳوڙها ۽ هر دل ۾ فخر نمايان محسوس ٿي رهيو هو يادگار فتح عوام لاءِ کلي ته ائين محسوس ٿيو ڄڻ پورو پاڪستان هڪ جاءِ تي گڏ ٿيو آهي مبصرن موجب يادگار فتح جو اهو بي مثال منظر صرف هڪ ڏينهن جو جشن نه پر هڪ نئين دور جي شروعات آهي قوم اهو عزم ڪيو آهي ته هاڻي صرف ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي جي رستي تي گامزن رهنداسين ۽ پاڪستان کي دنيا جي نقشي تي بلند مقام ڏيارينداسين اکين ڏٺن شاهدن موجب يادگار فتح تي شهرين جي رش اپ ڏاريندڙ نعرا ۽ جذبي سان ڀرپور آمد ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته عوام ۽ ان جي محافظن وچ ۾ محبت، اعتماد جو رشتو ناقابل تسخير آهي جنهن کي ڪا به سازش ڪمزور نه ٿي ڪري سگهي ان موقعي تي اسلام آباد جي فضا ۾ احتجاج جا نعرا نه پر پاڪستان زنده باد جا نعرا بلند ۾ اچي رهيا هئا يادگار فتح عوام لاءِ کلي ته قوم ترقي استحڪام ۽ فتح جي رستي تي پنهنجي اعتماد جو اظهار ڪيو تقريب ۾ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ سماجي ۽ سياسي شخصيتن سميت راندين جي دنيا سان چاچا ڪرڪيٽ ۽ ٻيا نمايان رانديگر پڻ موجود هئا. پاڪستان شطرنج فيڊريشن جي سربراهه ذيشان نقوي شطرنج گولڊ ميڊل حاصل ڪيل رانديگرن سان گڏ تقريب ۾ موجود هو تقريب ۾ مختلف اسڪولن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اي پي پي سان ڳالهائيندي سنڌ سماءَ واري وزارت جي سيڪريٽري اشفاق احمد خليل چيو ته يادگار فتح جي هيءَ يادگار نشاني قوم جي ان ڪاميابي جي نشاني آهي جنهن جو بنياد جرئت، بهادري ۽ اٽل عزم تي رکيو ويو آهي هن "يادگار فتح" جي افتتاح کي قوم ۽ ايندڙ نسلن لاءِ فخر جوڳو لمحو قرار ڏنو تقريب دوران پروجيڪشن ميپنگ ٽيڪنالاجي ذريعي شرڪت ڪندڙن کي يادگار فتح جي تعمير جي شروعات کان تڪميل تائين جي سفر کي اجاگر ڪيو ويو دستاويزي فلم ۾ ٻڌايو ويو ته يادگار ۾ پنج محراب تعمير ڪيا ويا آهن جيڪي اسلام جي پنجن رڪنن جي نشاني آهن اهي محراب پاڪستان جي پنجن ٿنڀن جي نمائندگي ڪن ٿا،

بقايا 33 روزاني عبرت

سيڪيورٽي صورتحال ۽ سيڪيورٽي معاملن کي سياسي مداخلت کان محفوظ رکڻ جي ضرورت کي نظر ۾ رکڻ صوبي ۾ دهشتگردن جي آزاد سرگرمين ۽ محفوظ پناهه گاهن کي ختم ڪرڻ ٽي ٽي پي، ٽي ٽي اي ۽ ٻين سمورن دهشتگرد گروپن جي مذمت ۽ افغان پناهگيرن بابت قومي پاليسي، جنهن ۾ خيبر پختونخواه سان افغان ڪيمپن جو خاتمو ۽ حمايت شامل هئي. وفاقي گهرو وزير چيو ته معاهدي ۾ عارضي افغان حڪومت سان ڪنهن به قسم جا رابطا نه رکڻ دهشتگردي جي روڪٿام وارين ڪارروائين پوليس لاءِ فنڊ مختص ڪرڻ دهشتگردي جي روڪٿام وارن قدمن جي مڪمل صوبائي ذميواري قبول ڪرڻ ۽ فوج سان سهڪار وڌيڪ مضبوط بڻائڻ اڳوڻي فاٽا ۽ ضم ٿيل ضلعن مان دهشتگردي جي روڪٿام جي حوالي سان فيصلا ڪرڻ ۽ نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ شامل هو جڏهن ته گذريل رات ڳالهين جي آخري مرحلي دوران ڪي پي ڪي حڪومت انهن واعدن کان پوئتي هٽي وئي هن چيو ته صوبو جنگ واري صورتحال جو شڪار آهي ان لاءِ سيڪيورٽي کي سياسي رنگ نه ڏيڻ گهرجي

بقايا 34 روزاني عبرت

سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب صدر مملڪت آپريشن دوران وڏي تعداد ۾ هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو هٿ ڪرڻ ۽ فتنه الخوارج جي اهم دهشتگردن کي انهن جي انجام تائين پهچائڻ تي سيڪيورٽي اهلڪارن جي ڀرپور حوصلا افزائي ڪئي صدر مملڪت چيو ته پرڏيهي سرپرستي ۽ مقامي سهولتڪارن جي مدد سان سرگرم عمل دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيڻ ڏنو ويندو هن چيو ته عزم استحڪام ويزن تحت فتنه الخوارج خلاف ڪارروايون پوري طاقت سان جاري رهنديون صدر آصف علي زرداري وڌيڪ چيو ته ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون جاري رهنديون پوري قوم ملڪ جي بهادر پٽن کي ملڪي امن ۽ سلامتي لاءِ جان جي قرباني ڏيڻ تي سلام پيش ڪري ٿي

بقايا 35 روزاني عبرت

جون قيمتون گهٽ ٿينديون ئي پاڪستان ۾ به پيٽروليم شيون سستيون ڪيون وينديون خيبر پختونخوا ۾ دهشتگرد ٻيهر سرگرم ٿيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن رياست جو تحفظ اولين ترجيح آهي قوم دهشتگردي خلاف پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهي مڪي گڏيل معاهدي تحت ترڪيه سان گڏجي سعودي جو دفاع ڪنداسين انهن خيالن جو اظهار هن آچر تي پنهنجي تڪ مغليوره ۾ عوامي ميڙاڪي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو وفاقي وزير چيو ته ملڪ ۽ خطي کي هن وقت هڪ وڏي چئلينج کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي خيبر پختونخوا ۾ دهشتگردي جي ٻيهر وڌندڙ واقعن تي ڳڻتي آهي موجوده حالتون قومي اتحاد ۽ يڪجهتي جون گهرجائو آهن دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪي سرحدن جي تحفظ لاءِ پوري قوم کي پنهنجي عسڪري قيادت سان گڏ بيهڻو پوندو هن چيو ته هي ملڪ آهي ته اسان آهيون ملڪ ناهي ته ڪجهه به ناهي هي وقت سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ۽ سياست جو نه پر قومي مفادن کي مقدم رکڻ جو آهي، اسان کي ان ڳالهه جو احساس ڪرڻو پوندو ته ڪٿي اسان جون سياسي مصلحتون رياست کي اهڙو نقصان نه پهچائين جنهن تي ايندڙ نسلن کي شرمندگي جو منهن ڏسڻو پئجي وڃي هن چيو ته سندس خاندان خلاف پڻ دهشتگردي جا ڪيس ٺاهيا ويا، پر ان باوجود سندس موقف آهي ته قومي مفادن لاءِ سمورا اختلاف وساري حڪومت ۽ رياست جا هٿ مضبوط ڪرڻا پوندا. وفاقي وزير چيو ته شهيد هن وطن جو فخر آهن جن ملڪي سلامتي ۽ بقا لاءِ پنهنجي حياتين جو نذرانو پيش ڪيو پوري قوم کين سلام پيش ڪري ٿي، سندن قربانين جي تقاضا آهي ته سمورا سياسي اختلاف وساري قومي قيادت ۽ عسڪري قيادت هڪ صفحي تي هجن هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ ٻي قيادت ڪيترائي ڀيرا مخالف ڌر جي پارٽين ڏانهن مفاهمت ۽ ڳالهين جو هٿ وڌايو هن چيو ته جيڪڏهن خيبر پختونخوا حڪومت لاءِ هڪ هڪ شخص جي آزادي يا سياسي مفاد رياستي مفادن کان وڌيڪ اهم آهي ته اهو افسوسناڪ آهي. رياست ڪنهن به سياسي شخصيت کان وڌيڪ اهم آهي، گڏيل سياسي اختلاف بعد ۾ به ختم ڪري سگهجن ٿا، پر ملڪي سلامتي تي ڪو به سمجهوتو نه ٿو ڪري سگهجي قومي سلامتي جي تحفظ لاءِ ضروري قدم کنيا ويندا. هن پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ اضافي جي حوالي سان چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ ڪابينه کي عوام کي درپيش ڏکيائين جو مڪمل احساس آهي حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي حڪومت عالمي مارڪيٽن ۾ تيل جي اگهن ۾ اضافي سبب پيدا ٿيل فرق کان سواءِ عوام جي کيسي مان واڌارو رقم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي مجبوري تحت عالمي حالتن ۽ جنگ جي اثرن سبب جيترو اضافو ضروري هو صرف اوترو ئي ڪيو ويو عوام کي عالمي توانائي بحران جي اثرن کان محفوظ رکڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا

بقايا 36 روزاني عبرت

اختيارين موجب آپريشن جو مقصد حوثين جي قبضي هيٺ علائقن کي واپس وٺڻ ۽ ملڪ ۾ حڪومتي رٽ بحال ڪرڻ آهي حوثين ۽ يمن حڪومت وچ ۾ ڊگهي عرصي کان جاري تڪرار سبب ملڪ ۾ اڳ ئي سنگين انساني ۽ معاشي بحران موجود آهي. هاڻوڪي فوجي ڪارروائي سان خطرو آهي ته صورتحال وڌيڪ شدت اختيار ڪري سگهي ٿي ۽ ان جا اثر ڳاڙهي سمنڊ، باب المندب ۽ خليجي سامونڊي رستن تائين پهچي سگهن ٿا. علائقائي مبصرن جو چوڻ آهي ته يمن ۾ نئين فوجي محاذ جي سرگرمي ايران سان لاڳاپيل وسيع علائقائي ڇڪتاڻ کي وڌيڪ پيچيده بڻائي سگهي ٿي

بقايا 37 روزاني عبرت

هٿان ڪري کين نوابشاهه نيو ويو حادثي توڙي اسپتال ۾ قيامت صغريٰ جو منظر ٿي ويو شاهپورجهانيان جي سرڪاري اسپتال پي پي ايڇ آءِ ۾ هجڻ باوجود ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي کوٽ رهي ٿي اسپتال جي 24 ڪلاڪ سروس هجڻ ۽ قومي شاهراهه تي هجڻ باوجود صبح جو هڪ ڊاڪٽر مقرر آهي باقي شام ۽ رات ۽ ڪو به ڊاڪٽر مقرر نه آهي جنهن ڪري روڊ حادثن جا ماڻهو توڙي عام ماڻهو ڊاڪٽر نه هجڻ ڪري تڙپي تڙپي فوت ٿي وڃن ٿا، پر پي پي ايڇ آءِ اسپتال طرف ڪو به توجه ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن ڪري شهري سخت پريشان آهن حادثي جي اطلاع تي ايس يو پي اڳواڻ استاد عبدالفتاح ٻگهيو، جي ڊبليو سي اڳواڻ ظفر ٻگهيو جستم اڳواڻ سيف سنڌي، نادر سيلي صداف سيلي ٽائون چيئرمين حاجي خالد حسين آرائين ۽ ٻيا اسپتال پهتا، جڏهن ته فوتين جي وارثن سان رابطو ڪيو ويو جيڪي پنهنجي پيارن جي لاشن کي وصول ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ ٻڌائي کان شاهپورجهانيان پهتا، جڏهن ته 6 ئي فوتين جا لاش جيئن ئي سندن گهر پهتا ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هر اک آلي ٿي وئي، جڏهن ته اڄ فوتين جي گڏيل جنازي نماز بعد کين پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويندو

بقايا 38 روزاني عبرت

موجب مقتولا ڪشف گورهاري هئي جنهن کي مبينا طور سندس مڙس پنهنجي هڪ ساٿي سان گڏجي فائرنگ ڪري قتل ڪيو ۽ لاش بن قاسم جهنگ ۾ اڇلائي ڇڏيو پوليس گرفتار جوابدارن کان واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته قتل جا ڪارڻ ۽ واردات ۾ ملوث ٻين ماڻهن جي ڪردار جو پڻ تعين ڪيو پيو وڃي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو انڌي قتل جو معمو حل ڪري جوابدارن جي گرفتاري تي ڊي آءِ جي ايسٽ، ايس ايس پي ملير ايس پي انويسٽيگيشن ۽ پوليس ٽيم کي شاباش ڏني آهي آءِ جي سنڌ چيو ته پوليس ٽيم جديد جاچ جي صلاحيتن کي استعمال ڪندي جوابدارن تائين پهچ حاصل ڪئي هن چيو ته انڌي قتل جو پتو لڳائي مرڪزي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ پوليس جي اثرائتي جاچ جو ثبوت آهي هن هدايت ڪئي ته قتل جي اصل ڪارڻن ۽ واقعي ۾ ملوث ٻين عنصرن جي ڪردار کي به جاچ ذريعي سامهون آندو وڃي ۽ سنگين ڏوهه ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي آءِ جي سنڌ پوليس ٽيم ۾ شامل ايس ايڇ او ايس آءِ او ۽ ٻين آفيسرن ۽ جوانن کي سي سي پي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ روڪ انعام ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو آهي

بقايا 39 روزاني عبرت

ڪري ڇڏيو سيڪيورٽي فورسز ذريعن موجب خيبر پختونخواه جي ڊيره اسماعيل خان واري علائقي ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع تي آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران 8 دهشتگرد مارجي ويا جن ۾ 3 انتهائي گهربل دهشتگرد پڻ شامل آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب دهشتگردن وٽان وڏي تعداد ۾ هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو پڻ هٿ آيو آهي سيڪيورٽي فورسز عزم استحڪام ويزن تحت دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ پائيدار امن جي قيام لاءِ پرعزم آهي

بقايا 40 روزاني عبرت

خان جي صحت ۽ علاج جي معاملي تي پڻ حڪومت سان اتفاق نه ٿي سگهيو عمران خان جي ذاتي ڊاڪٽرن کي سندس علاج ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ عمران خان جي صحت بابت پيدا ٿيل شڪ شبها ختم ڪرڻ ضروري آهن حليم عادل شيخ چيو ته خيبرپختونخوا جي سيڪيورٽي ۽ دهشتگردي جي معاملي تي هڪ طرفا فيصلا قبول ناهن دهشتگردي خلاف قومي ايڪشن پلان تحت سمورن لاڳاپيل ڌرين کي اعتماد ۾ ورتو وڃي ۽ وفاق ۽ صوبي کي گڏجي مشاورت سان دهشتگردي خلاف متفقه حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي حڪومت وسيع مشاورت بدران ٽڪر ۾ فيصلا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هن چيو ته حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين ڳالهيون جاري رهيون، پر اهم معاملن تي اتفاق نه ٿي سگهيو حليم عادل شيخ وڌيڪ چيو ته عمران خان جي آزادي، آئين جي بحالي ۽ عدليه جي آزادي تائين پرامن جدوجهد جاري رهندي هن چيو ته 4 آڪٽوبر تي سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ احتجاجي مظاهرا اڳواٽ طئي ٿيل منصوبي تحت ٿيندا. ڪراچي، حيدرآباد سميت سنڌ جي سمورن ضلعن جون تنظيمون پنهنجي احتجاجي پروگرام تي عملدرآمد يقيني بڻائين حليم عادل شيخ چيو ته سنڌ ۾ پڻ هر چوڪ کي ڊي چوڪ بڻائينداسين

بقايا 41 روزاني عبرت

ڏينهن تي ملهايو ويندو ان موقعي تي حيدرآباد سميت سڄي ملڪ ۾ خاص تقريبن واڪس، سيمينارن ڪانفرنسون منعقد ڪيون وينديون جنهن جو مقصد استادن جي خدمتن کي سلام ۽ ملڪ ۽ قوم لاءِ نئين تعليم يافته نسل پيدا ڪرڻ تي کين خراج تحسين پيش ڪرڻ آهي ان موقعي تي استادن جا مسئلا به اجاگر ڪيا ويندا ته جئين ان جي حل لاءِ قدم کڻي استادن کي درپيش مشڪلات جو ازالو ٿي سگهي ۽ هو نوجوان نسل کي تعليم جي زيور سان سنواري سگهن استادن جو عالمي ڏهاڙو ملهائڻ جو بنيادي مقصد استادن جي ڪردار ۽ اهميت کي اجاگر ڪرڻ انهن جي تعليمي شعبي ۾ وڌيڪ اثرائتي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ آهي ته استاد مستقبل جي معمارن جون تعليمي ۽ تربيتي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ڀرپور انداز ۾ جاري رکن ان موقعي تي قومي اخبارون استادن جي اهميت ۽ ڪردار جي حوالي سان خاص مضمون شايع ڪنديون، جڏهن ته اليڪٽرانڪ ميڊيا تي به خاص رپورٽون نشر ڪيون وينديون

بقايا 42 روزاني عبرت

جو پاڻي وٺڻ لاءِ پيپلزپارٽي هميشه ڪوششون ڪندي رهي آهي سنڌ اندر شاخن جي پڇڙين تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ واهن ۽ شاخن جي لائننگ سسٽم تي ڪم هلندڙ آهي اهڙو اظهار يونيورسٽيز ۽ بورڊس جي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو گلاب لغاري ويجهو ڳوٺ ماڻڪ لغاري ۾ پهچي اڳوڻي ايم پي اي مرحوم بشير احمد سريوال جي وفات تي تعزيت بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت خصوصن ڪڻڪ جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ آبادگارن کي سبسڊي ڏيڻ سان گڏ فلور ملز کي ڪڻڪ پڻ فراهم ڪري رهي آهي ته جئين ڪڻڪ جو ريٽ مستحڪم رهي ۽ سنڌ اندر اٽي جي کوٽ پيدا نه ٿئي جئين عام ماڻهو مشڪلاتن کان بچي سگهي

سومر 05 آڪٽوبر 2026ع

Monday 05 October 2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ٽڪراءُ بدران ڳالهين جو رستو اختيار ڪيو وڃي

صفحو 4

ڊاڪٽر الله ڏنو ابڙو

استاد جي عظمت ۽ جديد دور جون تقاضائون!

صفحو 4

سَرَ نِسريا پاند، اُتَرَ لڳا آءِ پرين!

رياض احمد سومرو

صفحو 4

ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ

نون صوبن جو رينگڻ: وڪيلن پاران روڊن تي اچڻ جو اعلان!

صفحو 4

ڪوٽ غلام محمد ۾ درگاهه سيد جمال شاهه رضوي جي 33 هون عرس، ملهه جا شاندار مقابلا

ميلي ۾ جهولا، موت جو کوهه، ٿيٽر ۽ مختلف شين جون بازارون، ماڻهن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ملاکڙي ۾ سنڌ جي مشهور ملاهه پهلوانن هڪ ٻئي کي ڏسي پنهنجي فن جو شاندار مظاهرو ڪيو

ميلا ۽ ملاکڙا سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ عوام کي تفريح جا بهترين موقعا فراهم ڪن ٿا: علي حسن

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) ڪوٽ غلام محمد لڳ درگاهه سيد جمال شاهه رضوي جي 33هين عرس مبارڪ جي موقعي تي لڳايل ميلو پرياسي جي ڳوٺن ۽ شهرن جي ماڻهن لاءِ تفريح جو بهترين مرڪز بڻجي ويو آهي ميلي ۾ مداين، رانديڪن، ڪولڊ ڪارنر هوٽلن ۽ ٻين شين جون بازارون سجايون ويون آهن جڏهن ته ٻارڙن لاءِ جهولا، موت جو کوهه ۽ ٿيٽر پڻ لڳايا ويا آهن جن سان عوام خاص طور ٻار ۽ نوجوان پرپور لطف اندوز ٿي رهيا آهن عرس جي موقعي تي سنڌ جي ثقافتي راند ملهه جو ملاکڙو پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٽائون چيئرمين علي حسن قائمخاني، وائيس چيئرمين ميان امجد سعيد آرائين، ڪامريڊ دليپ ڪمار اعجاز ٽونداڻي، نواب حاجاڻو سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪئي ملاکڙي ۾ سنڌ جي مشهور ملاهه پهلوانن هڪ ٻئي کي ڏسي پنهنجي فن جو شاندار مظاهرو ڪيو جنهن تي تماشائين پاران ڪين پرپور داد ڏنو ويو مقابلا کٽيندڙ پهلوانن کي انعام پڻ ڏنا ويا. موقعي تي موجود ماڻهن جو چوڻ هو ته سنڌ ۾ لڳندڙ ميلا ۽ ملاکڙا سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ عوام کي تفريح جا بهترين موقعا فراهم ڪن ٿا. هنن چيو ته اهڙين ثقافتي سرگرمين سان سنڌ جي روايتن کي ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملي ٿي

ڪوٽ غلام محمد درگاهه سيد جمال شاهه رضوي جي 33 هون عرس جي موقعي تي ملهه جي مقابلن دوران پهلوان زور آزمائي ڪندي

ٽنڊوالهيار ۾ عورتن جو بااثر پاڙن جي مبينا ڌاڙائين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ امير محمد ڪاڪيپوٽو جي رهواسي عورتن پاران بااثر پاڙن جي ڌاڙائين خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي آسيه ڪاڪيپوٽو، زليخان ڪاڪيپوٽو، شاهد ڪاڪيپوٽو، ريحان ڪاڪيپوٽو ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته اسان جا پاڙ اسحاق، شڪور، ڪبير، يامين ۽ انيش مينگهواڙ اسان کي بناجواز تنگ ڪري رهي رهيا آهن جيڪي اسان جي گهرن تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا مذڪوره ماڻهن اسان جو گهرس به بند ڪري ڇڏيو آهي اسان جا ٻار اسڪول به نٿا وڃي سگهن جڏهن ته اسان کي زمين لکي ڏيڻ لاءِ پڻ تنگ ڪري رهيا آهن مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن چيو ته اسان جي پوليس به نٿي ٻڌي اسان جا پاڙ ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن اسان پنهنجي گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن مٿي ڄاڻايل ماڻهون هر وقت اسان جي گهرن وٽ گهمي رهيا آهن جن مان اسان کي خطرو آهي هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته بااثر پاڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

مسوبرڳڙي پرسان ٽرڪ جي ڪيبن مان ڪلينڊر جو لاش هٿ

بڊاڻي ٽاڻي جي حد ۾ آفريدي هوٽل پرسان ٽرڪ مان شان زيب پٺاڻ جو لاش مليو

ٽرڪ بيهاري ڪلينڊر کي ننڊ مان اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو فوت ٿي چڪو هو: ڊرائيور

مسوبرڳڙي (ن ع) مسوبرڳڙي لڳ نيشنل هاءِ بڊاڻي ٽاڻي جي حد ۾ ۾ ٽرڪ جي ڪيبين مان ٽرڪ ڪلينڊر جو لاش هٿ تفصيل موجب بڊاڻي ٿاڻي جي حد باڪري پيٽرول پرسان آفريدي هوٽل ،وٽ ٽرڪ نمبر... 4855 gltbجو ڪلينڊر شان زيب ولد جهانزيب پٺاڻ جو لاش ٽرڪ جي ڪيبين مان هٿ آيو فوتي صوابي جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي، ٽرڪ ڊرائيور رحيم خان پٺاڻ حد جي پوليس کي واقعي بابت بيان ڏيندي چيو ته مون بڊاڻي لڳ آفريدي هوٽل تي ماني کائڻ لاءِ ٽرڪ بيهاريو ماني کائڻ لاءِ ڪلينڊر کي ننڊ مان اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪلينڊر گاڏي جي ڪيبين ۾ فوت ٿي چڪو هو حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ،فوتي ٽرڪ جي ڪلينڊر کي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

سنڌ زرعي يونيورسٽي جي رٽائرڊ ملازمن جي بک هڙتال ختم، وي سي جوس پياري احتجاج ختم

بک هڙتال جي ٽئين ڏينهن وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف سيال ڪئمپ تي پهتو پينشن ۾ دير ۽ انتظامي معاملن بابت شڪايتون

پنهنجي دور ۾ سوا ست ڪروڙ رپين جي مبينا ڪرپشن وائکي ڪرڻ جي دعويٰ، اڳوڻي ڪرپشن کان لاتعلقي جو اظهار

ڳالهين دوران آفيسر اڳواڻ قادر چانڊيو کي ڳالهائڻ کان روڪيو، ميڊيا سان ڳالهائڻ تي به ناراضگي جو اظهار

ٽنڊوڄام (ت ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف سيال رٽائرڊ ملازمن جي بک هڙتالي ڪئمپ تي پهتو ڳالهيون ڪيون ۽ جوس پياري مرڻ گهڙي واري بک هڙتال ختم ڪرائي خبر موجب رٽائرڊ ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ جاري مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال جي ٽئين ڏينهن وائيس چانسلر الطاف سيال بک هڙتالي ڪئمپ تي پهچي ملازمن سان ڳالهيون ڪيون ڳالهين دوران بک هڙتالين پاران يونيورسٽي جي رجسٽرار جي عورت پينشنرن سان رويي ۽ مختلف انتظامي معاملن بابت شڪايتون ۽ پينشن ۾ دير جي نتيجي ۾ رٽائرڊ ملازمن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن کان وائيس چانسلر کي آگاهه ڪيو ان موقعي تي وائيس چانسلر الطاف سيال يونيورسٽي ۾ ماضي ۾ ٿيل مبينا ڪرپشن بابت ڳالهائيندي چيو ته سندس دور ۾ سوا ست ڪروڙ رپين جي مبينا ڪرپشن کي وائکو ڪيو ويو ۽ هن پاڻ انڪوائري ڪرائي معاملو سامهون آندو هن چيو ته هو چئلينج سان چئي سگهي ٿو ته ڪنهن ٻئي وائيس چانسلر ڪرپشن خلاف اهڙي طريقي سان ڪارروائي نه ڪرائي هوندي، جيئن هن ڪرائي آهي الطاف سيال چيو ته جڏهن "بازار لٽي پئي" تڏهن سڀ گڏ هئا، هاڻي هر ڪو پڇي رهيو آهي ته ڇا ٿيو ۽ ڪيئن ٿيو هن واضح ڪيو ته سندس دور کان اڳ ٿيل مبينا ڪرپشن جو هو ذميوار نه آهي. ان موقعي تي بک هڙتالين حسين بخش ويسر ۽ ٻين ملازمن وائيس چانسلر کي پنهنجا ڏوراپا ڏنا ۽ مختلف شڪايتون پيش ڪيون ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڳالهين ڪانپوءِ معاملا حل ڪرڻ جي خاطري وائيس چانسلر الطاف سيال رٽائرڊ ملازمن کي جوس پياري مرڻ گهڙي واري بک هڙتال ختم ڪرائي جنهن بعد دعا پڻ گهري وئي انهي موقعي تي رٽائرڊ ملازمن جي حمايت ۾ مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال تي ويٺل آفيسر اڳواڻ قادر چانڊيو ڳالهائڻ چاهيو ته وائيس چانسلر کيس ڳالهائڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته آئون هتي رٽائرڊ ملازمن جي مسئلي لاءِ آيو آهيان تنهنجو ڳالهائڻ ٺيڪ نه آهي. وائيس چانسلر ميڊيا تي به برملا ناراضگي جو اظهار ڪندي چيو ته ميڊيا سان ڳالهائڻ جي ضرورت ناهي

ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف سيال رٽائرڊ ملازمن وٽ پهچي بک هڙتال ختم ڪرائڻ بعد دعا گهري پئي وڃي

ٽنڊو غلام علي پرسان پوليس مقابلو، زخمي ڌورو سميت 6 ڄڻا گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گلاب لغاري روڊ تي چاڪر شاخ وٽ مشڪوڪ ڪار روڪڻ دوران ڌاڙيلن جي مبينا فائرنگ

پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڌورو احسان راجپوت زخمي سميت 6 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو

ڦر ڪيل سون، چاندي، روڪ رقم، پرڏيهي ڪرنسي ۽ 3 غيرقانوني پسٽل پڻ هٿ ڪيا ويا

ڪوٽ غلام محمد/ٽنڊوغلام علي(نمائندن وٽان) ٽنڊوغلام علي گلاب لغاري روڊ چاڪر شاخ وٽ پوليس چيڪنگ دوران هڪ مشڪوڪ ڪار کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪار ۾ سوار ڌاڙيلن پوليس کي ڏسندي ئي مٿان فائرنگ ڪري ڏني جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڌورو احسان راجپوت زخمي ٿي پيو جڏهن ته سندس 5 ساٿين محمد شاس محمد يوسف، عبدالغفور،نادر علي ۽ محمد مريد کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته زخمي ڌورو احسان راجپوت کي پوليس ڪٽائي سرڪاري اسپتال پهچايو جتي زخمي ٻڌايو ته اسان ڪوٽ غلام محمد جي هڪ گهر مان ڦر ڪري نڪري رياسي ته اسان کي ٽنڊوغلام علي پوليس گرفتار ڪري ورتو هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي پوليس انسپيڪٽر عاشق علي لنڊ ٻڌايو ته هڪ مشڪوڪ ڪار کي پوليس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڌاڙيلن پوليس مٿان فائرنگ ڪري ڏني نتيجي ۾ پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ زخمي ٿيل ڌاڙيلن سميت 6 ڄڻا گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪندي ٻڌايو ته ڌاڙيلن ڪوٽ غلام محمد جي هڪ گهر مان ڦر ڪيل سون چاندي روڪ رقم ۽ پرڏيهي ڪرنسي ۽ 3 غير قانوني پسٽلز سميت گرفتار ڪري ورتا پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته ڌاڙيلن خلاف پوليس مقابلي جو ڪيس داخل ڪري وڌيڪ پوليس جانچ ڪري رهي آهي

ٽنڊوغلام علي پوليس ڪارروائي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدار اسپتال ۾ داخل آهي

سجاول ۾ رٽائرڊ ايڊيشنل ڊي ايڇ او ڊاڪٽر محمد جعفر عالماڻي جي مان ۾ الوداعي تقريب

صحت کاتي ۾ ڊاڪٽر محمد جعفر عالماڻي جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن:مقرر

سجاول (ڊ ر) سرويچ سجاولي سنڌ گورنمينٽ لائبريري سجاول ۾ پيپلز پيراميڊيڪل ونگ ضلعي سجاول پاران صحت کاتي ۾ ڊگهي عرصي تائين خدمتون سرانجام ڏئي رٽائر ٿيندڙ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سجاول ڊاڪٽر محمد جعفر عالماڻي جي مان ۾ الوداعي مڃتا تقريب ڪوٺائي وئي جڏهن ته آل پاڪستان ڪلرڪ ايسوسيئيشن (اپيڪا) ضلعي سجاول جي نئين چونڊيل عهديدارن صدر حاجي خميسو خواجا ۽ جنرل سيڪريٽري فاضل سومرو جي مان ۾ پڻ آجياڻو ڏنو ويو تقريب ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سجاول ڊاڪٽر محمد حنيف ميمڻ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪورنگي ڪراچي ڊاڪٽر غلام فاروق چانڊيو ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر مليرڊاڪٽر اياز احمد انصاري، سول سرجن سول اسپتال سجاول ڊاڪٽر محمد انور ميمڻ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ تعلقه اسپتال شهيد فاضل راهو ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار اپيڪا سنڌ جي نائب صدر عبدالڪريم پانڊ، پي اي ايم ضلعي سجاول جي صدر ڊاڪٽر وزير احمد ميمڻ ايڊووڪيٽ عبداللطيف ڪٽي سميت مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پيپلز پيراميڊيڪل ضلعي سجاول جي صدر ڪي بي جت مهمانن جي آجيان ڪئي جڏهن ته اپيڪا هيلٿ ونگ ضلعي سجاول جي جنرل سيڪريٽري سڪندر علي ميمڻ ڊاڪٽر ڪيم چند، ڊاڪٽر سريش ڪمار ڊاڪٽر حاجي جعفر خان عالماڻي لائبريري انچارج زبير عزيز جعفراڻي، اپيڪا اڳواڻن محمد حيات ٿهيم محمد عيسيٰ ميمڻ مقبول احمد ٿهيم شوڪت علي ميمڻ محمد رفيق ميمڻ محمد حنيف عمراڻي ناصر ميمڻ واپاري ايسوسيئيشن اڳواڻ عبدالعزيز چاڙهي پيرا ميڊيڪل اڳواڻن معشوق علي گگو منظور علي خواجا، فهيم ميمڻ زمان خان خاصخيلي ۽ غلام حسين ميمڻ سماجي اڳواڻ نظير احمد ٽانگ سميت ٻين معززين شرڪت ڪئي مقررن ڊاڪٽر محمد جعفر عالماڻي جي صحت کاتي ۾ ڪيل خدمتن کي ساراهيندي سندس فرض شناسي ۽ خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو

اڏيرولال پرسان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف شهرين جو احتجاج

وفاقي حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي وئي: مظاهرين

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ سان عام واهپي جون شيون به مهانگيون ٿي ويون آهن

اڏيرولال (ن ع) اڏيرولال لڳ قيصر سيٺهڙو واسين جو پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندي حبيب الله خاصخيلي عبدالستار خاصخيلي بلاول ۽ ٻين چيو ته وفاقي حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي چڪي آهي هڪ نه ٻئي پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ ڪري عوام کان روزگار جو ذريعو کسيو پيو وڃي پيٽروليم شين ۾ واڌ سبب عام واهپي جي شين جا اگهه به چوٽ چڙهي ويا آهن غريب پورهيت هڪ ويلي لاءِ پريشان آهي ۽ مهنگائي سبب خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن حڪومت کان مطالبو آهي ته جلد کان جلد پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لاٽ ڪري عوام کي فوري رليف ڏنو وڃي

اڏيرو لال شهري پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

سجاول جي يو آءِ ضلعي جنرل ڪائونسل جو اجلاس ٿي رهيو آهي

سجاول ۾ جمعيت علماءِ اسلام ضلعي جنرل ڪائونسل جو اجلاس

منشيات جي سرعام وڪري ۽ وڌندڙ بدامني خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: جي يو آءِ

ٿر دوران شهيد ٿيل نياڻي مرڪ ميمڻ جي قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

سجاول(ڊ ر) جمعيت علماءِ اسلام ضلعي سجاول جي جنرل ڪائونسل (مجلس عمومي) جو اهم اجلاس ضلعي نائب امير مولانا محمد انور سومرو جي صدارت هيٺ جامع مدني مسجد سجاول ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ تنظيمي معاملن امن عالم اجتماع سميت مختلف اهم معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس جي شروعات ۾ ضلعي ناظمِ عمومي حافظ فصل الله فياض جنرل ڪائونسل جي ميمبرن کي تنظيمي معاملن ۽ ايندڙ سرگرمين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني جڏهن ته تنظيم کي وڌيڪ فعال منظم ۽ مؤثر بڻائڻ لاءِ مختلف تجويزون پڻ پيش ڪيون ويون ان موقعي تي ضلعي سجاول جي ساحلي پٽي مان نڪرندڙ معدنيات مان مقامي ماڻهن کي روزگار جا مناسب موقعا فراهم نه ڪرڻ ۽ ضلعي جي پوڇڙ وارن علائقن تائين پاڻي نه پهچڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو اڳواڻن مطالبو ڪيو ته مقامي ماڻهن کي سندن بنيادي حقن کان محروم رکڻ بدران روزگار، پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي اجلاس ۾ ضلعي اندر وڌندڙ بدامني سماجي برائين ۽ منشيات جي سرعام وڪري ۽ استعمال تي پڻ سخت تشويش ظاهر ڪئي وئي اڳواڻن انتظاميه کان مطالبو ڪيو ته امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ سماجي برائين جي خاتمي ۽ منشيات خلاف فوري ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي اجلاس ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ٿر دوران فائرنگ ۾ شهيد ٿيل نياڻي مرڪ ميمڻ جي شهادت تي افسوس جو اظهار ڪندي انتظاميه کان معصوم نياڻي جي قاتلن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ جو مطالبو ڪيو ويو ان کان علاوه زميندارن سان ٿيندڙ مبينا ناانصافين ۽ ناجائز ڪٽوتين تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪندي انتظاميه کان معاملي جو فوري نوٽيس وٺي زميندارن کي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو اجلاس جي پڄاڻي تي جي يو آءِ اڳواڻن ضلعي جي عوام کي درپيش مسئلن جي حل امن امان جي بحالي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ هر ممڪن جدوجهد جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

مٺي ۾ سنڌ پوليس جي ويٽنگ اميدوارن جو آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

پريس ڪلب مٺي اڳيان بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي اميدوارن مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

پوليس کاتي ۾ هزارين خالي جايون هجڻ باوجود آرڊر نٿا ڏنا وڃن: اميدوار

مٺي (ڊ-ر) سنڌ پوليس ڪانسٽيبل ويٽنگ اميدوار SPD 01 2024جي ويٽنگ اميدوارن هر هڪ محمد حنيف مگريو رمضان راهمون، جيسارام، دلشاد جوڻيجو وينهل ڀيبو ۽ ٻين مسلسل ٻه سالن کان پوليس کاتي ۾ نوڪرين جا آرڊر نه ملڻ خلاف هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب مٺي اڳيان سخت احتجاج ڪندي چيو ته اسان ٻه سالن کان سراپا احتجاج آهيون پر اسان ويٽنگ لسٽ جي اميدوارن کي نوڪرين جا آرڊر نٿا ڏنا وڃن. هنن چيو ته وزيراعليٰ سنڌ ۽ آءِ جي سنڌ چئي چڪا آهن ته سنڌ پوليس کاتي ۾ 50 هزار جايون خالي آهن پوءِ به اسان کي نوڪرين جا آرڊر نٿا ڏنا وڃن، جيڪا اسان سان سراسر ناانصافي آهي. هنن سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته ويٽنگ لسٽ جي اميدوارن کي فورن نوڪرين جا آرڊر ڏيئي روزگار فراهم ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي.

مٺي سنڌ پوليس جي ويٽنگ لسٽ جي اميدوارن کي آرڊر نه ملڻ خلاف اميدوارن جو احتجاج

ڪنڌڪوٽ ۾ جماعت صالحين پاران ميلاد مصطفيٰ ﷺ جي پروقار محفل

چيزل هال ۾ پروقار محفل ۾ شهرين ۽ جماعت صالحين جي ڪارڪنن جي شرڪت

قبيلائي جهيڙن سبب بيگناهه ماڻهو قتل پيا ٿين صبر کان ڪم ورتو وڃي: پير خالد سلطان

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ جي چيزل هال ۾ جماعت صالحين پاران هڪ پروقار محفل ميلاد مصطفيٰ ﷺ منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ شهرين ۽ جماعت صالحين جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري نبي پاڪ ﷺ سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو. محفل ميلاد جو اهتمام حاجي نياز احمد گولو حافظ محمد اسلم ٻگا محمد ملڪ حاجي رحمت الله ملڪ امام بخش سومرو فقير صحبت علي لاشاري، فقير اسلم سلطاني ۽ ٻين پاران گڏيل طور تي ڪيو ويو هو. تقريب ۾ حق باهو دربار جي سجاده نشين پير خالد سلطان خاص مهمان طور شرڪت ڪئي محفل دوران مقررين نبي ڪريم ﷺ جن جي سيرت طيبه شان ۽ مرتبي تي تفصيلي روشني وڌي، جڏهن ته ثناءِ خوانن نعت شريف پڙهي حاضرين جا ايمان تازا ڪيا. پير خالد سلطان ان موقعي تي ميڊيا ۽ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ضلعي ۾ قبيلائي تڪرارن ۽ خونريزي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو هن چيو ته ضلعي ۾ قبيلائي جهيڙن سبب بيگناهه ماڻهو قتل ٿي رهيا آهن.

مسوبرڳڙي جام شاخ ۾ پاڻي کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاجي مظاهرو

پاڻي بند هجڻ سبب سوين ايڪڙ بيٺل فصل سڪي تباهه ٿي رهيا آهن: آبادگار

آبپاشي عملي جي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب پاڻي پوڇڙي تائين نٿو پهچي، نوٽيس ورتو وڃي

مسوبرڳڙي (ن ع) مسوبرڳڙي لڳ جام شاخ تي پاڻي بند هجڻ ۽ هٿڙادو ڪوٽ جي خلاف علائقي جي آبادگارن پاران سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو آهي. آبادگارن جو چوڻ هو ته اريگيشن عملي جي ڪلي نااهلي غفلت ۽ ڪرپشن سبب پاڻي پوڇڙي تائين نٿو پهچي، جنهن ڪري هارين جا سوين ايڪڙ بيٺل فصل سڪي تباهه ٿي رهيا آهن انتظاميه جي هن مجرمانه خاموشي ۽ نااهليءَ خلاف هارين ۽ آبادگارن ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي چڪي آهي. جيڪڏهن جام شاخ تي فوري طور تي پاڻي بحال نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جنهن جي سڄي ذميواري ڪرپٽ آبپاشي عملي تي عائد هوندي.

مسوبرڳڙي جام شاخ سڪل نظراچي رهي آهي

ميهڙ ۾ منشيات جي وڪري خلاف ڪامريڊ انور ملاح جو اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌي انوکو احتجاج

ميهڙ (ن ع) منشيات چرس آفيم هوسڙي ۾ وڪرو ته ڪريو ڪامريڊ انور ملاح آزاد پريس ڪلب ميهڙ ۾ اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌي انوکو احتجاج ڪندي چيو ته هوسڙي پوليس جي ڪرپٽ انچارج ۽ ڊي ايس پي ڪرپشن ڪري منشيات فروشن جي اڳواڻي ڪري رهيا آهن مان غريب مسڪين آهيان پوليس زبردستي مون کان پنج هزار ڦري موبائيل ٽوڙي ڇڏي آهي هن مطالبو ڪيو ته منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي

آزاد پريس ڪلب ميهڙ
AZAD PRESS CLUB

ميهڙ: ڪامريڊ انور ملاح اکين تي پٽيون ٻڌي منشيات خلاف احتجاج ڪندي

ڏهرڪي ۾ جشنِ معصومين عليه السلام عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

جعفري هائوس ۾ روح پرور تقريب ۾ تلاوت، حديثِ ڪساءِ، قصيده خواني ۽ منقبت پيش

جشن جي موقعي تي رنگين روشنين ۽ گلن سان سجاوٽ، سبيل ۽ لنگر جو اهتمام

ڏهرڪي(ن ع) ڏهرڪي جشن معصومين عليه السلام جي پرمسرت ۽ بابرڪت موقعي تي زوار سيد ضياءِ حسين جعفري جي رهائشگاهه تي جشنِ معصومين عليه السلام عقيدت ۽ احترام سان شايان شان طريقي سان ملهايو ويو.جشن معصومين عليه السلام جو هي جشن انتهائي عقيدت، احترام ۽ سني شيعه اتحاد جي ملي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو. تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿي جنهن ۾ دعا حديث ڪساءِ مولانا مظهر حسين مرتضيٰ قصيده خواني فقير ڪاظم حسين خاصخيلي ۽ راجا سجاد جنجوعه سنڌ جي مشهور ۽ معروف منقبت خوان اهل سنت برادران محمد عمران شيخ قادري قلندري بارگاهِ رسالت اهلِ بيتِ عظام ۾ نذرانو عقيدت پيش ڪيو.

ميهڙ ۾ صحافي عبدالرحمٰن قمبراڻي جي ڀاءُ تي قاتلاڻي حملي خلاف مختلف پريس ڪلبن تي مظاهرا

گهنٽا گهر چوڪ تي ڌرڻو مختلف شهرن جي صحافين، سياسي سماجي اڳواڻن، وڪيلن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

نامزد جوابدار صحافي ۽ سندس خاندان کي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن: مظاهرين

جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري صحافي عبدالرحمٰن قمبراڻي ۽ سندس خاندان کي تحفظ ڏنو وڃي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ: 11 ڏهاڙا اڳ ميهڙ جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد منظور ڪالوني ۾ نيشنل پريس ڪلب ميهڙ جي صدر عبدالرحمن قمبراڻي جي ڀاءُ حافظ شفيق الرحمن قمبراڻي مٿان ٿيل قاتلاڻي حملي ۽ سينئر صحافي عبدالرحمن قمبراڻي ۽ ان جي خاندان کي حراسان ڪري، ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ ۽ مختلف قسمن جون ڌمڪيون ڏيڻ واري عمل خلاف ميهڙ جي سمورن پريس ڪلبن، ٺٽون ڳوٺ، شاهه پنجو، راڌڻ، لڙڪي محبت، فريدآباد، سيهڙ، موئن جو دڙو، گاجي کهاوڙ، سنڌي ٻٽڙا جي صحافين سياسي سماجي اڳواڻن، وڪيل، شهرين ۽ سول سوسائيٽي جي اڳواڻن پاران گهنٽا گهر چوڪ وٽ ڌرڻو هنيو ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪيو ويو سينئر صحافي چيئرمين محمد علي شيخ نعمت الله مهيسر ڊين محمد علي شيخ بلاول دريائي مير شڪيل عطار سينئر صحافي مير صابر ڪولاچي رياض چانڊيو حاجي اصغر سوڍر، جي ايم جهتيال ،فدا حسين جوڻيجو، مدثر علي کهاوڙ ، ڪامريڊ شمن سولنگي ،ڊاڪٽر الاهي بخش چانڊيو،ظهير عباس ، علي شير جوڻيجو، عادل اختر خانزاده ، خورشيد لاڪير ، اخلاق چانڊيو ، صدام چانڊيو ، اظهر جوڻيجو، شمن ساهڙ ،فراز چنا ، ذوالفقار ڪوڪر ،حاجي مجيب الله ، وڪيل عابد ڪلهوڙو ، وڪيل مير ڪوسو ، وڪيل رضوان ٽنيو ، حافظ منظور چانڊيو ، سرمد بروهي ، علي شير ڳوڙ ، طاهر محزون پٽي ، صابر راڌڻ ، رشيد منگي ،عبدالمجيد سوڍر ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته 11 ڏينهن اڳ صحافي عبدالرحمن قمبراڻي جي ڀاءُ حافظ قرآن شفيق الرحمن قمبراڻي تي ٽن جوابدارن گهٽي مان مينهون گذارڻ تان بيگناهه فائرنگ ڪري قاتلاڻو حملو ڪيو جنهن جو ڪيس ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي تي به سڃاتل شعيب ڏيپر، حسنين عرف لالو ڏيپر ۽ هڪ اڻ سڃاتل جوابدارن مٿان داخل ٿيل آهي ساڳيا ئي جوابدار ۽ بااثر ماڻهو سينئر صحافي عبدالرحمن قمبراڻي کي حراسان ڪري رهيا آهن جنهن عمل جي مذمت ڪيون ٿا هنن چيو ته جوابدار واقعي بعد شهر ۾ سرعام گهمي رهيا آهن ساڳيا ئي جوابدار سينئر صحافي عبدالرحمن قمبراڻي ۽ ان جي ڀاڙن ،خاندان کي ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ ۽ مختلف قسمن جون ڌمڪيون ڏيڻ واري صورتحال پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاري ٿي پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي هنن چيو ته سنڌ جي صحافين ۽ حق سچ لکندڙن کي ٽارگيٽ ڪيو وڃي ٿو صحافين ۽ انهن جي خاندانن مٿان قاتلاڻا حملا ڪري صحافين مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري حراسان ڪيو وڃي ٿو جيڪا سراسر ناانصافي آهي آئين ئي عبدالرحمن قمبراڻي کي به حق سچ لکڻ جي سزا ڏني وڃي ٿي

ميهڙ ۾ بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد جي احتجاجي ريلي، 22هين ڏينهن به احتجاج جاري

صاف پاڻي، ٽٽل روڊن، گندگي ۽ ناڪارا واٽر سپلاءِ خلاف ڀيٽو چوڪ کان آزاد پريس ڪلب تائين پيادل مارچ

امن امان جي خراب صورتحال ۽ تعلقي اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ سبب شهري سخت پريشان آهن: اڳواڻ

بنيادي مسئلا حل نه ٿيا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو روزاني بنياد تي احتجاج جاري رکڻ جو اعلان

ميهڙ(ن ع) بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 22 ڏينهن به شهري، سياسي، سماجي واپاري ۽ ميهڙ واسين پاران ڀيٽو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو پي پي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو، قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ وڪيل مير ڪوسو ،وڪيل عابد ڪلهوڙو، سني ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻ مولوي منظور چانڊيو، ڪرياڻ مرچنٽ جو صدر محبوب علي ڪوسو، محمد اسماعيل بروهي ،عبدالفتاح شاهه، عالمگير ٿهيم، محمد عرس ڪوسو ۽ زبير سمون ۽ ٻين چيو ته ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهن شهري گندو پاڻي پيئڻ لاءِ مجبور بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن، شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهن تعلقي اسپتال ۾ ماڻهن کي ڪو رليف نه ٿو ملي، امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب بڻجي وئي آهي جنهن سبب شهري انتهائي پريشانين جي منهن ڏئي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ امن امان بحال ڪري بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ بنيادي مسئلن جي حل تائين روز جي بنياد تي اهڙن انوکن احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

احتجاج احتجاج احتجاج
شهر کي گندگي کان پاڪ ڪيو وڃي
صاف ميهڙ صحت مند ميهڙ شهر کي گندو ۽ بدبودار پاڻي ۽ شهر جي صفائي سٿرائي نه ٿيڻ خلاف ۾
احتجاجي مظاهرو
پاران شهري اتحاد ۽ شهر جو باشعور عوام

ميهڙ شهري اتحاد جي سڏ تي شهري، سياسي، سماجي واپارين پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪڪڙ ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار ڪيميڪل ڪير جي وڪري خلاف احتجاج، ڪارروائي جو مطالبو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار ڪيميڪل ڪير جو وڪرو بند نه ٿيو شهرين فوڊ اٿارٽي ۽ اعليٰ اختيارين کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو ان دوران محمد رمضان ٻين، فقير عبدالنبي، برڪت علي جويو احسان علي مري، نديم احمد ملاح، عبدالرزاق، معاذ علي، اياز حسين ۽ ٻين احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته ڪڪڙ شهر ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار ڪيميڪل ڪير جو وڪرو بند نه ٿي سگهيو آهي جيڪو ڪيڏرن سالن کان هلي رهيو آهي، بار بار احتجاج ڪرڻ ڪانپوءِ به ڪيميڪل ڪير جو ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن خلاف ڪارروائي نه پئي ڪئي وڃي هنن ٻڌايو ته ڪڪڙ شهر جي هوٽلن تي ڪيميڪل ڪير جي چانهه ۽ دڪانن تان ڪيميڪل ڪير ملي ٿو جنهن سبب ماڻهون مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا جنهن ۾ بکيون، جگر، مادي جي تڪليف ۽ ٻيون بيماريون شامل آهن احتجاج ڪندڙن ڊي سي دادو، فوڊ اٿارٽي دادو، اسسٽنٽ ڪمشنر کي اين شاهه کان گهر ڪئي آهي ته شهر ۾ ڪيميڪل ڪير جو ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس استادن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) تعليم کاتي سنڌ ۾ جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي سکر آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس ويٽنگ لسٽ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ظهيرعباس،فهد شيخ،عارف ڪليري، سعديه،ثمينه بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي 40پلس مارڪون کڻندڙ اميدوار گذريل 15 مهينن کان پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي جائز مطالبن تي اڃا تائين ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي .هڪ پاسي آهي اميدوار آفر آرڊرن جي انتظار ۾ ويٺل آهن جڏهن ته ٻئي پاسي سنڌ ۾ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏنيون وڃن آهن جيڪو اهل اميدوارن سان واضح ناانصافي ۽ ٻٽي معيار کي ظاهر ڪري ٿو. سنڌ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏيڻيون هنيون ته پوءِ آءِ بي اي ٽيسٽ ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هنن چيو ته اسان جي والدين ۽ وارثن اسان کي محنت مزدوري ڪري پڙهايو ۽ اسان محنت اهليت جي بنياد تي آءِ بي اي سکر جي ٽيسٽ ۾ 40پلس مارڪون کنيون پر سنڌ حڪومت پ پ جي چونڊيل نمائندن جي ٻٽي معيار سبب اسان جي محنت ضايع ٿي رهي آهي.

ڪنڌڪوٽ ۾ مهانگائي، پيٽروليم شين تي ٽيڪسن خلاف جماعت اسلامي جي صحيحن واري مهم

لائبريري چوڪ تي ڪيمپ قائم، عوام کي رليف ڏيڻ ۽ پيٽروليم شين تان ٽيڪس ختم ڪرڻ جو مطالبو

وڌندڙ مهانگائي ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ عوام جون مشڪلاتون وڌائي ڇڏيون آهن: جماعت اسلامي

ڳالهيون ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾ اسلام آباد ڏانهن روانگي جو اعلان، حڪومت کي مسئلا حل ڪرڻ جي اپيل

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ ۾ جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي مهانگائي پيٽروليم شين تي لاڳو ٽيڪسن ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف لائبريري چوڪ تي صحيحن واري مهم جي سلسلي ۾ ڪيمپ قائم ڪئي وئي ان موقعي تي جماعت اسلامي جي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي حڪومت کان عوام کي رليف ڏيڻ جو مطالبو ڪيو جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي مهانگائي، پيٽروليم شين تي ٽيڪسن ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي تحريڪ جي سلسلي ۾ لائبريري چوڪ تي صحيحن واري مهم لاءِ ڪيمپ قائم ڪئي وئي ان موقعي تي جماعت اسلامي ضلعي ڪشمور جي امير غلام مصطفيٰ ميراڻي، نائب امير جماعت اسلامي سنڌ حافظ نصرالله عزيز چنه ۽ ٻين اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي سبب عوام سخت پريشان آهي. جڏهن ته پيٽروليم شين تي ٽيڪسن ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ عوام جون مشڪلاتون وڌيڪ وڌائي ڇڏيون آهن جماعت اسلامي جي اڳواڻن جو چوڻ هو ته گذريل 50 ڏينهن کان ملڪ جي مختلف علائقن ۾ هڙتالن روڊ بلاڪن ۽ احتجاجن جو سلسلو جاري آهي پر عوام کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي هنن وڌيڪ چيو ته جماعت اسلامي جو قافلو هن وقت ملتان ۾ رڪيل آهي جتي وزيراعظم پاڪستان ميان محمد شهباز شريف جي سڏ تي ڳالهين لاءِ صورتحال موجود آهي اڳواڻن واضح ڪيو ته جيڪڏهن ڳالهيون ڪامياب نه ٿيون ته جماعت اسلامي جا ملڪ ڀر جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن اسلام آباد ڏانهن روانا ٿيندا. جماعت اسلامي جي اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پيٽروليم شين تي ٽيڪسن جي خاتمي، بجلي جي لوڊشيڊنگ جي مسئلي جي حل ۽ وڌندڙ مهانگائي تي ضابطي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن. جيئن عام ماڻهن کي رليف ملي سگهي

ڪنڌڪوٽ مهانگائي پيٽروليم شين تي ٽيڪسن ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف جماعت اسلامي جي صحيحن واري مهم جو ڏيک

حيدرآباد ۾ اڪيڊمي الله جي آسري جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي اعزاز ۾ ساليانو تقريب

سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ تقريرن جا مقابلا، پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن کي روڪ انعام، شيلڊون ڏنيون ويون

اڪيڊمي ڪمرشل ادارو نه پر فڪر ۽ تحريڪ آهي، مقصد نوجوانن جي ڪردار سازي ڪرڻ آهي: پروفيسر نياز حسين وگهيو

تعليم ئي غربت ۽ پٺتي پيل هجڻ مان نڪرڻ جو واحد رستو آهي، نوجوان ڪتاب سان دوستي ڪن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ ڄامشورو جي علم دوست اداري اڪيڊمي الله جي آسري طرفان سينيئر ۽ جونيئر شاگردن ۽ شاگردياڻين جي اعزاز ۾ ساليانو تقريب حيدرآباد جي انڊس هوٽل ۾ ملهائي وئي. جنهن ۾ ناليواري تعليم دوست شخصيت محمد عمران پنهور جي نالي سان منسوب ڪيل تقريب جي صدارت اڪيڊمي جي سربراهه ۽ ناليواري ليکڪ محقق پروفيسر نياز حسين وگهيو ڪئي جڏهن ته خاص مهمان سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جو چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر نور محمد شاهه هو تقريب جا اعزازي مهمان ڊاڪٽر سيد فرهاد علي شاهه سڪندر علي برهماڻي ۽ اعجاز علي ميمڻ هئا. تقريب ۾ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ علم دوست شخصيتن، اڪيڊمي جي اڳوڻن شاگردن موجوده سينيئر ۽ جونيئر شاگردن شاگردياڻين ۽ انهن جي والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سنڌ جي ثقافتي روايت کي برقرار رکندي آيل مهمانن کي لنگيون پارايون ويون تقريب ۾ سينيئر جونيئر ۽ شاگردياڻين جي گروپن وچ ۾ مختلف موضوعن تي سنڌي، انگريزي ۽ اردو ٻولين ۾ الڳ الڳ تقريري مقابلا ڪرايا ويا، جنهن ۾ ججن جي فيصلي جي روشني ۾ پوزيشن ماڻيندڙن کي روڪ انعام شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. جنهن ۾ سينيئر گروپ ۾ پهرين پوزيشن زبير احمد برڙو ٻي پوزيشن علي وارث جونيئر گروپ ۾ پهرين پوزيشن ارسلان ٻي پوزيشن عبدالواسع حاصل ڪئي جڏهن ته شاگردياڻين جي گروپ ۾ پهرين پوزيشن مس انزيلا ٻي پوزيشن مس سنڌو حاصل ڪئي بهترين ڪمپيئرنگ ڪرڻ تي مشتاق احمد چانڊيو ارسلان ۽ انزيلا کي پڻ انعام ڏنا ويا. بهترين مقررن ۾ فيصل ڪاڪيپوٽو مس صائمه صدام پليجو آذان برڙو مس زهره مس اقرا واجد پليجو مس صائمه حسيب برڙو ۽ ٻين کي ٻه تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. ان موقعي تي صدر مجلس پروفيسر نياز حسين وگهيو پنهنجي صدارتي خطاب ۾ چيو ته اڪيڊمي الله جي آسري ڪا ڪمرشل اڪيڊمي ناهي پر هڪ فڪر ۽ تحريڪ آهي اسان جو مقصد صرف نوڪري لاءِ تياري ڪرائڻ نه پر نوجوانن جي ڪردار سازي ڪرڻ آهي جنهن سماج ۾ استاد ۽ ڪتاب جي عزت ختم ٿي اهو سماج تباهه ٿي وڃي ٿو پروفيسر نياز حسين وگهيو وڌيڪ چيو ته اسان جو ادارو غريب ۽ مستحق شاگردن کي مفت تعليم ڏئي رهيو آهي ۽ اسان جو مشن سنڌ ۾ تعليمي انقلاب آڻڻ آهي. تقريب جي خاص مهمان پروفيسر ڊاڪٽر نور محمد شاهه خطاب ڪندي چيو ته ٻارن جي تقريرن ٻڌي دل خوش ٿي وئي آهي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولي ۾ تقرير ڪرڻ هنن ٻارن جي مطالعي ۽ ٻولي جي ڄاڻ جو چٽو ثبوت آهي. الله جي آسري اڪيڊمي ڄامشورو ۾ هڪ معياري ادارو بڻجي چڪو آهي. جتي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ديني ۽ دنياوي تعليم ڏني وڃي ٿي جنهن ۾ شاگردن جي ماهوار في مان ئي انهن کي انعام جي صورت ۾ مالي ڏيڻ سٺو سنئون آهي اعزازي مهمان سڪندر علي برهماڻي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اڪيڊمي الله جي آسري ڄامشورو جهڙي ننڍڙي شهر ۾ تعليم جي ٻرندڙ ڏيئي وانگر آهي پ

حيدرآباد ۾ ن ليگ جي پراڻي ڪارڪن جو مالي مدد لاءِ مرڪزي قيادت کي اپيل

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)مسلم ليگ ن جي جهونئي متوالي سلطان احمد شيخ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پهچي ن ليگ جي مرڪزي قيادت کي اپيل ڪئي ته کيس مالي مدد ڏئي ساهتا ڪئي وڃي. هن چيو ته آءٌ ن ليگ جو پراڻو ڪارڪن آهيان اڳوڻي وزيراعظم ميان نواز شريف ۽ موجوده وزير اعظم ميان محمد شهباز شريف سوڌو مريم نواز جي قيادت تي پورو اعتماد ڪريان ٿو هن چيو ته ڪيس مقامي سطح تي هميشه نظرانداز ڪيو ويو آهي جنهن سبب ن ليگ جو دور اقتدار هجڻ باوجود غربت ۽ مفلسي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيان.

اپيل اپيل اپيل
بک هڙتال

حيدرآباد ن ليگ جو پراڻو ڪارڪن مالي مدد لاءِ مرڪزي قيادت کي اپيل ڪري رهيو آهي

حيدرآباد ۾ واسا ملازمن جو 93هين ڏينهن به احتجاج

20مهينن جون پگهارون ۽ پينشنون ادا نه ڪرڻ سبب فاقا ڪشي پيا ڪاٽون

وڏي وزير ۽ صوبائي وزير بلديات معاملي جو نوٽيس وٺي پگهارون ۽ پينشنون ڏيارن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 93 هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله، محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيوويو. ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيوته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيوته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سهوريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي.هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماملي جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

اپيل اپيل اپيل
بےنظیر بھٹو کا خواب ادھورا کیوں؟
قوم کے معمار سڑکوں پر!
40+ PST/JEST
SNE, STR
IBA

حيدرآباد واسا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڏهرڪي: شبير احمد قائمي جي ايڊووڪيٽ ساجد يوسف قائمخاني سان والد جي لاڏاڻي تي تعزيت

ڏهرڪي(ن ع) اڳوڻي صوبائي وزير ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ شبير احمد قائمي ڏهرڪي پهچي ڏهرڪي پريس ڪلب (رجسٽرڊ) جي جوائنٽ سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ساجد يوسف قائمخاني جي رهائشگاهه پهتو جتي هن سندس والد، اڳوڻي ايس ڊي او ايجوڪيشن ۽ ناميا ماهر تعليم سائين محمد يوسف خان قائمخاني جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪندي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. موقعي تي شبير احمد قائمي مرحوم سائين محمد يوسف خان قائمخاني جي تعليمي ۽ سماجي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته مرحوم هڪ قابل مخلص ۽ باصلاحيت ماهر تعليم هو جنهن پنهنجي زندگي تعليم جي واڌاري ۽ نئين نسل جي بهتر تربيت لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي تعليم جي ميدان ۾ سندس خدمتون هميشه قدر جي نگاهه سان ياد رکيون وينديون.اڳوڻي صوبائي وزير سوڳوار خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ وارثن لاءِ صبرِ جميل جي دعا ڪئي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
سومر 05 آڪٽوبر 2026ع

ٽڪراءَ بدران ڳالهين جو رستو اختيار ڪيو وڃي

ملڪ هن وقت اهڙي سياسي صورتحال مان گذري رهيو آهي، جنهن ۾ حڪومت ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽجڻ بدران مختلف معاملن تي وڌندي نظر اچي رهي آهي. هڪ طرف پي ٽي آءِ خيبرپختونخوا مان لانگ مارچ جو اعلان ڪري احتجاجي سياست کي اڳتي وڌائي رهي آهي ته ٻئي طرف وفاقي حڪومت جو چوڻ آهي ته موجوده صورتحال ۾ اصل ڌيان دهشتگرديءَ جي چئلينج تي هجڻ گهرجي. اهڙي ماحول ۾ سڀ کان وڌيڪ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سياسي ڌريون هڪ ٻئي کي پوئتي ڌڪڻ بدران ڳالهين جو رستو اختيار ڪن. رپورٽ ٿيل خبرن موجب پي ٽي آءِ لانگ مارچ جي پهرين مرحلي جو اعلان لڪي مروت کان صوابي تائين ڪيو آهي ۽ في الحال اسلام آباد وڃڻ جو ڪو فيصلو سامهون نه آيو آهي. خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي موجب مارچ جو پهريون مرحلو 4 آڪٽوبر تي لڪي مروت جي گنڊي چوڪ کان شروع ٿيڻو آهي، جنهن ۾ مختلف ضلعن جا قافلا شامل ٿيندا. اڳوڻي وڏي وزير علي امين گنڊاپور جي اڳواڻيءَ ۾ به ڪارڪنن جي قافلي جي شرڪت جو اعلان ڪيو ويو آهي. اها ڳالهه اهم آهي ته پي ٽي آءِ طرفان پُرامن احتجاج تي زور ڏنو ويو آهي. علي امين گنڊاپور ڪارڪنن کي هدايت ڪئي آهي ته ڪو به ماڻهو لٺ نه کڻي، پٿراءُ نه ڪري ۽ قانون هٿ ۾ نه وٺي. احتجاج جمهوريت ۾ سياسي ڌرين جو حق آهي پر ان حق سان گڏ اها ذميواري به جڙيل آهي ته احتجاج اهڙي نموني ڪيو وڃي، جنهن سان عام ماڻهن جي زندگي، ڪاروبار ۽ امن متاثر نه ٿئي ٻئي طرف وفاقي گهرو وزير محسن نقويءَ جو چوڻ آهي ته حڪومت جو مسئلو سياسي نه پر دهشتگردي آهي ۽ هو چاهين ٿا ته خيبرپختونخوا حڪومت دهشتگرديءَ جي معاملي تي وفاق سان گڏ بيهي. هن اهو به چيو آهي ته حڪومت ۽ پي ٽي آءِ وچ ۾ ڳالهين دوران ڪيترن ئي معاملن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر ڳالهين جي مسودي ۾ بار بار تبديلين ٿيڻ سبب اڳڀرائي نه ٿي سگهي.

هتي بنيادي سوال اهو آهي ته جيڪڏهن ٻئي ڌريون ڳالهين جي ميز تي ويهي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهن ٿيون ته پوءِ اختلافن کي روڊن تي آڻڻ جي ضرورت ڇو پيش اچي رهي آهي؟ سياسي اختلاف جمهوريت جو حصو آهن ۽ حڪومت سان اختلاف رکڻ کي جمهوريت خلاف قدم نٿو چئي سگهجي پر جڏهن اختلاف ٽڪراءُ، بدامني يا انتظامي بحران جو خطرو پيدا ڪن ته ان جو نقصان ڪنهن هڪ جماعت کي نه، پر سڄي ملڪ کي ٿيندو. پاڪستان کي هن وقت سياسي استحڪام سان گڏ امن، معاشي ترقي ۽ روزگار جي به ضرورت آهي. خاص طور تي خيبرپختونخوا ۾ دهشتگرديءَ جو مسئلو هڪ سنجيده قومي معاملو آهي، جنهن کي رڳو سياسي بيانن سان حل نٿو ڪري سگهجي ان لاءِ وفاق ۽ صوبي وچ ۾ اعتماد، گڏيل حڪمت عملي ۽ عملي سهڪار ضروري آهي. دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سياسي اختلافن کي هڪ طرف رکي گڏيل موقف اختيار ڪرڻ ملڪ جي مفاد ۾ آهي. حڪومت کي به اهو سمجهڻ گهرجي ته رڳو سخت انتظامي قدمن سان سياسي اختلاف ختم نٿا ٿين مخالف ڌر کي ڳالهين لاءِ مناسب ماحول فراهم ڪرڻ، سياسي شڪايتن کي ٻڌڻ ۽ جيڪي معاملا ڳالهين ذريعي حل ٿي سگهن ٿا، انهن تي سنجيدگيءَ سان اڳتي وڌڻ جمهوريت جي استحڪام لاءِ ضروري آهي. حڪومت جيڪڏهن مخالف ڌر کي رڳو احتجاج ڪندڙ جماعت طور ڏسڻ بدران هڪ اهم سياسي ڌر طور ڳالهين جي ميز تي آڻي ٿي ته ڪيترن ئي تڪرارن جو حل نڪري سگهي ٿو ساڳئي وقت پي ٽي آءِ لاءِ به ضروري آهي ته احتجاج کي پُرامن رکڻ جي پنهنجي اعلان تي مڪمل طور عمل ڪري ۽ ڳالهين جا دروازا بند نه ڪري. سياسي مطالبا پيش ڪرڻ ۽ حڪومت تي تنقيد ڪرڻ پارليامانِي جمهوريت جو حصو آهي پر ملڪ جي امن ۽ سلامتيءَ کي ڪنهن به سياسي مقصد کان مٿانهون رکڻ گهرجي. خاص طور تي جڏهن ملڪ دهشتگردي جي خطري کي منهن ڏئي رهيو هجي تڏهن سياسي ڌرين جو قومي معاملن تي سهڪار وڌيڪ ضروري بڻجي وڃي ٿو تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت ۽ پي ٽي آءِ پنهنجي پنهنجي موقف تان دستبردار ٿيڻ کانسواءِ اختلافن جي حل لاءِ وچ وارو رستو ڳولين هڪ ٻئي جون ڳالهيون ٻڌڻ، مناسب معاملن تي لچڪ ڏيکارڻ ۽ گڏيل نقطن تي اتفاق پيدا ڪرڻ ئي سياسي سمجهه جي تقاضا آهي.

نون صوبن جو رينگٽ: وڪيلن پاران روڊن تي اچڻ جو اعلان!



ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ

ملڪ ۾ هڪ دفعو ٻيهر ٻرڌڪ وارو ماحول پيدا ٿيل آهي پي ٽي آءِ پاران لانگ مارچ، نواز ليگ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وچ ۾ اندروني اختلافي راڙ، جماعت اسلامي سميت ڪجهه ٻيون ملڪ جون سگهاريون ۽ وڏيون پارٽيون وڌندڙ مهانگائيءَ خلاف سراپا احتجاجي بڻيل آهن. ان سان گڏوگڏ نون صوبن بابت شروع ٿيل رينگٽ به جوٽ چڙهندو پيو وڃي. وفاقي حڪومت جا ذميوار نمائندا ملڪ خاص طور تي سنڌ مان آيل ايتري زوردار آواز ۾ ردِ عمل ڪانپوءِ به پنهنجي هوڏ تي قائم نظر پيا اچن هنن جو چوڻ آهي ته ملڪ ۾ نوان صوبا ضرور ٺهندا. ٻئي طرف وفاق سان اتحادي پارٽيون، جنهن ۾ خاص طور تي پاڪستان پيپلز پارٽي نه رڳو پنهنجي سياسي پليٽ فارم تان سنڌ جي ورهاڱي خلاف آواز اوچو ڪيو آهي پر سنڌ حڪومت هڪ دفعو ٻيهر اسيمبليءَ مان اڪثريت راءِ طور ٺهراءُ پاس ڪندي سنڌ جي ورهاڱي کي رد ڪندي وفاقي وزيرن کي اهڙي مئل اِشو تي ڳالهائڻ کان به روڪي ورتو آهي.

وفاقي حڪومت کي ملڪ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي ضرورت آهي يا وري صرف هو سنڌ کي ٽوڙڻ جي ناپاڪ خواهش رکن ٿا. جتي هو پنهنجي هڪڙي اتحادي پارٽيءَ کي راضي ڪرڻ خاطر سنڌ جي 7 ڪروڙ عوام کي بنا ڪنهن جواز جي پريشانيءَ واري حالتن ۾ مبتلا ڪرڻ جا منصوبا جوڙيا ويا آهن. جڏهن به نواز ليگ جي وفاق ۾ حڪومت رهي آهي ته هنن اهڙا ڪيترائي ناپاڪ منصوبا جوڙيا آهن، جن جي ڪري سنڌ جو عوام روڊن تي اچڻ لاءِ مجبور ٿيو آهي. پاڻ کي ياد هوندو ته ماضيءَ ۾ جڏهن مياں نواز شريف ملڪ جو وزيراعظم رهيو، ان دوران نه رڳو ٿل ڪئنال پر ڪالاباغ ڊئم جهڙا نقن ٿيل منصوبا سامهون آندا ويا هئا. ان ڪانپوءِ سنڌ جي ماڻهن جيڪو ردِ عمل ڏنو هو ۽ "اينٽي ٿل ڪئنال ڪاميٽي" نالي پليٽ فارم تي گڏ ٿي ڪري سنڌ جي عوام مسلسل احتجاج ڪيو، سو يقيناً وسارڻ جوڳو نه آهي. اڳتي هلي ٿيٺ وقت جي حڪومت گوڏا کوڙڻ تي مجبور ٿي وئي ۽ ڪالاباغ ڊئم توڙي ٿل ڪئنال جهڙا منصوبا رد ڪيا ويا. ساڳي ئي وفاقي حڪومت ۾ نه رڳو بجلي جي هٿرادو بلن جو جواز ناهي. سنڌ جي ست ڪروڙ عوام کي لوڊشيڊنگ ۾ رکيو ويو پر هٿرادو بلن معرفت سنڌ جي صنعتي يا ڪاروباري مرڪزن مان ڪروڙين رپيا وصول ڪيا ويا ۽ ڪيترن ئي صنعتڪارن کي گرفتار ڪيو ويو. سنڌ جيڪو وفاق کي ٻين صوبن جي پيٽ ۾ جهُوڙ تي گئس، بجلي، ڪوئلو ۽ اناج ڏئي ٿو پر ملڪ ٺهڻ کان هيل تائين سنڌ جو ماڻهو گئس سميت ڪيترن ئي بنيادي سهولتن کان محروم آهي. وفاق پاران اهو طويل سالن کان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ رکيو پيو وڃي پر سنڌ جي ماڻهن مسلسل اهڙين اذيتناڪ حالتن کي منهن ڏنو آهي. هن وقت جيتوڻيڪ پيا ته ڪيترائي اشوز اسان جي قسمت جو حصو بڻجي ويا آهن پر اڄوڪي وفاقي حڪومت پاران نه رڳو ملڪ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ پر هنن جي دماغ ۾ صرف صديون پراڻي قديم سنڌ ڌرتيءَ کي ٽوڙڻ جي سوچ ڇانيل آهي. ايم ڪيو ايم پاران جيتوڻيڪ اهڙو مطالبو ته مسلسل ڪيو ويندو آهي، انهن وٽ جيڪڏهن ڪراچي ۾ قدرتي صاف پاڻيءَ جي کوٽ پيدا ٿئي ٿي ته هو فوري نئين صوبي جي گهُر ڪندا آهن. اهڙي ريت انهيءَ گهر پٺيان ساٿ ڏيندڙ به ان مطالبي جا حامي رهيا آهن. پاڻ سنڌ اندر سياست ڪندڙ انهن سياسي پارٽين مٿان ڪا به معيار ڪونه ٿا ڏيون پر وفاقي حڪومت کي شايد اڄوڪين حالتن دوران اهڙا موقف رکڻ نه گهرجن ها. جتي اڄ هڪ طرف انڊيا ۽ افغانستان پاران مختلف وقتن تي ڇيڪيون ڏنيون پيون وڃن ته ٻئي پاسي ملڪ جون اهڙيون سنگين حالتون آهن جو ملڪ جو عوام به ويلا ماني کائڻ کان به لاچار بڻجي ويو آهي. ان کان علاوه اسان خوشحال سنڌ ۽ پاڪستان جهڙي خطي ۾ بيروزگاري جوٽ چڙهندي پئي وڃي، جنهن خلاف اڳ ئي ملڪ سميت سنڌ جو عوام روڊن تي ويٺل آهي ان سان گڏوگڏ غربت سبب روزانو ڪيترائي ماڻهو خودڪشين جو شڪار ٿي پنهنجن زندگين تان هٿ کڻي رهيا آهن. اهڙي دجالي دور ۾ جتي هر طرف هاءِ گهوڙا لڳي پئي هجي ته وري ٻئي طرف اڄوڪي حڪومت پنهنجيون ماضيءَ واريون روايتون برقرار رکي رهي آهي سنڌ جو ماڻهو يقيناً اهڙين ناپاڪ سوچن ۽ سازشن کي نه صرف سڃاڻي پر پنهنجي طاقت سان مقابلو ڪرڻ جي صدين پراڻي سگهه رکي ٿو. سنڌ ته ان وقت به هڪ خطو هو. جڏهن پاڪستان به وجود ۾ ڪونه آيو هو. سنڌ مٿان اها جيڪا يلغار ٿي رهي آهي سا يقيناً ڪا نئين ڳالهه ناهي ماضيءَ جا آهي ارغون، ترخان توڙي عرب هجن وقت جي رفتار سان انهن به سنڌ مٿان ڪاهه ڪئي هئي پر سنڌ ڌرتي هڪ امن ۽ سلامتيءَ جي مٽيءَ وارو مان رکڻ جي عظيم ڌرتي آهي، جيڪا يقيناً ماضيءَ جي ناپاڪ سوچ رکندڙن کي به سڃاتو هو ۽ اڄ به سڃاڻي ٿي.

سنڌ جي وحدت خلاف جيتوڻيڪ وقتاً بوقتاً مختلف سياسي سماجي مذهبي پارٽين کان علاوه قومپرست ڌرين طرفان احتجاج ڪيو پيو وڃي ته ساڳي وقت سنڌ جا وڪيل، جيڪي جڏهن به سنڌ مٿان ڪي مشڪل گهڙيون آيون آهن. ان دوران هڪ آواز ٿي ٻاهر نڪرڻ تي مجبور ٿي پون ٿا. اڄ کان سال اڳ اڄوڪي وفاقي حڪومت پاران سنڌو درياهه مان نوان ڪئنال توڙي ڪارپوريٽ فارمنگ نالي سنڌ جون زمينون وڪرو ڪرڻ جا منصوبا جوڙيا ويا هئا ته ان وقت آواز اوچو ٿيو هو پر ساڳئي وقت ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين وڪيل برادري هڪ ٿي آواز ڏئي نه رڳو سنڌ پر پنجاب ويندڙ مکيه رستا بند ڪري وفاقي حڪومت کان اهڙن منصوبن جي رد ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرايو هو. پاڻ کي ياد آهي ته جڏهن به نه رڳو سنڌ پر ملڪ اندر اگر ڪي مارشلائن کان وٺي ايمرجنسيءَ جون حالتون پيدا ٿينديون آهن. انهن ڏکين گهڙين ۾ سنڌ ۽ ايشيا جي وڏي بار ليکي ويندڙ حيدرآباد جي وڪيلن جو ڪردار هڪ نمايان رهيو آهي. هن وقت يقيناً سنڌ مٿان گهڻ رُخيون تڪليفون مڙهيون پيون وڃن. خاص طور تي سنڌ جو ورهاڱو جيڪو هڪ مئل اشو هو ان کي هٿ وٺي اڀاريو ويو آهي. اهڙي حرڪت خلاف حيدرآباد جا وڪيل مسلسل احتجاج ۾ چار قدم اڳتي آيل آهن. ڪالهه آل سنڌ وڪلا ڪنوينشن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ ڊسٽرڪٽ ڪورٽ بار جي ميزباني هيٺ ڪوٺايو ويو هو. جتي هزارين وڪيلن گڏ ٿي هڪ ڀيرو ٻيهر اهو عهد ڪيو آهي ته جيڪڏهن حڪومت نون صوبن وارو رينگٽ بند نه ڪيو ته حيدرآباد جا وڪيل سنڌ کان ٻين صوبن ڏانهن ويندڙ روڊ ۽ رستا بند ڪندا.

استاد جي عظمت ۽ جديد دور جون تقاضائون!

ڊاڪٽر الله ڏنو ابڙو

تاريخ شاهد آهي ته قومن جي عروج، ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جو دارومدار مؤثر تعليم تي آهي ۽ مؤثر تعليم بنا معياري استاد جي ناممڪن آهي. بقول نيلسن منڊيلا (Nelson Mandela) جي ته (Education is the most powerful weapon which you can use to change the world)، يعني "تعليم سڀ کان وڌيڪ طاقتور هٿيار آهي، جنهن سان توهان دنيا کي تبديل ڪري سگهو ٿا." تعليم کي مؤثر بڻائڻ ۾ استاد جو هميشه ڪليدي ڪردار رهيو آهي. استاد ئي اهو واحد ڏيئو آهي، جيڪو پاڻ ٻري نئين نسل جي زندگين کي روشن ڪري ٿو. استاد صرف اسڪول ۾ ڪتاب پڙهائيندڙ ناهي، بلڪه هو انساني ذهن کي روشن ڪندڙ، سماجي ڪردارن کي سنواريندڙ، اخلاقي اصولن کي اجاگر ڪندڙ، مهذب معاشري کي جنم ڏيندڙ ۽ قومن جي مستقبل کي تعمير ڪندڙ قوم جو هڪ انمول اثاثو آهي. بحيثيت معمار، استاد هميشه شاگردن جي شخصيت جي تربيت ۽ تعمير کي پنهنجي اولين ترجيح سمجهندو آهي. تعليم سان گڏ، شاگردن ۾ سماجي صفتون جهڙوڪ سچ ڳالهائڻ، وعدو وفا ڪرڻ، وقت جي پابندي ڪرڻ، ٻين جي عزت ڪرڻ، قانون جي پاسداري ڪرڻ، محنت ڪرڻ وغيره استاد پنهنجي ذميواري سمجهندو آهي. ظاهر ۾ ته استاد جي هٿ ۾ چاڪ ۽ ڪتاب ئي نظر ايندا آهن پر پس پرده، نئين نسل بابت، هن جي دل ۾ فڪر، ذهن ۾ منصوبا بندي ۽ اکين ۾ روشن مستقبل جا خواب هوندا آهن. هو هميشه پنهنجي علم ۽ عمل جي شمع سان جهالت جي اونداهه دور ڪندي، نئين نسل کي شعور، سمجهه، سچائي ۽ عمل جي راهه ڏيکاريندي نظر ايندو آهي. هڪ معياري استاد پنهنجي زندگيءَ ۾ هزارين شاگردن جي سوچ ۽ سمجهه، علم ۽ عمل توڙي ڪردار ۽ ڪيريئر جي آبياري ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل هوندو آهي.

فارسيءَ ۾ چوندا آهن ته "دير آيد، درست آيد" (دير سان آيو پر درست آيو) سو دير سان ئي سهي، نيٺ دنيا کي استاد جي اهميت ۽ عظمت جو آخر احساس اچي ويو ۽ تاريخ ۾ پهريون دفعو 5 آڪٽوبر 1966ع تي پيرس ۾ يونيسڪو (UNESCOS) ۽ انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن (ILO) جي سهڪار سان، استاد جي ڪردار، عمل ۽ اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ بين الحڪومتي ڪانفرنس ۾ استادن جي حيثيت بابت سفارش (Recommendation concerning the Status of Teachers) منظور ڪئي وئي جنهن ۾ استادن جي حقن، ذميوارين، تربيت ۽ ملازمت جي حالتن بابت پهريون دفعو باقائده اصول واضع ڪيا ويا. ان تاريخي اڳڀرائيءَ جي ياد ۾ 28 سال بعد يونيسڪو 1994ع کان 5 آڪٽوبر تي استادن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ شروع ڪيو. يونيسڪو جي ٻاريل مشعل کي برقرار رکندي، سڄي دنيا هر سال اڄوڪي ڏينهن (5 آڪٽوبر) تي "استادن جو عالمي ڏينهن" ملهائيندي اچي پئي. استادن جي عالمي ڏينهن ملهائڻ جو بنيادي مقصد هڪ طرف قوم کي اهو ٻڌائڻ آهي ته "استاد قوم جو معمار آهي" ۽ ٻئي طرف سندن خدمتن کي ساراهڻ محنت کي مڃتا ڏيڻ، مسئلن کي ختم ڪرڻ سان گڏ کين بااختيار بڻائڻ، جديد علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ سان روشناس ڪرائڻ ۽ اهڙو ماحول مهيا ڪرڻ آهي، جنهن سان هو هڪ بهتر ماحول ۾ ڪم ڪري سگهن. عالمي سطح تي ان حقيقت کان ڪو به انڪار نٿو ڪري سگهي ته استاد جو مقام انتهائي اونچو ۽ ڪردار بيحد اهم آهي، جو ته استاد نئين نسل کي رڳو روزگار حاصل ڪرڻ جو هنر نٿو سيکاري پر کين زندگي گذارڻ جو سليقو، صحيح ۽ غلط ۾ فرق، اخلاقي قدر ۽ سماجي ذميوارين جو سبق پڻ پڙهائي ٿو. چيو ويندو آهي ته "والدين ٻار کي عرش تان فرش تي آڻين ٿا پر استاد پنهنجي علم، تربيت ۽ رهنمائيءَ سان کيس ٻيهر عرش جي بلنديءَ تائين پهچائي ٿو." والدين ٻار کي جنم ڏين ٿا پر استاد کين جيئڻ سيکاري ٿو ڊاڪٽر انجنيئر سائنسدان، جج، اديب، شاعر منتظم ۽ حڪمران، سڀ پنهنجي علمي ۽ پيشهوراڻي سفر ۾ ڪنهن نه ڪنهن استاد جي ئي رهنمائيءَ جا مرهون منت هوندا آهن. استاد جي ڏنل تعليم ۽ تربيت ئي انهن شخصيتن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪري، ڪاميابيءَ جي راهه تي گامزن ڪيو هوندو. اهو ئي سبب آهي جو استاد کي قوم جو معمار چيو ويو ٿو. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته "ڪاميابي قسمت سان ملي سگهي ٿي پر قائم رهڻ لاءِ محنت گهرجي." استاد پنهنجي اڻٿڪ محنت سان ايندڙ نسل کي نه صرف علم منتقل ڪري ٿو پر نئين نسل کي اهو به سيکاريندو آهي ته محنت ڪڏهن به رائيگان ناهي ٿيندي، پورهئي کان سواءِ ڦل جي اميد اجائي آهي ۽ منزل انهن کي ملندي آهي، جيڪي سفر جاري رکندا آهن.

چوندا آهن ته ترقيءَ جو مرڪز تعليم آهي ۽ تعليم جو مرڪز استاد آهي جيتوڻيڪ اسڪول جون عمارتون، جديد ليبارٽريون، ڪمپيوٽر لائبريريون، درسي ڪتاب وغيره پنهنجي جاءِ تي اهم آهن پر انهن سڀني وسيلن کي اثرائتي نموني استعمال ڪرڻ لاءِ تربيت يافته ۽ پرعزم استاد جي ضرورت هوندي آهي. ڪنهن فلاسافر جو قول آهي ته قومون رڳو اوچين عمارتن، وسيع شاهراهن ۽ صنعتي ترقيءَ سان عظمت جي بلندين تي ناهن پهچنديون، بلڪه سندن سچو سرمايو باشعور، باخلاق، علم دوست ۽ اعليٰ ڪردار رکندڙ نوجوان آهن ۽ نوجوانن جي ذهني اوسر، تحقيقي ۽ تنقيدي سوچ، اخلاقي تربيت ۽ فڪري تعمير ۾ استاد بنيادي ۽ فيصلائتو ڪردار ادا ڪري ٿو. بقول ريٽا پيئرسن جي ته (Every child needs a champion who believes in them and stands by them for their success)، يعني هر ٻار کي هڪ رهبر جي ضرورت هوندي آهي، جيڪو مٿس يقين رکي ۽ سندس ڪاميابيءَ لاءِ ساٿس گڏ بيهي. اهو استاد ئي آهي، جيڪو شاگردن جي عمر، ذهني سطح، دلچسپي ۽ انفرادي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي کين سمجهائي ٿو ته "غلطي ڪرڻ عيب ناهي پر غلطيءَ مان نه سکڻ عيب آهي" ٻارن ۾ علم حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ڪرڻ، سندن لڪل صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ، کين پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ لاءِ همٿائڻ ۽ هنن کي سمجهائڻ ته "ناڪامي زندگيءَ جو خاتمو ناهي هوندو بلڪه اهو ته سکڻ جو هڪ بنيادي مرحلو هوندو آهي" سو هڪ سٺو استاد ئي ڪري سگهي ٿو. معياري استاد پنهنجي محنت، خلوص ۽ سچائيءَ سان شاگردن جي ذهنن ۾ علم جو جيڪو ٻج پوکيندو آهي، سو وقت گذرڻ سان ڪڏهن علمي ڪاميابي، ڪڏهن سماجي خدمت ۽ ڪڏهن تحقيق ۽ تخليق جي صورت ۾ سرسبز وڻ بڻجي معاشري کي علم، عمل، شعور، روشنيءَ ۽ خوشحاليءَ جو ثمر هميشه مهيا ڪندو رهندو آهي.

سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته "ماڻهو لفظن سان نه پر عملن سان سڃاتو ويندو آهي." استاد به پنهنجي عمل اُڪٽ علمي ڄاڻ جديد تدريسي طريقي، اعليٰ اخلاقي قدر، بي مثال شفقت، سکيا جي مسلسل جذبي ۽ مثالي ڪردار جي ڪري منفرد ۽ ممتاز سمجهيو وڃي ٿو سندس شخصيت جو حسن رڳو علم ۽ تدريس ۾ مهارت تائين محدود ناهي پر سندس قول ۽ فعل جي هڪجهڙائي، شاگردن جي ذهني، اخلاقي ۽ فڪري اوسر لاءِ بي لوث محبت ۾ پڻ سمايل آهي. اهو ئي سبب آهي جو استاد کي علم، اخلاق، محبت، صبر، انصاف ۽ محنت جو حسين امتزاج سمجهيو وڃي ٿو. هو شاگردن کي رڳو سبق ناهي پڙهائيندو پر کين سوچڻ ۽ سمجهڻ جي تربيت پڻ ڏيندو آهي. ڪنهن به استاد جي عظمت سندس عهدي، پگهار يا ظاهري شان ۾ ناهي هوندي پر سندس علم، ڪردار، خلوص، محنت ۽ شاگردن جي زندگيءَ تي ڇڏيل مثبت اثر ۾ سمايل هوندي آهي. استاد ئي اهو واحد انسان آهي، جيڪو پنهنجي پيروي ڪندڙ شاگردن کي پنهنجي پاڻ کان اڳتي وڌندي ڏسي خوش ٿئي ٿو ۽ سندن ڪاميابيءَ کي پنهنجي ڪاميابي سمجهي ٿو. سٺو استاد هميشه پنهنجي عمل سان ئي شاگردن جي سماجي تربيت ڪندو آهي. استاد پاڻ وقت جي پابندي ڪري، شاگردن کي وقت جي اهميت سمجهائيندو آهي، انصاف ڪري شاگردن ۾ انصاف جو جذبو پيدا ڪندو آهي، محنت ڪري شاگردن ۾ محنت ڪرڻ جو لاڙو وڌائيندو آهي. استاد هميشه شاگردن سان شفقت، برابري ۽ احترام وارو رويو روا رکندي، ذاتي پسند، ناپسند، معاشي حيثيت، ٻولي يا خانداني پسمنظر جي بنياد تي فرق ختم ڪرڻ جو عملي مظاهرو ڪندي، هر ٻار کي سکڻ جو برابر حق ڏيندو آهي ۽ هر شاگرد جي عزت، نفس ۽ سماجي حيثيت جو هن جي ذات، قوميت ۽ مذهب کان بالاتر ٿي تحفظ ڪندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي تهذيب، ثقافت ۽ علمي روايتن ۾ استاد کي هميشه عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويو آهي. سنڌ جي صوفي بزرگن، عالمن، شاعرن ۽ ڏاهن استاد جي علم، شعور، محبت، انسانيت ۽ اخلاقي ڪردار کي تمام گهڻو ساراهيو آهي. ماضي هجي يا حال ۽ مستقبل، وقت ۽ حالتن جي تبديليءَ سان استاد جي ڪم ڪرڻ جا طريقا، تدريسي وسيلا ۽ ذميوارين جي نوعيت ضرور تبديل ٿي آهي پر علم جي روشني پکيڙڻ، ايندڙ نسل جي تربيت ۽ قومن جي تعمير ۾ سندس اهميت ۽ عظمت ڪڏهن به گهٽجي نٿي سگهي.

موجوده دور سائنس، ٽيڪنالاجي، هٿرادو ذهانت، انٽرنيٽ ۽ معلومات جي تيز رفتار وهڪري جو دور آهي. اڄ علم ۽ معلومات تائين رسائي اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تيز آسان ۽ وسيع ٿي وئي آهي پر ان سان گڏ صحيح ۽ غلط معلومات ۾ فرق ڪرڻ، تنقيدي انداز ۾ سوچڻ، تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ علم کي اخلاقي ذميواريءَ سان استعمال ڪرڻ جي اهميت پڻ اڳ کان وڌيڪ وڌي وئي آهي. اهڙي بدلجندڙ صورتحال ۾ استاد جي ڪردار ۽ ذميوارين جي نوعيت ۾ پڻ تبديلي آئي آهي ماضيءَ ۾ جتي استاد جو بنيادي ڪم معلومات پهچائڻ ۽ ڪتابي سبق پڙهائڻ هوندو هو اتي اڄ سندس ذميواري رڳو علم منتقل ڪرڻ تائين محدود ناهي رهي پر شاگردن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ، سوال اٿارڻ، دليلن سان پنهنجي ڳالهه پيش ڪرڻ، مسئلن جا حل ڳولڻ، تخليقي سوچ کي هٿي ڏيڻ ۽ نوان خيال تخليق ڪرڻ جون صلاحيتون پيدا ڪرڻ پڻ سندس بنيادي فرض بڻجي ويو آهي. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ڊجيٽل ٽيڪنالاجي تعليمي ايپس، آن لائين علمي وسيلن ۽ هٿرادو ذهانت جو مناسب، اثرائتو ۽ ذميوارانو استعمال تدريس ۽ سکيا جي عمل کي وڌيڪ دلچسپ، آسان، بامقصد ۽ نتيجا خيز بڻائي سگهي ٿو تنهن هوندي به شاگردن جي شخصيت سازي، اخلاقي تربيت، جذباتي رهنمائي، خود اعتماديءَ جي واڌ ويجهه ۽ صحيح رُخ جي چونڊ ۾ استاد جي ڪردار جي اهميت هميشه برقرار رهندي. وقت سان گڏ زمانو بدلجي سگهي ٿو پر ڪردارن کي سنواريندڙ ۽ ايندڙ نسل جي مستقبل کي روشن بڻائيندڙ، علم جي اُڪٽ روشني پکيڙيندڙ استاد جي عظمت ۽ اهميت ڪڏهن به ختم ٿي نٿي سگهي. چاڪاڻ ته ٽيڪنالاجي معلومات مهيا ڪري سگهي ٿي پر ان معلومات کي شعور، اخلاق ۽ دانائيءَ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ استاد جي رهنمائي اڄ به اوتري ئي اهم آهي، جيتري ماضيءَ ۾ هئي.

ada2000@live.com



سَرَ نِسريا پاند، اُترَ لڳا آءُ پرين!

رياض احمد سومرو

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هن هڪ سٽ ۾ انتظار به آهي، وڇوڙو به، موسم به، جسم جي ياد به ۽ روح جي تڙپ به. اهو رڳو ڪنهن وڻجاريءَ جي ونيءَ جو پنهنجي ور لاءِ پڪارڻ ناهي، اهو انسان جي ان ازلي حالت جو اظهار آهي، جنهن ۾ محبوب جسماني فاصلي کان گهڻو پري هوندي به اندر جي سڀ کان ويجهي جاءِ تي موجود هوندو آهي. ڀٽائيءَ جو ڪمال اهو آهي ته هو عورت جي انتظار کي رڳو عورت جو ذاتي ڏک نٿو رهڻ ڏئي، بلڪه هو انهيءَ کي انساني وجود جي هڪ آفاقي ڪيفيت بڻائي ڇڏي ٿو. وڻجارا جڏهن واپار جي سانگي ڊگهن سفرن تي نڪري ويندا هئا، تڏهن سندن ونيون گهرن ۾ رهجي وينديون هيون. نه موبائل، نه فون نه وڊيو ڪال، نه پيغام رسائڻ جا ذريعا. خبر جي اچڻ لاءِ مهينا لڳي ويندا هئا ۽ انتظار پاڻ هڪ زندگي بڻجي ويندو هو. پر فراق جي سڀ کان وڏي اذيت فاصلو نه ياد هوندي آهي. جسم پنهنجي محبوب جي موجودگيءَ کي وساري نٿو سگهي ۽ ذهن ان غير موجودگيءَ کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندو رهي ٿو.

شاهه صاحب هڪ عورت جي اندر جي پيڙاهه کي ڪمال طريقي سان بيان ڪيو آهي پر وري جماليات جي جنون جي بلندين کي ڇُهندي جڏهن شاهه صاحب چئي ٿو اتر لڳا آءُ پرين ته پڙهندڙ ۽ جماليات جو ذوق رکندڙ ماڻهو مرد هجي يا عورت جسم مان سيسراٽ ڪڍي ٿو ڇڏي. مطلب اندر جي اڻ تڻ جي ايتري گهري تشبيهه ۽ تڙپ ماڻهو کي مدهوش ڪريو ڇڏي. ڀٽائي گهوٽ ان اتر واءُ جو ذڪر ڪري ٿو جڏهن جيٺ جي موسم ختم ٿيندي آهي ۽ هلڪي هلڪي ٿڌ پوڻ شروع ٿيندي آهي ۽ اتر ۽ ڏکڻ جي ڪند، يعني ٻڪروال ڪنڌ تان گڏجي ڪڪر ڪُر ڪندا آهن ۽ برساتون وسنديون آهن ۽ تتل جسم کي ٺاريندڙ آهن ۽ پوءِ اهو ٺريل جسم وري گرم ٿيڻ لاءِ آتو هوندو آهي ۽ وڻجاري جي ونيءَ کي ان وقت جيڪا تانگهه ٿئي ٿي، ان جو اندازو موجوده دور ۾ انهن کي ٿيندو، جن جا وڻجارا روزگار ۽ ڪاروبار سانگي ڊگهي سفر تي نڪتل هوندا.

صوفي شاعرن وٽ مجاز ۽ حقيقت جو تعلق سدائين بحث هيٺ رهيو آهي مجازي عشق کي ڪڏهن حقيقت ڏانهن ويندڙ رستو سمجهيو ويو ته ڪڏهن اهو نفس جي امتحان جو ميدان بڻجي سامهون آيو. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سسئي، سهڻي، مومل مارئي ۽ ساموئنديءَ جون ڪهاڻيون صرف عشقيه داستان ناهن. اهي انسان جي اندر ۾ هلندڙ ان جدوجهد جون علامتون آهن، جنهن ۾ هڪ طرف دنيا جا رشتا، فرض، سماجي پابنديون ۽ جسماني خواهشون آهن ته ٻئي طرف هڪ اهڙي طلب آهي، جيڪا انسان کي پنهنجي موجود حالت کان ٻاهر ڪڍڻ چاهي ٿي. عاشق جي اصل جنگ ڪڏهن ڪڏهن محبوب سان نه پر پنهنجي نفس سان ٿيندي آهي. محبوب ته ٻاهر هوندو آهي پر رڪاوٽ اندروني ويهندي آهي. اڄ جو وڻجارو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي مهينن لاءِ سمنڊ پار نٿو وڃي، هو جهاز ۾ ويهي دبئي، قطر، سعودي عرب، يورپ يا آمريڪا هليو وڃي ٿو پر فاصلو ختم ناهي ٿيو رڳو فاصلي جو نالو بدلجي ويو آهي. هڪ دوست مون کي هڪ اهڙو واقعو ٻڌايو جيڪو جديد دور جي مجازي رشتن جي هڪ تلخ تصوير پيش ڪري ٿو هن ٻڌايو ته سوشل ميڊيا تي هڪ اجنبي عورت سان سندس رابطو ٿيو. ڳالهين مان خبر پئي ته عورت شادي شده هئي ۽ سندس مڙس روزگار جي سلسلي ۾ دبئي ۾ رهندو هو سال ۾ هڪ ڀيرو گهر ايندو هو. عورت پنهنجي اڪيلائي، محرومي ۽ جسماني ضرورتن جو ذڪر ڪندي ان دوست کان دوستي ۽ قربت جي طلب ڪئي.

ڳالهين جو سفر جذبات کان جسماني خواهشن تائين پهتو. منهنجي دوست جي بيان مطابق، عورت اڳتي هلي اهڙيون تجويزون به ڏنيون، جيڪي عام سماجي ۽ ازدواجي حدن کان ٻاهر هيون. دوست انهن مان گهڻين ڳالهين کي رد ڪيو پر آخرڪار مجازي دنيا جي اهڙي قربت تائين پهچي ويو، جنهن کان پوءِ ڪجهه وقت گذرڻ سان کيس پاڻ کان بيزاري محسوس ٿيڻ لڳي ۽ رابطو ختم ٿي ويو. آخر انسان پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ کان پوءِ به خالي ڇو ٿي وڃي ٿو؟ شايد ان ڪري جو جسم جي طلب ۽ دل جي طلب هڪ شيءِ ناهي، جسم کي لمحي جي تسڪين ملي سگهي ٿي پر روح جي تسڪين پوري ڪرڻ لاءِ ڪجهه اڻاڳا سفر ڪرڻا پوندا آهن.

صوفي روايت ۾ نفس جو تصور ان ڪري اهم آهي نفس کي مارڻ جو مطلب جسم کي ختم ڪرڻ نه پر پنهنجي خواهشن جو غلام ٿيڻ کان نجات حاصل ڪرڻ آهي عشق ۽ شهوت جي وچ ۾ فرق شايد اهو ئي آهي ته شهوت انسان کي پنهنجي طرف ڇڪي ٿي جڏهن ته عشق انسان کي پنهنجي ذات کان ٻاهر ڪڍي وڃي ٿو شهوت چوي ٿي مون کي گهرجي، عشق چوي ٿو مان پاڻ کي ڏئي ڇڏيان ۽ حقيقت شايد ان کان به اڳتي آهي مان ڪير آهيان جيڪو ڏيڻ ۽ وٺڻ پنهنجي دعويٰ ڪري رهيو آهي؟ ڀٽائيءَ جا عاشق آرام پسند ماڻهو ناهن سسئي جبلن ۾ وڃي ٿي سهڻي درياهه سان جنگ ڪري ٿي مومل انتظار ۽ فريب جي پيچيدگين مان گذري ٿي مارئي محلن جي آسائش ڇڏي پنهنجي مٽيءَ ڏانهن موٽي ٿي. انهن سڀني ڪردارن ۾ هڪ ڳالهه مشترڪ آهي اهي پنهنجي اندر جي سڏ کي سماج جي آسان رستي تي قربان نٿا ڪن پر هتي هڪ نهايت اهم ڳالهه سمجهڻ گهرجي ڀٽائيءَ جو عاشق سماج کي ٽوڙڻ لاءِ پيدا نه ٿيو آهي هو پنهنجي اندر جي ڪوڙ کي ٽوڙڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي اصل بغاوت ٻاهر ناهي ٿيندي پر اندر ٿيندي آهي!

هتي هڪ ٻيو نهايت حساس سوال به پيدا ٿئي ٿو. جڏهن انسان اندروني تضادن، شديد جذبات، سماجي دٻاءُ، اڪيلائي ۽ غير معمولي تجربن مان گذري ٿو ته ڪڏهن سندس ذهن واقعي بيماريءَ جي حالت ۾ به وڃي سگهي ٿو جهڙوڪ شيزوفرينيا هڪ طبي ۽ نفسياتي حالت آهي، جنهن جي تشخيص مخصوص علامتن ۽ طبي جاچ جي بنياد تي ڪئي ويندي آهي. ان کي صرف عشق، صوفيائي ڪيفيت يا سماجي بغاوت جو ٻيو نالو سمجهڻ درست ناهي. پر ان سان گڏ هڪ ٻيو سوال ضرور جائز آهي، ڇا هر غير معمولي اندروني تجربو بيماري آهي؟ منهنجو خيال آهي نه ۽ ڇا هر شديد روحاني تجربو بيماريءَ کان پاڪ آهي؟ منهنجي خيال ۾ اهو به لازمي ناهي. انسان جو ذهن ايترو پيچيده آهي جو روحاني تجربو جذباتي بحران ۽ نفسياتي بيماريءَ جي حدن کي سمجهڻ لاءِ شاعريءَ سان گڏ علمِ نفسيات ۽ طب ٻنهي جي ضرورت آهي ڀٽائيءَ جي عاشق جو ٽڪڙ به عجيب آهي. هو سماج جي بندشن سان ٽڪرائي ٿو پنهنجي نفس سان وڙهي ٿو پنهنجي خواهشن کي ساڻ کڻي جبلن، درياهن ۽ ريگستانن مان گذري ٿو ته ڪڏهن ماڻهو کيس چريو سمجهن ٿا. ڪڏهن دنيا کيس ناڪام سڏي ٿي پر **سَرَ نِسريا پاند، اُترَ لڳا، آءُ پرين!** اها صدا شايد صرف ڪنهن وڻجاري جي ونيءَ جي نه هجي، شايد اها هر ان انسان جي صدا هجي، جنهن جو محبوب دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ نه پر سندس پنهنجي اندر جي ڪنهن اونداهي ڪنڊ ۾ گم ٿي ويو آهي.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

دَهشَتَ دَمَ دَرياهَ ۾، جِتِ سَتاڻا سيسارَ؛
بيحَدِ باگُو بَحرَ ۾، هيبَتَناڪِ هَزارَ؛
سارِيان ڪانَ سَرِيرَ ۾، طاقتَ توهان ڌارَ؛
ساهَڙ چامَ! سَتارَ! سِگهو رَسج سِيرَ ۾.

——— (سُرُ سهڻي)

اڄوڪو ڏينهن ---- 05 آڪٽوبر

ڪوڙومل چندن مل کلناڻي

ڪوڙو مل چندن مل سنڌ جو نالي وارو قانوندان،



برک اديب، تعليمي ماهر ۽ عالم هو. هن جو جنم 5 آڪٽوبر 1844ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ڀريا شهر ۾ ٿيو. هن سنڌي ۽ فارسيءَ جي تعليم ڀريا شهر ويجهو آخوند قاضي محمد سليمان جي مدرسي مان حاصل ڪئي ان بعد هو ڪراچيءَ ۾ پڙهيو ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات ڪراچيءَ جي ڪمشنر آفيس ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين ان بعد مختلف اسڪولن ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر طور ڪم ڪيائين. اڳتي هلي روينيو ۽ قانون جا امتحان پاس ڪري پهريائين شڪارپور ۾ ۽ بعد ۾ حيدرآباد ۾ سٽي مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. ان بعد 7 سال ڊپٽي ڪليڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏنائين. هو حيدرآباد جو ميونسپل ڪمشنر ۽ هيلٿ آفيسر پڻ رهيو. هن ٽريننگ ڪاليج جي پهرئين پرنسپال طور پڻ ڪم ڪيو. ديوان ڪوڙومل پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ ليکڪ هو. ڪيس سنڌي نثر جو ابو ڪوٺيو وڃي ٿو. هن مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ هندي، سنسڪرت، بنگالي ۽ انگريزي ٻوليءَ مان ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. هن جي تصنيف ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو تعداد 50 کان مٿي آهي. سنڌ جي هن مهان انسان 16 ڊسمبر 1916ع تي هن فاني جهان مان موڪلايو.

ڊاڪٽر حيدر سنڌي

هن نامور تعليمي ماهر، محقق، مترجم ۽ ليکڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن

تي 1939ع ۾ موري تعلقي جي ڳوٺ مبارڪ ٻرڙي ۾ ٿيو. سندس اصل نالو غلام حيدر ولد حاجي علي مراد ٻرڙو هو. ابتدائي تعليم ڳوٺ سومر چانڊيي جي پرائمري اسڪول مان پاس ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان ڊي سي هاءِ اسڪول نواب شاهه مان پاس ڪيائين. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي. عملي زندگيءَ جي شروعات هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪيائين. بعد ۾ قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد جي پاڪستان اسٽڊي سينٽر ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. اڳتي هلي ساڳيءَ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر جا عهدا ماڻي رٽائر ٿيو. ادبي دنيا ۾ هن ساراهه جوڳيون خدمتون سرانجام ڏنيون. سندس سنڌيءَ، اردوءَ ۽ انگريزي ٻولين ۾ تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب جو تعداد لڳ ڀڳ 17 آهي ان کان علاوه هن مختلف وقتن تي "پرڀات"، "ڦلواڙي" ۽ "وطن" نالي سان اخبارون جاري ڪيون. ادبي سرگرمين سان گڏ هو سماجي سرگرمين ۾ پڻ هميشه اڳڀرو رهيو. هو 1988ع کان 2005ع تائين "رورل لٽريسي پروگرام" نالي هڪ اين جي او جو ڊائريڪٽر رهيو ۽ انهيءَ حيثيت ۾ نواب شاهه ضلعي ۾ 12 مسجد اسڪول ۽ 5 لائبريريون قائم ڪيائين. هن 18 آگسٽ 2023ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو.

اعجاز علي خان جتوئي

هن نامور سياستدان جو جنم 5 آڪٽوبر 1954ع

تي دادو ضلعي جي ڳوٺ ڀيٽو جتوئيءَ ۾ ٿيو. سندس والد عبدالحميد خان جتوئي به نامور سياستدان هو. اعجاز علي جتوئيءَ شاگرديءَ واري زماني ۾ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شموليت اختيار ڪري پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي. هن ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ انهيءَ تحريڪ دوران قيد پڻ ڪاٽيائين. هن 1985ع ۾ بلدياتي چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ ساڳئي ئي سال پاڪستان جي سينيٽ جو ميمبر چونڊيو. اڳتي هلي 1997ع ۾ مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان ٻيو ڀيرو سينيٽر چونڊيو. 1988ع ۾ سائين جي ايم سيد جي جوڙيل سنڌ قومي اتحاد ۾ شموليت اختيار ڪيائين. هو ڪجهه عرصو ضلعي ڪائونسل دادوءَ جو ميمبر پڻ رهيو. هن 16 سيپٽمبر 1997ع تي آمريڪا جي شهر فينڪس ۾ وفات ڪئي.

دودو مهيري

اڄ سنڌ جي مشهور قوم پرست اڳواڻ ۽ سماجي



سرواڻ ڊاڪٽر دودي مهيريءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. ڊاڪٽر دودي 5 آڪٽوبر 1956ع تي تعلقي فاضل راهو ضلعي بدين جي ڳوٺ ٻجاري شريف ۾ هڪ علمي ۽ ادبي گهراڻي ۾ اک کولي. هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول سعيدپور مان پاس ڪيو ۽ ايم بي بي ايس جي سند لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز) مان حاصل ڪئي. ڊاڪٽر مهيريءَ شاگرديءَ واري زماني کان ئي سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ شروع ڪيو. 1974ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو ميمبر مقرر ٿيو ۽ 3 ڀيرا انهيءَ تنظيم جو مرڪزي سيڪريٽري رهيو. اڳتي هلي سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري رهيو. 2011ع ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ سان سلهاڙجي ويو ۽ انهيءَ پارٽيءَ جو مرڪزي سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين هن شاگرديءَ واري زماني ۾ ڪيترائي ڀيرا قيد ۽ بند جون سعوبتون برداشت ڪيون. جنرل ضياءُ الحق واري مارشل لا دوران کيس 30 ڪوڙن جي سزا ملي. هو پنهنجي سماجي ڪمن سبب به ڪافي مشهور رهيو آهي. هن جي جيل جي ڊائري "پلصراط" جي نالي سان شايع ٿيل آهي. اڄ سندس سالگرهه جي موقعي تي اسين کيس دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

اسلم پٽو



مختيار اٽڙ

اڄ ٽيليويزن جي مشهور اداڪار، هدايتڪار ۽ ڊراما نگار اسلم پٽو جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 5 آڪٽوبر 1957ع تي محمد حسن پٽو جي گهر ۾ ٿيو. ايم اي (سوشالاجي) تائين تعليم حاصل ڪيائين. هن پاڪستان ٽيليويزن جي ڊرامن ۾ اداڪاري ڪرڻ سان پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات ڪئي. اڳتي هلي سنڌي

ٽيليويزن چئنل ڪي ٽي اين جي ڊرامن ۾ اداڪاري شروع ڪيائين اداڪاريءَ سان گڏ هڪ هدايتڪار طور به هن نالو ڪمايو آهي. هن 1997ع کان ڊراما لکڻ شروع ڪيا. سندس لکيل ڊرامن ۾ امربيل، پور به سورن جهڙا، بند دروازو، سهڻا تون نه وڃ لاڙ، ارمان ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن.

سيد عبدالرحيم موسوي

هن نامور تعليمي ماهر ۽ ڪالم نگار 5 آڪٽوبر 1957ع ۾ سکر ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. هن سکر جي مين پرائمري اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول روهڙيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (بين الاقوامي تعلقات) ۽ ايس ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪئي. عملي زندگيءَ جي شروعات ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استاد طور ڪيائين ۽ پنهنجي عمر جو گهڻو حصو لياريءَ ۾ گذاريائين. پاڻ "لياري پراجيڪٽ ڪائونسل" جو صدر پڻ رهيو. هن 1992ع کان 1996ع تائين لاڳيتو چار سال "روزاني عوامي آواز" ۾ "رند پروڙين راز" جي عنوان سان ڪالم لکيا. بعد ۾ ساڳئي ئي نالي سان ڪتاب لکيائين. ان کان علاوه "سماجي انقلاب" نالي پڻ ڪتاب لکيائين.

سيد زين شاهه

اڄ سنڌ جي مشهور قوم پرست اڳواڻ ۽ سماج

سڌارڪ سيد زين شاهه جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. هن ناليواري اڳواڻ جو جنم 5 آڪٽوبر 1966ع تي سيد امداد محمد شاهه جي گهر ۾ ٿيو. پاڻ سائين جي ايم سيد جو پوٽو آهي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي شهر سن ۾ حاصل ڪئي. هن ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيو ۽ مهراڻ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي) نوابشاهه مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ بئچلر ڊگري حاصل ڪئي. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات واپڊا ۾ اليڪٽريڪل انجنيئر طور ڪئي. بعد ۾ هن اليڪٽريڪل انسپيڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. 1995ع ۾ هن نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي ڇڏي. هن ڪجهه وقت آمريڪا ۾ گذاريو. جتي 1992ع ۾ هڪ جان ليوا حادثي جي نتيجي ۾ کيس ڪيترائي ڏينهن اسپتال ۾ رهڻو پيو. سيد زين شاهه نوابشاهه ۾ پڙهڻ دوران پنهنجي سياسي سرگرمين جي شروعات ڪئي. سائين جي ايم سيد جي وفات کان پوءِ پاڻ جيئي سنڌ قومي محاذ جي ڪنوينر طور پارٽيءَ کي سنڀاليو. اڳتي هلي پاڻ جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين طور ڪم ڪيو. هن مظلوم عوام جي حقن جي بحاليءَ ۽ سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن جي حل لاءِ هلندڙ تحريڪن ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. آبادگارن کي ڪمند جا جائز اگهه ورائي ڏيڻ، ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت خلاف هلندڙ تحريڪ، بلوچستان ۾ فوجي آپريشن خلاف هلندڙ جدوجهد، سنڌو نديءَ مان غيرقانوني واهه يا ڪئنال ڪڍڻ خلاف هلندڙ تحريڪ ۽ اهڙي قسم جي ٻين تحريڪن ۾ پاڻ هميشه اڳڀرو رهيو آهي. سيد زين شاهه 2007ع کان سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ سان لاڳاپيل آهي ۽ انهيءَ پارٽيءَ جي مرڪزي اڳواڻ طور سنڌ ۽ سنڌين جي مفادن جي جنگ لڙي رهيو آهي.

خادم گهراڻو

اڄ مشهور ليکڪ خادم گهراڻي جي جنم جو



ڏينهن آهي. هو هڪ بهترين شاعر، نثر نگار، تاريخ جو ڄاڻو ۽ هڪ قابل استاد هو. هن جو اصل نالو محمد خان گهراڻو ۽ تخلص خادم هو. سندس جنم 5 آڪٽوبر 1967ع تي نصرپور ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم نصرپور مان حاصل ڪيائين. اڳتي هلي ايم اي (ايڪنامڪس) ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ ۾ هو گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو استاد رهيو. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون، مضمون ۽ تبصرا لکيا. سندس ڪتابن ۾ "سمنڊ ڪنارو" (شاعري)، "هيرن جواهرن جو ٿيلهو" (ٻارن جون ڪهاڻيون) ۽ "تارين جدا ٿيا گل" (ڪهاڻيون) شامل آهن. هن ڪيترائي فوٽو اسٽيٽ رسالا ڪڍيا. هو سنڌي ادبي سنگت جو عهديدار پڻ رهيو. هي ناميارو ليکڪ 23 اپريل 2022ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

امينہ ناز پٽي

هن مشهور ليکڪا جو جنم 5 آڪٽوبر 1978ع تي ڳوٺ حاجي نبي بخش پٽي ضلعي دادوءَ ۾ ٿيو. هن ايم اي تائين تعليم حاصل ڪئي آهي. هوءَ سنڌي ادبي دنيا ۾ شاعره ۽ ڪهاڻيڪاره طور سڃاتي وڃي ٿي. هن جي پهرين ڪهاڻي 1998ع ۾ هالار ڊائجيسٽ ۾ ڇپجي پڌري ٿي. هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جن ۾ وايون، نظم، چوسٽا ۽ غزل وغيره شامل آهن. هن مضمون ۽ ڊائريءَ جا ورق پڻ لکيا آهن.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ گارڊين جج ٽنڊو الهيار
گارڊين درخواست نمبر 33 سال 2026

عبداللطيف ولد پناهُو خان ذات مستوئي رهندڙ مستوئي ڪالوني ٽنڊو الهيار ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (3) احمر ولد عبداللطيف (4) عبدالصمد ولد عبداللطيف (5) احد ولد عبداللطيف (6) حماد علي ولد عبداللطيف (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. ايونٽس (v) Ibad Ali ولد عبداللطيف (تاريخ پيدائش 2012-04-12).. مائنر

مٿين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 10.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت بلاٽ جيڪو فوتي مسمات رضيه زال عبداللطيف جنهن جي وفات 2024-05-02 تي ٿئي جي نالي تي آهي ۽ صغيرن جي تعليم ۽ ٻين خرچن بابت مائنرس جي پراپرٽي ۾ پلاٽ نمبر 68 بلاڪ سي ايراضي 1500 اسڪوائر فوٽ واقع ماموجي ٽائون هائوسنگ اسڪيم تعلقو ضلعو ميرپورخاص تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ گارڊين جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 168 سال 2025

ناصر علي ولد ارشد اقبال آرائين ۽ ٻيا..پلينٽف..بخلاف.. (1) شاهد رسول ولد عبدالغني رهندڙ قاضي احمد (2) اي سي قاضي احمد (3) مختيارڪار روينيو قاضي احمد (4) سب رجسٽرار سڪرنڊ (5) سيڪريٽري روينيو ڪراچي. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار اسپيسفڪ پرفارمنس اينڊ پرمننٽ انجڪشن آرڊر VII رول 1 سي پي سي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
سول سوٽ نمبر 29 سال 2026

مسمات صنم ڌي حامد علي چانڊيو ويٺل ماٿو خان چانڊيو تعلقو ڪي اين شاه ..ايپليڪينٽ...بخلاف.. پبلڪ ايٽ لارج .. ايونٽس (1) اعجاز احمد ولد منير احمد (2) سمير علي ولد منير احمد ذات چانڊيو ويٺل ماٿو خان چانڊيو تعلقو ڪي اين شاه ... مائنر

مٿين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ زير قلم 10 تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-10-09 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

مڪمل ٿي ويو آهي. بهرين مرحلي ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن سان تعلق رکندڙ ٽوٽل 8676 ميل ۽ فيميل اميدوارن پنهنجي روشن مستقبل لاءِ سنڌ يونيورسٽي جي چونڊ ڪندي، ٽيسٽ ڏني ٽيسٽ جي موقعي تي سخت سيڪيورٽي جي انتظامن سميت شاگردن جي سهولت جا بهترين انتظام ڪيا ويا هئا. ان موقعي تي يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف آرٽس اينڊ ڊزائين ۾ پريس بريفنگ جو انتظام ڪيو ويو هو جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا کي ٽيسٽ جي انتظامن اميدوارن جي تعداد، يونيورسٽي جي تعليمي معيار جي بهتري لاءِ ورتل اپائن ۽ مستقبل جي حڪمت عملين بابت آگاهي ڏني. وائيس چانسلر ميڊيا سان ڪيل ڳالهه ٻولهه ۾ ٽيسٽ ڏيڻ لاءِ آيل سمورن اميدوارن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته هر سال داخلا جي خواهشمند اميدوارن جي تعداد ۾ ٿيندڙ اضافو سنڌن ۽ سنڌن والدين جي يونيورسٽي تي اعتماد جو ثبوت آهي هن چيو ته سنڌ يونيورسٽي سنڌن بهترين چونڊ آهي جيڪا نهايت ئي گهٽ فيس تي انتهائي اهم شعبن ۾ معياري تعليم سان گڏ هاسٽلن ۾ رهائش ۽ ٽرانسپورٽ جو سهولتون پڻ ڏئي ٿي هن يونيورسٽي ۾ضرورت ۽ ميرٽ جي بنياد تي اسڪالرشپس جا تمام گهڻا موقعا موجود آهن جن مان هزارين شاگرد فائدو حاصل ڪري رهيا آهن هن چيو ته سنڌ يونيورسٽي ملڪ جي قديم يونيورسٽي آهي، جيڪا هر سال هزارين باصلاحيت ۽ قابل نوجوان تيار ڪري ملڪ جي خدمت لاءِ عملي ميدان ۾ موڪلي ٿي وائيس چانسلر چيو ته سنڌ يونيورسٽي جو پنهنجي ٽيسٽنگ سينٽر آهي جيڪو گذريل ڪيترن ئي سالن کان نهايت ئي شفافيت ۽ مڪمل رازداري سان انٽري ٽيسٽ وٺي ٿو ۽ ساڳئي ڏينهن تي رزلٽ جاري ڪري ٿو هن چيو ته اميدوارن جي سهولت ۽ انتظامن جي بهتري لاءِ ٻن حصن ۾ ٽيسٽ ورتي وڃي ٿي. بهرين مرحلي ۾ پري وارن ضلعن جي ٻارن کي موقعو فراهم ڪيو وڃي ٿو ۽ ٻئي مرحلي ۾ ويجهن ضلعن کي ٽيسٽ ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو ۽ مختلف ڪئمپسز ۾ داخلا جي خواهشمندن کي انهن ڪئمپسز ۾ ئي ٽيسٽ جو موقعو مهيا ڪيو وڃي ٿو. وائيس چانسلر صحافين کي ٻڌايو ته ٽيسٽ جي ٻنهي مرحلن لاءِ ٽوٽل 22511 اميدوارن آن لائين اپلاءِ ڪيو آهي جنهن ۾ 16237 ميل ۽ 6274 فيميل اميدوار شامل آهن ۽ اڄ بهرين مرحلي ۾ ٽوٽل 8676 اميدوار ٽيسٽ ۾ شامل آهن جن ۾ 6857 ميل ۽ 1819 فيميل اميدوار شامل آهن. وائيس چانسلر چيو ته ٽيسٽ وارو هي سمورو عمل ڪمپيوٽرائيزڊ آهي. اميدوار جيڪو به پيپر ڏيندا، سسٽم ان مطابق ئي رزلٽ تيار ڪري ڏيندو جنهن ۾ ناانصافي جي ذرو برابر به گنجائش موجود ناهي هن چيو ته ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوار ۽ سنڌن والدين مڪمل ڀروسو رکن داخلا وارو سمورو مرحلو مڪمل شفافيت ۽ ميرٽ تي مشتمل آهي جنهن جي جيڪا به ميرٽ ٺهندي ان کي ان مطابق ئي داخلا ملندي وائيس چانسلر ان موقعي تي پري انٽري ٽيسٽ جي انتظامن لاءِ جوڙيل مختلف ڪميٽين جي ڪنوينرن جي ڪوشش ۽ ڪمٽمينٽ جي تعريف ڪندي چيو ته ٽيسٽ جي هن بهترين فيز جي ڪاميابي گڏيل ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي هن بريفنگ ۾ شامل سمورن صحافين جي شرڪت ۽ يونيورسٽي جي بازيڪو ميڊيا ڪوريج تي سنڌن شڪريو ادا ڪندي چيو ته هي اعليٰ تعليمي ادارا اسان جي نوجوان نسل جي اميدن جو مرڪز ۽ سنڌن والدين جي خوابن جي تعبير آهن جن جي نيڪ نامي ۽ ترقي لاءِ اسان گڏيل ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهن بريس بريفنگ جي موقعي تي سنڌ يونيورسٽي مين ڪئمپس جو پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار شاهه ٺٽي ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مصباح بيبي قريشي، دادو ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيلا ناز سومرو سنڌ يونيورسٽي جو رجسٽرار ساجد قيوم ميمڻ ڊائريڪٽر ايڊمشنز ڊاڪٽر اياز ڪيريو پري انٽري ٽيسٽ ڪو آرڊينيشن ڪميٽي جي ڪنوينر پروفيسر ڊاڪٽر عرفانه بيگم ملاح سميت مختلف ڪميٽين جا ڪنوينر ۽ ميمبر ڊاڪٽر پنهل خان لاشاري،پروفيسر امر سنڌو ڊاڪٽر سعيد احمد منگي، ڊاڪٽر ذوالفقار علي پنهور ڊاڪٽر رابعه اسما ميمڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. پريس بريفنگ بعد وائيس چانسلر پرو وائيس چانسلرز سان گڏ مختلف بلاڪس جو دورو ڪيو ۽ هلندڙ ٽيسٽ عمل جو جائزو ورتو جڏهن ته مختلف فئڪلٽيز جي ڊينز طرفان پڻ امتحاني عمل جي نگراني ڪندي بلاڪس جو جائزو ورتو ويو. ٽيسٽ صبح جو 10:00 وڳي شروع ٿي جيڪا 90 منٽ جاري رهي، 11:30 تي پڄاڻي تي پهتي. ٽيسٽ جي موقعي تي وائيس چانسلر اميدوارن سان گڏ آيل سنڌن والدين سان پڻ مليو جن سنڌ يونيورسٽي جي انتظامن جي واکاڻ ڪئي ۽ انتظارگاهه جون بهترين سهولتون ڏيڻ تي سنڌس مهربانيءَ مڃي. انٽري ٽيسٽ جي بهرين مرحلي ۾ ڪراچي، سانگهڙ شهيد بينظير آباد، دادو، لاڙڪاڻو، قمبر شهدادڪوٽ، گهوٽڪي،جيڪب آباد، ڪشمور، خيرپور، مٽياري، نوشهرو فيروز شڪارپور ۽ سکر ضلعن جي اميدوار ٽيسٽ ڏني انٽري ٽيسٽ جي موقعي تي سنڌ يونيورسٽي جي ٽرانسپورٽ شعبي طرفان حيدرآباد، ڪوٽڙي ۽ ڄامشوري سميت ويجهن علائقن مان اميدوارن کي ٽرانسپورٽ جي سهولت فراهم ڪئي وئي هئي انٽري ٽيسٽ دوران چوڪرن ۽ چوڪرين جي داخل ٿيڻ جا ڌار ڌار رستا مقرر ڪيا ويا هئا جتي 200 کان وڌيڪ والنٽيئرز جي ٽيم اميدوارن جي رهنمائي لاءِ موجود هئي ان موقعي تي يونيورسٽي جي مني هاسپيٽل طرفان امتحاني بلاڪن سميت ٻاهر مختلف جاين تي طبي ڪئمپون قائم ڪيون ويون هيون جتي قابل ڊاڪٽرن جي ٽيم هنگامي طبي امداد جي ضروري دوائن سان گڏ ايمبولنسون موجود هيون.ٽيسٽ جي موقعي تي سنڌ يونيورسٽي جي بوائز ۽ گرلز هاسٽلز طرفان مختلف ضلعن مان ٽيسٽ ڏيڻ لاءِ آيل هڪ هزار وڌيڪ اميدوارن ۽ سنڌن والدين کي رهائش جي سهولت پڻ فراهم ڪئي وئي، ٻئي طرف سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر طرفان ڪامياب انٽري ٽيسٽ جي انعقاد تي يونيورسٽي جي استادن آفيسرن ۽ ملازمن کي مبارڪون ڏنيون ويون آهن

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

چڙيا آهن ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر سنڌ يونيورسٽي ٽيسٽنگ سينٽر ڊاڪٽر آفتاب احمد چانڊيو طرفان جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته انٽري ٽيسٽ جا نتيجا شام 6:00 وڳي پڌرا ڪري سنڌ يونيورسٽي ٽيسٽنگ سينٽر (SUTC)جي آفيشل ويب سائيٽ تي رکيا ويا آهن جاري ڪيل نتيجن ۾ سڀ کان وڌيڪ مارڪون کڻي پهرين ٻين ۽ ٽين پوزيشن ماڻيندڙ اميدوارن جي نالن جو اعلان به ڪيو ويو آهي نتيجن مطابق خيرپور ضلعي سان تعلق رکندڙ منيش ڪمار ولد سريش ڪمار ۽ نوشهري فيروز ضلعي سان تعلق رکندڙ حفضه آرائين ڌي محمد فضيل آرائين هڪجيترين 94 مارڪون کڻي پهرين پوزيشن ماڻي ورتي آهي، جڏهن ته مٽياري ضلعي سان تعلق رکندڙ مختيار علي ولد علي خان سولنگي 93 مارڪون کڻي ٻين پوزيشن ماڻي آهي ٽين پوزيشن ماڻيندڙ اميدوارن ۾ شهيد بينظير آباد ضلعي سان تعلق رکندڙ اسد علي ولد نور محمد پلي ۽ مٽياري ضلعي سان تعلق رکندڙ عبدالمصور ولد عبدالرحمان جمالي شامل آهن جن پڻ هڪجيترين 87 مارڪون حاصل ڪري ٽين پوزيشن ماڻي ورتي آهي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن کي مبارڪون ڏيندي سنڌن ڪامياب مستقبل لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو آهي ڊائريڪٽر ايس يو ٽي سي طرفان جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اڄوڪي انٽري ٽيسٽ ۾ ٽوٽل 7753 اميدوار شامل ٿيا، جن ۾ 6147 بوائز ۽ 1606 گرلز شامل آهن پڌرائي مطابق 4 اميدوارن جي رزلٽ مختلف سببن جي ڪري روڪي وئي آهي

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

جدان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو علائقي واسين ۽ وارثن موجب الطاف گذريل ڪجهه ڏينهن کان گهريلو پريشانين سبب سخت ذهني دٻاءَ جو شڪار هو

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

ويو ميڙ منٿ قافلو سومرا ڌرجي در محمد سومرو دلمراد سومرو مولا بخش سونيو وٽ پهتو، جن ميڙ کي مان ڏيندي چيو ته اسان فيصلي لاءِ راضي آهي برادري جي ٻاهرين معززين سان صلاح مشورو ڪري کي نالا فيصلي لاءِ 15 ڏينهن ۾ ڏنا ويندا رند برادري ڌر پاران شير محمد رند چيو ته اسان فيصلي تي راضي آهيون جتي به سومرا پاٿر فيصلو رکن اسان ڪرڻ لاءِ تيار آهيون پڻي ڌر پاران سرفراز پڻي پاران ميڙ منٿ قافلي کي مان ڏيندي چيو ته اسان پڻ فيصلي ڪرڻ لاءِ راضي آهيون ان موقعي تي منٿ ميڙ قافلي جي اڳواڻي ڪندڙ رئيس عقاب خان راڄپر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته علائقي ۾ امن پائيجارو برقرار رکڻ ۽ خوني تڪرار ختم ڪرڻ لاءِ معززين ساڻ ڪري ڌرين وٽ قرآن پاڪ نياڻيون کڻي پهتا آهيون علائقي ۾ امن لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون هتي وڌيڪ چيو ته سومرا رند، پڻي ڌرين جي ماڻهن جا اسان شڪر گذار آهيون هن منٿ ميڙ قافلي کي مان ڏيندي فيصلي ڪرڻ لاءِ راضي ٿيا آهن تنهن ڌرين جي اڳواڻن سان صلاح مشوره ڪري فيصلو رکيو ويندو ٽئي ڌريون فيصلي لاءِ راضي آهن.

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

جي سامهون سول ڊفينس جي خالي آفيس تي اوچتو ڇاپو هڻي اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (ايس آءِ يو/سي آءِ اي) جي مبينا خانگي عقوبت خاني ۾ غيرقانوني طور قيد 27 ڄڻن کي بازياب ڪرايو ذريعن موجب ڇاپي دوران هڪ مغوي، جنهن کي مبينا منشيات فروش گلاب خان جو پٽ ٻڌايو وڃي ٿو موقعي تان فرار ڪرايو ويو جڏهن ته باقي 26 ڄڻن کي تحويل ۾ وٺي ايس آءِ يو صدر منتقل ڪيو ويو واقعي ڪانپوءِ سي آءِ اي سينٽر صدر ۾ سموري آمدرفت معطل ڪئي وئي، جتي ايس ايس پي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او ايس آءِ يو صدر موجود رهيا. ٻئي طرف ايس ايڇ او نبي بخش پاران معاملو مئجسٽريٽ سان ڳالهين ذريعي ختم ڪرائڻ جون ڪوششون ڪرڻ جا به الزام سامهون آيا آهن اندروني ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته ڇاپل مبينا عقوبت خانو ڊي ايس پي ايس آءِ يو صدر جي ٽيم جي نگراني هيٺ هلندڙ هو ۽ اتي ٿيندڙ مبينا غيرقانوني سرگرميون ڊي ايس پي جي هدايتن تي ڪيون وينديون هيون واقعي جي سنگيني کي نظر ۾ رکندي ذريعن موجب ايس ايس پي ڊي ايس پي ايس آءِ يو کي سختي سان خبردار ڪيو ته جيڪڏهن معاملو ميڊيا تائين پهتو يا مئجسٽريٽ پاران ڪا منفي رپورٽ سامهون آئي ته سموري ذميواري ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او تي عائد ٿيندي ۽ انهن خلاف سخت کاتي ۽ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي شهري تنظيمن ۽ قانوني ماهرن موجب شهرين کي ڪنهن خانگي هنڌن تي قيد رکڻ ۽ مبينا تشدد ڪرڻ آئين پاڪستان ملڪ جي قانون

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو آهي جن کي زخمي حالت ۾ شهدادپور جي سمس اسپتال آندو ويو آهي جن کي ويڪسين لڳائي وئي آهي زخمين ۾ معصوم ٻارڙي زويا ٻاگڙائي معصوم ٻارڙي ظهران انور لياقت زرداري محمد مدارو حبدار ماڇي وزير مري شامل آهن ٻئي پاسي شهر ۾ خوف واري صورتحال ڇانئجي وئي آهي جڏهن ته ضلعي انتظاميا پاران ڪي به اپاءَ نه ورتا ويا آهن جنهن سبب شهر جي مختلف چوڪن تي آوارا ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي شهري جو مطالبو آهي ته جلد کان جلد ڪتا مار مهم شروع ڪئي وڃي

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

تي ڪراچي ۾ وحدت سنڌ ريلي ڪڍي ويندي جنهن ۾ سڄي سنڌ مان سنڌي گڏ ٿيندا پنجاب جا وزير ۽ ايم ڪيو ايم جا ننڍا شيطان جيڪي سنڌ ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪن ٿا جيڪي چون ٿا ته سسٽم ختم ٿي ويو آهي جنهن ڪري نوان صوبا ٺاهيا وڃن پر سنڌ جو سسٽم سان ڪو تعلق ۽ رچ نه آهي پاڪستان ٺهڻ کي صرف 79 سال ٿيا آهن سنڌ وطن آهي جيڪو صدين کان هڪ قائم هڪ وطن آهي جيڪي پاڪستان ٺهڻ بعد لوڊ ڪري سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا ۽ سنڌ جي شهر سنڌ جي دل ڪراچي کي چون ٿا اسان جو آهي ۾ هٿ مهرباني ڪري واپس هليا وڃن سنڌي پنهنجي ڌرتي جي ڪمائي سنڀالي سگهن ٿا ڪراچي ريلي بعد اسين پنجاب ويندا رستا بند ڪنداسين جيستائين جن وزيرن ۽ حڪمرانن بيان ڏنا آهي واپس نه ٿا وٺن ڊاڪٽر قادر مگسي پلي ريلي ڪيڍي سڄو نومبر سنڌ جي وحدت جي حوالي سان ريليون نڪرن احتجاج ٿين سلي ڳالهه آهي باقي ڪير ڪنهن جو ماڻهو آهي سڀني کي خبر آهي سنڌ جي اندر قبيلائي تڪرارن ۾ ادارا ۽ قانون ملوث آهن گهوٽڪي ڪنڌڪوٽ سميت سنڌ ۾ قبيلائي تڪرار هٿن سان ڪرايا پيا وڃن ملڪ ۾ ڊاڪٽرن جون سيٽون 1400 وڌ ٿيون پر سنڌ کي هڪ به نه ڏني وئي آهي جيڪو سنڌ جي حقن تي ڌاڙو آهي ٿر مان نوجوان امتحان پاس ڪري اچن ٿا جيڪو سنڌ دشمن ڌرين کي پسند نه آهي انهي موقعي تي پنهل ساريو باغي بجاراڻي، لالو جکراڻي ادو بنگوان ڪامريڊ عباس ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

محمد لغاري ۾ پلاٽ جي مالڪي تان لغاري نظاماڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي سبب پوليس اهلڪار شاهنواز نظاماڻي جي قتل ۽ ٻنهي ڌرين جي 8ماڻهن جي زخمي ٿيڻ واري واقعي ڪانپوءِ شهدادپور پوليس پاران مقتول جو پوسٽ مارٽم ڪرائي لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو پوليس پاران مقتول جي ڀاءُ مبشر نظاماڻي جي فرياد تي هرهڪ گدا حسين عرف ڪاشف لغاري، عثمان لغاري، عبدالعزيز سفير اياز ابرار محبوب لغاري سميت 7 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪري ورتو آهي پوليس واقعي ۾ ملوث ڪجهه ماڻهن کي حراست ۾ وٺي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

ايس آئي گل محمد جسڪاڻي پوليس ٽريننگ ڪاليج وٽ اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب 55سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو جنهن جو لاش سمس اسپتال آڻڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو هوڏانهن سنڌس تڏو شهدادپور اسٽيشن لڳ ڪيو ويو آهي واقعي سبب پوليس کاتي ۾ سوڳ وارو ماحول هو کيس اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

زخمي ڪري سنڌس ٿي برادري جا مک جوبدار محمد ناريجو ۽ نصيرناريجو کي سنڌو دريا جي بيٽ تان وٺان فرار ٿي رهيا هئا ته لانڍيون ٿاڻي جي ۽ گلوسيال ٿاڻي جي پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب جهڙا جا مک جوبدار آهن وڌيڪ جهيڙي ۾ ملوث جوبدارن کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

ڪلب تائين 35 ڪلوميٽر پيادل لانگ مارچ شروع ڪيو ويو آهي، ڳوٺاڻن پيمر راڄ، لڇمڻ ڏامون سليم ڏهوٽ، ديدار پيل، شير لنجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شروع ٿيل لانگ مارچ مختلف ڳوٺن مان ٿيندو سياڻي اسلام ڪوٽ پهچندو جتي پريس ڪلب آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو لانگ مارچ جي اڳواڻن پيمر راڄ ۽ ٻين چيو ته گوڙانو ۽ ڏڪرچو ڊيمن مان نڪرندڙ زهريلي پاڻي ڪيترن ئي ڳوٺن، زرعي زمينن ۽ پيئڻ جي پاڻي وارن کوهن کي متاثر ڪري چڪو آهي، جڏهن ته ڪوئلي جي مٽي جي زهريلي دونهين ۽ ڊمپنگ سبب ڪيڻ ڪنڊي، روهيڙو ۽ لئي سميت قيمتي وڻن ۽ قدرتي چراگاهن جي تباهي ٿي رهي آهي هنن الزام لڳايو ته ريلوي لائين ۽ ڊمپنگ يارڊن لاءِ بغير مناسب نوٽيس ۽ معاوضي جي هزارين ايڪڙ زرعي زمين ۽ چراگاهن تي قبضو ڪيو ويو آهي اڳواڻن چيو ته ٿرڪول جي نالي تي ٿر جي تباهي ڪئي وئي آهي، جڏهن ته اربين رپين جي رائلٽي مان ٿر کي گهربل حصو ۽ بنيادي سهولتون نه مليون سگهيون آهن هنن مطالبو ڪيو ته رائلٽي جو 100 سيڪڙو فنڊ ٿر جي ترقي تي خرچ ڪيو وڃي ۽ ڪمپنين جي ڪروڙين رپين جي سي ايس آر فنڊ بابت شفاف جاچ ڪميٽي جوڙي وڃي هنن چيو ته مقامي انجنيئرن ڊرائيورن ۽ پڙهيل لکيل نوجوانن کي نظرانداز ڪري ٻاهران ماڻهو ڀرتي ڪيا پيا وڃن جڏهن ته خطري واري ڪم ڪندڙ ڊمپر ڊرائيورن کي مناسب اجورو نه پيو ڏنو وڃي متاثرن مطالبو ڪيو ته ڪمپنين ۾ هنرمند نوڪرين ۾ 80 سيڪڙو مقامي ماڻهن کي ترجيح ڏني وڃي متاثرن لاءِ شفاف ريسيٽلمينٽ پاليسي لاڳو روزگار جا حق يقيني ۽ زمينن ۽ ماحول کي پهتل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

ريو ڏرڙي ۾ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي عمران خان جي آزادي ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن خطاب ڪندي چيو ته عمران خان کي سياسي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي، جنهن کي هو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا هڪ طرف عمران خان کي جيل ۾ واڙيو ويو آهي ٻئي طرف سپريم ڪورٽ جي حڪم باوجود ڪيس سهولتون نه پيون ڏنيون وڃن.هنن مطالبو ڪيو ته پي ٽي آءِ جي باني عمران خان کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ ملڪ ۾ سياسي حقن، جمهوريت ۽ قانون جي بالادستي کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

دانهيندي چيو منهجد ڪاتي واري 3 جريب زرعي زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي ، زمين تان قبضو ختم ڪرڻ لاءِ چوڻ تي جاويد ، قادربخش رند ۽ ڪجهه نامعلوم ماڻهو رستي ويندي مون تي سخت تشدد ڪري مون کي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ مان بيهوش ٿي ويس هن چيو ته مان ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ وٺي ڏهرڪي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو آهي ، پوليس هڪ جوابدار قادربخش رند کي گرفتار ڪيو آهي ۽ ٻي جوابدار جاويد رند جي گرفتار لاءِ پڻ ڇاپو هنيو آهي جيڪو فرار ٿي ويو آهي هن ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ايس ايڇ او ڏهرڪي کان مطالبو ڪيو ته فوري طور فرار ٿيل جوابدار جاويد رند کي گرفتار ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ زمين تان قبضو ختم ڪرايو وڃي

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

جي ڀيڻ مختصر علالت بعد لاڏاڻو ڪري وئي جنهن کي سوين اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي آخري رسمن ۾ ٿر جي معزز ماڻهن سميت مٽن مائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جو ٽڏو ڳوٺ سجو ساند ۾ وڇايو ويو آهي

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

تعلقن ۾ گذريل 9 مهينن دوران 2264 ڄڻن کي ڇتن ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي پي پي ايڇ آءِ جي انگن اکرن موجب جنوري کان سيپٽمبر 2026ع تائين ڪتن جي ڏاڙهڻ جا مجموعي طور 2264 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن جن ۾ ٻارڙن، عورتن ۽ مردن سميت مختلف عمرن جا ماڻهو شامل آهن. جن کي طبي امداد فراهم ڪرڻ سان گڏ ريبيز کان بچاءَ جون ويڪسينون پڻ لڳايون ويون انگن اکرن موجب جنوري ۾ 351، فيبروري ۾ 345، مارچ ۾ 297، اپريل ۾ 259، مئي ۾ 197، جون ۾ 212، جولاءِ ۾ 218، آگسٽ ۾ 211 ۽ سيپٽمبر ۾ 174 ڪيس رپورٽ ٿيا.ان سلسلي ۾ شهرين جو چوڻ آهي ته سنڌ حڪومت عوام کي ڇتن ڪتن جي حملن کان بچائڻ لاءِ صفائي ڪاتي کي فنڊ جاري ڪري ٿي پر عملي طور عوام کي ان جو ڪو خاطرخواهه رليف نظر نه ٿو اچي 2264 ماڻهن جو ڪتن جي حملن ۾ زخمي ٿيڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڪتا مار مهم کي وڌيڪ اثرائتو ۽ مستقل بنيادن تي هلائڻ جي ضرورت آهي شهرين سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪتا مار مهم لاءِ مختص ٿيندڙ بجيٽ جي شفاف استعمال کي يقيني بڻايو وڃي ڇتن ڪتن جي خاتمي لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ۽ عوام کي ڪتن جي حملن کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

جي مداخلت سبب انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل آهي ڪولهين کي ڪڏهن افغاني پٺاڻ ته ڪڏهن آئيس جا موالي روز رت ۾ ڳاڙهو ڪري رهيا آهن ڪوبه سنڌس داد رسي ۽ وارث ڏٺي ناهي پوليس به موالي فقيرن ۽ موالي ڪڏڻ فقيرن جي روپ ۾ مرد نوجوان موالي فقيرن کي گرفت ۾ نٿي اچي، هر روز ڪنهن نه ڪنهن واپاري جي تذليل ٿئي ٿي، انهيءَ سلسلي ۾ تذليل جو نشانو بڻيل ،سبزي فروشن گومندو ڪولهي چيو ته هن پنڻ سميت مختلف روپن ۾ هلندڙ هن گروهه جي ٻن ڄڻن منهنجي سبزي جي ٻڙي تي آيا ، جيڪي نشيءَ مين ذت هئا، مختلف آڙ مين پئسن جي گهر ڪئي جيڪي نه ڏيڻ جي صورت ۾ اسان کي گارگند شروع ڪري ڇڏي اسان جي پاران گارين ڏيڻ کان منع ڪرڻ تي سرون ڪٽي اسان کي هڻڻ شروع ڪري ڏنيون ، جن مان ڪجهه ڌڪ اسان کي لڳا، باقي سرون دڪان اندر هنيون جنهن سبب دڪان اندر ماڻهن مزدورن ، سيٺ لڪي جان بچائي ، جنهن سبب وڏو نقصان نه ٿيو، هن وڌيڪ چيو ته اسان اهڙي رپورٽ ڪرڻيوگهنور پوليس اسٽيشن تي داخل ڪرائي آهي هن چيو ته اهڙي گروهه جي سمورن ڪردارن کي گرفتار ڪيو وڃي جيڪي عزت دار پرامن شهرين ۽ واپارين جي لاءِ آزار بڻيل آهن

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

جي وڌندڙ استعمال ۽ وڪري خلاف سخت احتجاج ڪندي مطالبو ڪيو ويو ته شڪارپور شهر ۽ ضلعي کي هر قسم جي منشيات کان پاڪ بڻائي نوجوان نسل کي هن خطرناڪ لعنت کان بچايو وڃي ان موقعي تي مولانا مسعود احمد قادري، قاري مجيب الرحمان مدني ايڊووڪيٽ زاهد پنهور ايڊووڪيٽ ظفر علي چنه مولانا مشتاق احمد سهنڊڙي سعيد سومرو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شڪارپور بچايو تحريڪ پاران "منشيات کان پاڪ شڪارپور" جو نعرو نوجوانن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۽ منشيات فروشن خلاف عوامي آواز بلند ڪرڻ لاءِ هنيو ويو آهي اڳواڻن چيو ته شڪارپور شهر ۾ منشيات جي وڪري جا سوين اڏا قائم آهن جتي شراب، چرس، آئيس ۽ گٽڪو آساني سان دستياب آهي، جڏهن ته آن لائن ۽ فون ذريعي هوم ڊليوري پڻ ڪئي وڃي ٿي منشيات سبب نوجوان نسل سان گڏ سماجي معاشي ۽ امن امان جا مسئلا پڻ وڌي رهيا آهن هنن چيو ته نوجوانن کي منشيات کان بچائڻ لاءِ انتظاميا، پوليس، سياسي سماجي اڳواڻن، والدين ۽ لاڳاپيل ادارن کي گڏجي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ان موقعي تي ڏاڏو طاهر سومرو، عبدالغفور داين غلام علي گل ميمڻ پروفيسر پرڪاش لعل لطف الله ناپر زاهد نون محمد ابراهيم بروهي آغا منير خان پٺاڻ فهيم سومرو رئيس منير پنهور عبدالسميع بلالي، صفدر امير پهوڙ پير عبدالستار سرهندي، نقيب مرزا راشد صديقي اصغر سيال سلطان رند، فضل الله نوراني ۽ امداد سومرو سميت شهرين شرڪت ڪئي ميڙاڪي جي شرڪت ڪندڙن ۽ اڳواڻن آءِ جي سنڌ، هوم منسٽر سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي شڪارپور کان مطالبو ڪيو ته منشيات جي وڪري ۽ سپلاءِ خلاف مؤثر قانوني ڪارروائي ڪري منشيات جي اڏن جو خاتمو آندو وڃي هنن اعلان ڪيو ته شڪارپور کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ لاءِ هر ممڪن پرامن ۽ قانوني جدوجهد جاري رکي ويندي

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

جي مدد سان اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس ۽ ڊاڪٽرن موجب هن وقت تائين هٿ آيل ڏاڻجي بابت ڪا حتمي شاهدي يا ثبوت سامهون نه آيو آهي، جنهن مان تصديق ٿي سگهي ته اهو واقعي انساني ڏاڻجو آهي يا نه جڏهن ته ان جي جنس يا سڃاڻپ بابت ڪجهه به چوڻ مناسب نه هوندو پوليس جو چوڻ آهي ته معاملي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي، جڏهن ته ضروري طبي ۽ سائنسي جاچ ڪانپوءِ ئي صورتحال وڌيڪ واضح ٿي سگهندي پوليس پاران ڏاڻجي جي حقيقت، سڃاڻپ ۽ واقعي جي ٻين پاسن بابت جاچ جاري رکڻ جي ڳالهه ڪئي آهي

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

جو اڍائي وڳي حيدرآباد سائيٽ پوليس جي اهلڪارن مبينا طور گهر مان کنيي ڪئي ويا .بلند خان الزام هنيو ته نوجوان کي ٿاڻي تي رکڻ بعد پئنگ طلب ڪيو ويو جڏهن ته رقم نه ڏيڻ تي ڪيس ساڄي جنگهه جي گوڏي ۾ گوليون هڻي مبينا طور "هاف فراءِ" ڪيو ويو ۽ واقعي کي پوليس مقابلو قرار ڏنو ويو بعد ۾ نوجوان جي جنگهه ڪٽڻي پئي. والد ٻڌايو ته ، پوليس سنڌس پٽ خلاف مختلف ٿاڻن تي ڪيترائي ڪيس ظاهر ڪيا، جڏهن ته انهن مان ڪيترائي ڪيس اي ڪلاس به ٿي چڪا آهن عدالت ۾ پوليس پاران نوجوان جو ڏوهاري ٽولي سان تعلق ۽ 29 ڪيسن جو ذڪر ڪرڻ تي عدالت پڻ سوال اٿاريا ته انهن ڪيسن ۽ نوجوان جي ڏوهاري هجڻ جا ثبوت ڪٿي آهن؟ سنڌ هاءِ ڪورٽ معاملي جو نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي حيدرآباد کي ايس ايس پي رينڪ جو جاچ آفيسر مقرر ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي والد جو چوڻ آهي ته اڃا تائين کين انصاف ناهي مليو ۽ جاچ دوران به پوليس تي ڌر بڻجڻ جا الزام لڳايا پيا وڃن سنڌس دعويٰ آهي ته ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ کين مبينا طور هراسان ۽ ڌمڪايو پيو وڃي بلند خان بروهي سنڌ حڪومت، آءِ جي سنڌ ۽ اعليٰ پوليس اختياريون معاملي جي شفاف، آزاد ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائين مبينا طور ملوث پوليس اهلڪارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سنڌس معذور ٿيل پٽ کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

شڪارپور جي شاهه حسين محلا ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي نماز جنازه ادا ڪرڻ بعد مرحوم کي مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. ٻئي طرف اڳوڻي صوبائي وزير ۽ ميمبر سنڌ اسيمبلي امتياز احمد شيخ ۽ پ پ لاڙڪاڻي ڊويزن جي انفارميشن سيڪريٽري فراز امتياز شيخ، پاران شڪارپور هائوس جي ميڊيا ڪوآرڊينيٽر عاشق دايو جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي وارثن ۽ پونئيرن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو ويو آهي. هنن چيو آهي ته عاشق دايو جي وڇوڙي سان هڪ مخلص ۽ محنتي ساٿي کان محروم ٿي ويا آهيون الله پاڪ مرحوم کي پنهنجي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ پونئيرن کي صبر جميل عطا ڪري

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

تان ٿيندي پريس ڪلب عمرڪوٽ پهتي جتي شرڪت ڪندڙن پاران زوردار نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ ڪنهن به صورت ۾ نوان صوبا قبول ناهن سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، هنن چيو ته هڪ سازش تحت سنڌ ۾ نون صوبن ٺاهڻ جو شوشو ڇڏيو ويو آهي جنهن کي سنڌ جي عوام قبول نه ڪندي ڌرتيءَ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي، اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ اسان جي ماءُ ۽ تاريخي وطن آهي سنڌ کي ورهائڻ يا ٽوڙڻ جون ڪوششون سنڌ جي عوام لاءِ ناقابل قبول آهن. هنن چيو ته سنڌ جو ٻچو ٻچو پنهنجي ڌرتي ۽ وطن جي وحدت جي حفاظت لاءِ آواز بلند ڪندو رهندو سنڌو درياهه مان نوان ڪئنال ڪڍڻ واري معاملي تي اڳواڻن چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي زندگيءَ جو بنيادي ذريعو آهي ان جي پاڻيءَ تي ڪنهن به قسم جي اڻبرابري يا اهڙي منصوبي کي قبول نه ڪيو ويندو جنهن سان سنڌ جي پاڻيءَ جي حقن تي اثر پوي، هنن مطالبو ڪيو ته سنڌو درياهه مان نوان ڪئنال ڪڍڻ وارو منصوبو فوري طور واپس ورتو وڃي، احتجاج ڪندڙن سنڌ جي وحدت ۽ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان ڪندي چيو ته سنڌ جي وسيلن ۽ پاڻيءَ بابت ڪنهن به فيصلي ۾ سنڌ جي عوام جي حقن ۽ خدشن کي نظرانداز نه ڪيو وڃي

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

جوابدار عبدالجبار لاڪو زخمي حالت ۾ گرفتار ٿي ويو جڏهن ته سنڌس ساٿي اونداهيءَ جو فائدو وٺي فرار ٿي ويو. ايس ايڇ او اقبال احمد نون ۽ سنڌس ٽيم جي هن ڪارروائي کي علائقي ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۽ ڏوهارين خلاف قانوني ڪارروائيءَ جي حوالي سان اهم قدم قرار ڏنو پيو وڃي علائقي واسين پاران پوليس جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي وئي آهي ته ڏوهن جي خاتمي ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اهڙيون ڪوششون جاري رهنديون

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

اعلي پريس ڪلب عمرڪوٽ حاجي گل حسن آريسر نامور سماجي شخصيت، ليکڪ ۽ سينيئر صحافي رسول بخش رحيمداڻي پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن پاڪستان جي ليڊيز ونگ جي چيئرپرسن جميلان ڪوسو پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن پاڪستان ليڊيز ونگ ضلع عمرڪوٽ جي صدر روبينا قائمخاني، نوجوان صحافي سجاد علي شيخ ۽ ٻين وارثن سان تعزيت ڪندي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ غم ورهايو،ٻئي طرف ڪندو جان محمد ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن صحافين معززن ۽ شهرين پاران ماتاشريءَ جي وڇوڙي تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي جتي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتون وارثن سان ملاقات ڪري پنهنجو ڏک ونڊي رهيون آهن

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

اندر ڪيو ۽ مارايو آهي لنجار چوي ٿو ته ايف آئي آر نه ڪرايو زرداري صاحب چوي ٿو ته ايف آئي آر هن تي نه ڪرايو هن تي نه ڪرايو بجلي جي نجڪاري ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين جنهن سان مزدورن جو روزگار لاڳاپيل آهي حڪومت ڳالهائڻ لاءِ تيار نه آهي ڳالهائيندي ته ڳالهيون اڳيرائي طرف وڃي سگهن ٿيون پٽ شاهه ۾ واپدا هائڊرو اليڪٽرڪ ليبر ورڪر يونين جو ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو ، وڏي انگ ۾ جيسڪو سان لاڳاپيل عهديدارن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي، ڪنوينشن جي صدارت مرڪزي چيئرمين عبداللطيف نظاماڻي پاران ڪئي وئي ان موقعي تي مرڪزي چيئرمين عبداللطيف نظاماڻي جو وڌيڪ چوڻ هو ته واپڊا جي نجڪاري ٿيڻ نه ڏينداسين مزدورن سان هر موڙ تي گڏ آهيون مزدور به بجلي جي فراهمي سميت عوام جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن هائڊرو يونين جي اليڪشن ۾ سڀني کي آزاد ڇڏيو ميمبر ملازمن پنهنجي جمهوري رائي جو حق استعمال ڪيس اسان فارم 45 جا آهيون اسان جا عهديدار 47 فارم تحت چونڊجي نه آيا آهن ڪرپشن اوپن ٿي رهي آهي ڪرپشن مافيا کي وارننگ ڏيون ٿا ته پنهنجي حرڪتن کان باز اچن نوشهرو جيل واقعي جي مذمت ڪندي انڪوائري جو مطالبو ڪريون ٿا، دنيا ۾ اها شئي وڪرو ٿيندي آهي جنهن ۾ نقصان هجي بجلي چوري ۽ زوري جو سلسلو هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي مزدورن جي پگهارن تي ڌيان ڏنو وڃي ڪيترائي مزدور ڊيوٽي ڪندي شهيد ٿي ويا آهن ڪير پڇڻ وارو ناهي يڪجهتي محبت ۽ اتحاد جي ضرورت آهي پاڪستان جي فوج کي سلام آهي پاڪستان جي ترقي چاهيون ٿا، ڪنوينشن ۾ صوبائي صدر اقبال احمد خان مرڪزي اڳواڻ گل نظاماڻي، مرڪزي جنرل سيڪريٽري اعظم پائي حيدرآباد سرڪل جو چيئرمين غلام نبي ڪوسو لاڙ سرڪل جو چيئرمين ساجد پائي ڊويزنل چيئرمين ٽنڊوآدم نور حسن بکيهو ميرپور خاص سرڪل چيئرمين شاهد قائم خاني سرڪل نوابشاه جي چيئرمين اصغر علي ملاح سانگهڙ ڊويزن جو چيئرمين صاحب خان عمراڻي مٽياري ڊويزن جو چيئرمين مولابخش خاصخيلي ،مٽياري ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري بهادر ابڙو، پٽ شاهه سب ڊويزن جو چيئرمين نصير راجپوت، پٽ شاهه سب ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري محمد رمضان جويو ۽ فقير محمد اسماعيل ميرجت به موجود هئا، پٽ شاهه سب ڊويزن جي عهديدارن پاران آيل مهمانن جو شاندار استقبال ڪندي اجرڪ، لونگي ،پٽڪو ۽ ڪوپين جا تحفا پيش ڪيا ويا

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

ڪئي ويندي ۽ اهڙي ڪنهن به ڪوشش خلاف سنڌ جو عوام خاموش رهڻ بدران روڊن ۽ رستن تي نڪري ڀرپور احتجاج ڪندو اهڙن خيالن جو اظهار هن ڏکوڙي ۾ شهيد مالڪ نوحاڻي جي چوڏهين ورسي جي موقعي تي "سنڌ منهنجي امان" عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل وڏي عوامي جلسي کي خطاب ڪندي ڪيو ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته هڪ وفاقي وزير طرفان سنڌ جي وحدت خلاف ڏنل بيان سنڌ جي عوام ۾ سخت بيچيني ۽ ڪاوڙ پيدا ڪئي آهي، ذميوار حڪومتي عهدن تي ويٺل ماڻهن کي اهڙا بيان ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جيڪي وفاق ۾ رهندڙ قومن وچ ۾ بي اعتمادي ۽ ڇڪتاڻ پيدا ڪن ملڪ اڳ ئي سياسي معاشي ۽ سماجي بحرانن سميت ڪيترن ئي سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. تنهن ڪري ملڪ کي وڌيڪ عدم استحڪام ڏانهن ڌڪڻ بدران هتي رهندڙ قومن جي آئيني، سياسي ۽ قومي حقن جو احترام ڪيو وڃي هن چيو ته ملڪ جي حقيقي مضبوطي ۽ استحڪام ان ۾ آهي ته سنڌي، بلوچ، پختون ۽ پنجابي قومن کي برابري جي بنياد تي حق اختيار ۽ وسيلن تي جائز حق ڏنا وڃن سنڌ صدين کان مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن جو گڏيل وطن رهي آهي ۽ سنڌ ۾ رهندڙ هر ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو سنڌ کي پنهنجي ماءُ سمجهي ٿو ۽ سنڌ جي تقسيم جي سمورن فارمولن جي خلاف آهي سنڌ جي وحدت جو سوال ڪنهن هڪ پارٽي يا گروهه جو نه پر پوري سنڌ جي قومي وجود، تاريخ ثقافت ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل جو سوال آهي هن چيو ته نون صوبن يا نون انتظامي يونٽن جي نالي ۾ جيڪڏهن سنڌ جي تاريخي ۽ جاگرافيائي سرحدن سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سنڌ خاموش نه رهندي، اسان هٿيار کڻڻ يا تشدد جي سياست تي يقين نٿا رکون اسان جو هٿيار عوام جو اتحاد، سياسي شعور جمهوري جدوجهد ۽ پرامن احتجاج آهي جيڪڏهن مادر وطن سنڌ جي وحدت يا سرحدن خلاف ڪا سازش ٿي ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي حفاظت لاءِ روڊن ۽ رستن تي نڪري ايندا ۽ جمهوري انداز ۾ پنهنجو آواز بلند ڪندا ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ ترقي پسند پارٽي "سنڌ منهنجي امان" عوامي رابطا مهم ذريعي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي عوام سان رابطو ڪري رهي آهي ته جيئن سنڌ جي وحدت ۽ قومي حقن جي تحفظ لاءِ هڪ وسيع قومي آواز پيدا ڪري سگهجي هن اعلان ڪيو ته 11 آڪٽوبر تي حيدرآباد ۾ "سنڌ قومي ڪانفرنس" منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ سنڌ جي سمورين سياسي، سماجي، ادبي ۽ صحافتي تنظيمن سميت دانشورن، اديبن، صحافين، وڪيلن، شاگردن عورتن پورهيتن ۽ هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي شرڪت جي دعوت ڏني وئي آهي. قومي ڪانفرنس جو مقصد سنڌ جي وحدت ۽ قومي حقن جي سوال تي مختلف سياسي ۽ فڪري ڌرين کي گڏ ڪري گڏيل قومي موقف پيدا ڪرڻ آهي. شهيد مالڪ نوحاڻي کي خراج عقيدت پيش ڪندي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته شهيد مالڪ نوحاڻي پنهنجي زندگي هن وطن جي وحدت ۽ بقا لاءِ ارپي ڇڏي، سندس جدوجهد ۽ قرباني سنڌ جي قومي تحريڪ جو اهم حصو آهي ۽ سنڌ کيس هميشه ياد رکندي جلسي کي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي وائيس چيئرمين نثار ڪيريو امتياز سمون، ڊاڪٽر سومار مگريو شوڪت ابڙو حاڪم زادي ڦيرو سارنگ اڻو پرويز نوحاڻي ذيشان نوحاڻي مير يونس ڏاليو ۽ ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته جلسي ۾ عورتن مردن نوجوانن پارٽي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري سنڌ جي وحدت، قومي حقن ۽ شهيد مالڪ نوحاڻي جي جدوجهد سان پنهنجي وابستگي جو اظهار ڪيو

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

400 کان وڌيڪ شاگردن جي تعليم متاثر ٿيڻ واري خبر تي تعليم ڪاتي پاران معاملي جو نوٽيس ورتو ويو آهي پاڪستان پيپلزپارٽي جي بيرسٽر ضمير حسين گهمرو نوٽيس وٺندي تعليم ڪاتي جي ڊي او خيرپور اياز مهيسر سان رابطو ڪيو ۽ ڳوٺ ملنگ منگريو جي پرائمري اسڪول ۾ جلد استاد مقرر ڪرڻ سان گڏ اسڪول جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري پڻ جاري ڪيون واضح رهي ته ٻه ڏينهن اڳ پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن قمرالدين منگريو امتياز منگريو امام ڏنو منگريو حاڪم منگريو حضور بخش منگريو عامر منگريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هو ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته استاد نه هجڻ سبب 400 کان وڌيڪ شاگردن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي ۽ هو گذريل 9 مهينن کان تعليم ڪاتي کي درخواستون ڏئي رهيا هئا هنن اختيارين کان فوري طور استاد مقرر ڪرڻ ۽ اسڪول جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هو جيڪو تعليم ڪاتي پاران نوٽيس ورتو ويو ۽ استاد ۽ بنيادي سهولتون ڏيڻ جون هدايتون جاري ڪيون....

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

اسپتال جو دورو ڪندو هو ٿر ڪول بلاڪ ٽو پڻ ويندو جتي کيس ڪوئلي جي کاڻ جي توسيع جي ٽئين مرحلي بابت بريفنگ ڏني ويندي، جڏهن ته ان موقعي تي هو منصوبي جي نقاب ڪشائي پڻ ڪندو ان دوران بلاول ڀٽو زرداري مختلف اسٽالن جو معائنو ڪندو ۽ شاگردن عورت ملازمن ۽ مقامي ملازمن سان ملاقات ڪندو پنهنجي دوري دوران چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٿر ڪول بلاڪ ون ۾ ڪوئلو سڪائڻ واري يونٽ جو افتتاح ڪرڻ ڪانپوءِ کليل کاڻ جو معائنو پڻ ڪندو، جڏهن ته هو 100 ايڪڙن تي ٻڌل زرعي تحقيقي ايراضيءَ ۾ ڪارو پاڻي استعمال ڪري چاري جي فصل پوکڻ واري منصوبي جو پڻ دورو ڪندو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني جي ريڪريئيشن سينٽر ۾ منعقد ٿيندڙ تقريب کي خطاب پڻ ڪندو تقريب جي شروعات ڏينهن جو 12 وڳي ٿيندي.

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

لوڙهي کي گذريل رات قبرستان جي هڪ حصي جي لوڙهي کي باهه ڏيئي نقصان ڪيو ويو ڳوٺاڻن اهڙي زيادتي خلاف ڏيٺي ٿاڻي تي محمد صديق خاصخيلي پاران ڏيٺي ٿاڻي اهڙي واقعي جي اين سي پڻ داخل ڪرائي ڇڏي آهي ،هوڏانهن ڳوٺاڻن محمد صديق خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو آهي ت واقعو جو ڪيس داخل ٿيڻ باوجود ڏيٺي پوليس جوابدار نٿي گرفتار ڪري پوليس ڪابه گرفتاري نٿي ڪري ،ڏيٺي پوليس جي وڏي منشي موجب اسان کي هڪ درخواست ملي آهي مزڪوره ڳوٺ ۾ اولياء پرسان لوڙهي کي باهه ڏنل آهي ،جاچ ڪري رهيا آهيون

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

، دهلي جا حڪمران تاريخ جو اهم ڪتاب آهي خاص مهمان صاحب ڪتاب شاهنواز مهيسر چيو ته مغل بادشاهن جو دور هڪ تاريخ جو باب آهي جنهن کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي ، منهنجي لکڻ جو مقصد ايندڙ نسل کي ماضي جي ڄاڻ ڏيڻ آهي ليکڪ منصور قادر جوڻيجي چيو ته سنڌ جي تاريخ هميشه ڌارين لکي آهي، اڪثر حڪمران پنهنجي دور جا ظالم رهيا آهن بزم روح رهاڻ جي سيڪريٽري جنرل واحد ڪانڌڙي چيو شاهنواز مهيسر جي قلم مان تاريخ جي مس ڪمي رهي آهي تاريخ جهڙن ڪردارن تي هميشه فخر ڪندي رهندي ، گڏجاڻي ۾ طالب پنهيري ، سليم چنا، نياز مسرور بدوي ، عمران سومري مضمون پڙهيا ، گڏجاڻي ۾ پروفيسر ڊاڪٽر اشرف سمي، حڪيم امام بخش مگريي ، نور حسين ڪلهوڙي ، ساقي صالح ڪاتيار ، غلام مصطفيٰ عباسي ، مولا بخش محبتي حسين سارنگ ، حڪيم شيخ علي محمد، ان موقعي تي جمن انصاري ، هريش ڪمار سامي شيرل گوپانگ ۽ ٻين شعر پڙهيا، گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر راڻي حسن جوڻيجي، فقير دوست محمد، علي حسنين، فقير نياز حسين شيخ شرڪت ڪئي.

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

نينگر جي چاچي محب علي جمالي ۽ ڀاءُ منٺار علي جمالي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڏيڍ مهينو اڳ جوابدارن جبل خان، مهرالله، محمد اسماعيل، عبدالرشيد ۽ گنهور خان جمالي بي رحميءَ سان اسان جي معصوم نينگر ذوالفقار علي کي قتل ڪيو هنن چيو ته واقعي جي ايف آءِ آر ۾ واضح طور نالا نامزد ڪرڻ باوجود پوليس هن مهل تائين هڪ به جوابدار کي گرفتار ناهي ڪري سگهي هنن وڌيڪ انڪشاف ڪندي چيو ته جوابدار ڌر ڪيس تان ڌيان هٽائڻ ۽ اسان تي دٻاءَ وجهڻ لاءِ مختلف حيلا بهانا ۽ هربا استعمال ڪري رهي آهي جوابدارن هڪ هاريءَ کي استعمال ڪندي پهرين ڏينهن اسان مٿان اغوا جو جڙتو الزام هنيو ۽ ٻئي ڏينهن ساڳئي هاريءَ کي ميڊيا آڏو پيش ڪري زمينن تي قبضي جو بي بنياد الزام لڳرايو ته جيئن قتل ڪيس تان ڌيان هٽائي سگهجي مقتول جي وارثن دردناڪ حقيقت بيان ڪندي ٻڌايو ته مقتول نينگر جو والد گل حسن جمالي به هڪ سال اڳ جوابدار ڌر جبل خان جي دشمني برادري سان هلندڙ دشمني جي باهه ۾ بي ڏوهي قتل ٿي چڪو آهي هنن چيو ته هلندڙ دشمني سبب اسان جا ننڍڙا ٻار تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي ويا آهن هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي جيڪب آباد کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو جلد نوٽيس وٺي نامزد جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ته جيئن وڌيڪ خونريزي کان بچي سگهجي

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

سماجي اڳواڻ روڊن تي نڪري آيا.ان سلسلي ۾ ڪئير پيٽرول پمپ کان ڪاروباري شهرين ۽ سماجي اڳواڻن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي شاهه مصرائي سولر سسٽم واري دڪان اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين دولتپور صفن پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي اختر علي پلي سان انصاف ڪرڻ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي احتجاجي مظاهرو ڪندي پيرل پلي ڪامريڊ نظير احمد ڏاهري روشن سومرو لياقت پلي ۽ ٻين چيو ته اختر علي پليءَ جو اڄ ٻئي ڏينهن به ڪاروبار وارو دڪان بند پيو آهي هنن چيو ت ڪنهن شهري خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٿي ته ان ۾ قانوني گهرجون ۽ شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي، جڏهن ته ڪاروباري ماڻهن کي مبينا طور هراسان ڪرڻ سان شهر جي واپاري ماحول تي پڻ تمام گهڻو وڏو خراب اثر پئجي رهيو آهي هنن چيوت اختر علي پلي هڪ زميندار گهراڻي سان تعلق رکندڙ ڪاروباري دڪاندار آهي جنهن کي هروڀرو پوليس اهلڪار عزيز الله ڪورائي سنڌس دڪان تان موٽر سائيڪل تي کڻي ٿاڻي تي لاڪپ ڪري مٿس منشيات وڪرو ڪرڻ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي جيڪا اسان جي ڪاروباري شهري دڪاندار اختر پليءَ سان ناانصافي ڪئي وئي آهي هنن چيو ت پوليس اتي جو خاموش بڻيل آهي جتي شهر مان هڪ ٿي رات ۾ 5 کان 7 دڪاندارن جي دڪانن ۽ شهرين جي 6 کان 8 گهرن مان چوريون ٿيون آهن انهن جوابدارن کي چوٽ ، جتي منشيات سميت ٻين سماجي برائينجا اڏا کليا پيا آهن انهن خلاف ڪارروائي چو ن پئي ٿئي هنن چيوت پوليس جي اهڙي ڪارروائي تي سڀ شهري ساجاهر وند باشعور ڌرين مايوسي جو شڪار آهن احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي سمارٽ ٽريڊرس اڳواڻ روشن علي سومرو سماجي اڳواڻ ڪامريڊ نظير احمد ڏاهري، لياقت علي پلي علي رضا پلي، مدد علي پلي سانوڻ سنڌي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا مظاهرين مطالبو ڪيو آهي ته اختر علي پلي واري معاملي جي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهلڪار طرفان قانون جي ڀڃڪڙي ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سنڌن بي چيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

پيل آهن فوتي عورتن جو تعلق ڏاهري برادري سان ٻڌايو پيو وڃي هوڏانهن واقعي بعد قومي جسقم شهيد بشيرخان طاهرحسين زرداري محبوب خاصخيلي امان الله بروهي ۽ ٻين ڪارڪنن واقعي واري هنڌ پهچي واقعي خلاف مهراڻ هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

تي احتجاج ڪندڙ فوجي امام بخش پنهور صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڊان گولو اياز سومرو ۽ عرفان کهرو مونسان فراڊ ڪري 15 لک روپيا وصول ڪيا آهن جنهن جو دادو جي عدالت ۾ اياز سومرو شهباز سومرو خلاف ڪيس پڻ داخل آهي تازو عرفان کهرو مونکي اياز سومرو جو ڪوڙو چيڪ ڏئي ڌمڪائي مونکي ڪيس تان هٿ کڻڻ تي مجبور ڪيو پر هن وقت تائين مونکي منهنجا پئسا ناهن مليا پئسا گهرڻ تي عرفان کهرو مونکي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جنهن جي شڪايت پڻ ايس ايڇ او ڦلجي کي ڪئي آهي پر پوليس ان خلاف ايڪشن کڻڻ لاءِ تيار نه آهي احتجاج ڪندڙ مطالبو ڪيو ته فراڊي اياز سومرو عرفان علي کهرو خلاف ڪارروائي ڪري مونکي منهنجا پئسا واپس ڏنا وڃن ٻئي صورت ۾ مان دادو جي عدالت ٻاهران ڪلام پاڪ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪندس

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

سمنڊ ۽ درياهه جهڙن قدرتي وسيلن هوندي به ٿلهو ترقي کان محروم رکيو ويو آهي بلڪ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي تاريخي آئيني ۽ جمهوري حقن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪندا اياز لطيف وفاقي وزيرن جا ڪجهه بيان وفاقي وحدتن وچ ۾ اعتماد کي نقصان پهچائين ٿا، جڏهن ته سنڌ کي پاڻي جي کوٽ، بيروزگاري، صحت جي سهولتن جي اڻهوند ۽ امن امان جي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هن وفاقي حڪومت تي زور ڏنو ته سڀني صوبن کي برابر جو آئيني ۽ سياسي احترام ڏنو وڃي، سنڌ جي ورهاست جو هر منصوبو ناقابل قبول آهي چاڪاڻ ته سنڌ هڪ تاريخي ثقافتي ۽ جاگرافيائي وحدت آهي هن چيو ته لساني انتظامي يا سياسي بنيادن تي سنڌ کي ورهائڻ جون ڪوششون قومي يڪجهتي جي خلاف آهن جن جو پرامن ۽ جمهوري انداز ۾ مقابلو ڪيو ويندو هن ايم ڪيو ايم خلاف ڏکهي ڪرمنل قتل و غارت اغوا وڪيلن کي باهيون ٽارچر سيلن جي چارج شيٽ ڏيندي چيو ته پهرين انهن شروعات ڪئي جنهن جي ڪميشن واري جيل موڪليو وڃي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ شديد پاڻي کوٽ، زرعي تباهي ۽ انڊس ڊيلٽا جي برٻادي کي منهن ڏئي رهي آهي جيڪڏهن 28هين آئيني ترميم صوبائي خودمختياري، وفاقي توازن يا آئين جي بنيادي ڍانچي کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ آندي وئي ته ان جي مخالفت ڪئي ويندي هن چيو ته ارڙهين آئيني ترميم ذريعي حاصل ڪيل صوبائي اختيارن تي ڪو به سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو هن وفاق کان مطالبو ڪيو ته سنڌ بابت سمورا تڪراري منصوبا ۽ قدم واپس ورتا وڃن ۽ آئين جمهوريت ۽ وفاقي اصولن جو احترام ڪيو وڃي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۽ پاڪستان جا نوجوان ميرٽ، روزگار، ترقي ۽ امن چاهين ٿا، جڏهن ته عورتن، اقليتن ۽ هارين کي نظرانداز ڪرڻ بند ڪيو وڃي هن چيو ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي پاڻي، وسيلن، زمين ۽ آئيني حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکندا

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

يونيورسٽي ويجهو واقع اٽڪ پمپ لڳ نامعلوم تيز رفتار گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 61 سالن جو شمس الدين پٽ رمضان فوت ٿي ويو آهي قائد آباد ٿاڻي جي حد لانڍي جي علائقي حسيني چورنگي جي ويجهو گهر مان 50 ورهين جي محمد اقبال پٽ خير محمد جو لاش مليو ايڌي ايمبولينس جي ذريعي فوتي جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويواورنگي ٽائون جي علائقي يعقوب آباد ۾ وقار العلوم مسجد جي ويجهو گهر جي ڇت تان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 55 سالن جو شخص عطاءُ الله ولد ولي الله فوت ٿي ويو آهي سي ويو جي علائقي درخشان پوليس چوڪي جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ 22 سالن جو تنوير ولد خالد فوت ٿي ويو آهي بلديا حب ريور روڊ تي براق پمپ جي ويجهو بس جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 50 سالن جو حاڪم داد ولد محمد سلطان فوت ٿي ويو آهي سرجاني ٽائون جي علائقي ليياري 36 ۾ واقع گهر نمبر 24 مان عورت سدرهه مرده حالت ۾ ملي جنهن جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي منگهوپير ٿاڻي جي حد منگهوپير ڪينال جي ويجهو جهيڙي جي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 18 سالن جو نوجوان محبوب علي ولد محمود علي قتل ٿي ويو آهي واقعي بعد ملزم فرار ٿي ويا اطلاع ملندي پوليس پهچي مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت شاهدين سان گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي شاهراهه پيلو مليير ندي جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ 12 سالن جو ٻار قدير حسين ولد ساجد حسين فوت ٿي ويو آهي قائد آباد ٿاڻي جي حد رنگيلا بلڊنگ اولڊ مظفر آباد ۾ شادي تقريب جي دوران هوائي فائرنگ جي نتيجي ۾ 18 سالن جو واجد ولد اسلام زخمي ٿيو ٻئي پاسي جمهوريا ڪالوني پي اين ايس شفاءَ اسپتال جي ويجهو فائرنگ ۾ نور رحمان ولد محمد عمر زخمي ٿي پيو ۽ تيزدار آلي جي وار سان 2 ماڻهو ثاقب ولد امجد علي ۽ رضوان ولد نور محمد زخمي ٿي پيا آهن گلشن اقبال پٽيل اسپتال جي سامهون گلشير هوٽل جي ويجهو جهيڙي جي دوران گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ ازمان مقصود، محمد علي ۽ اسد حنيف زخمي ٿي پيا آهن شاهراهِ فيصل ٿاڻي جي علائقي گلستان جوهر بلاڪ 17 ۾ انڌي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ حيدر آباد کان گلستان جوهر بلاڪ 17 ۾ آيل مهمان عورت ڪهڪشان زخمي ٿي پئي طبي امداد جي اسپتال منتقل ڪئي وئي آهي ڊيفنس فيز 06 C7 اپارٽمنٽ جي ويجهو فائرنگ جي نتيجي ۾ 40 سالن جو تابش ولد احسن زخمي ٿيو مدينا ڪالوني بلديا 24 مارڪيٽ جي ويجهو انڌي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ 28 سالن جو عثمان زخمي ٿيو منگهوپير ٿاڻي جي حد منگهوپير نيو ميانوالي ڪالوني رئيس سينٽر جي ويجهو نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ 45 سالن جو ناصر ولد محمد حفيظ زخمي ٿيو زخمين کي شهر جي مختلف اسپتالن ۾ طبي امداد جي لاءِ منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

لغاري موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته هڪ عورت حڪيمان لغاري ۽ ٻاجهي لغاري شديد زخمي ٿي پيا جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ٻنهي ڌرين وڏو تاءُ پکڙيل آهي پوليس جاءِ واردات تي پهچي تفصيل ورتا آخري اطلاعن تائين ڪو به ڪيس داخل نٿي سگهيو آهي.

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

پي خيرپور آفيس آڏو ڌرڻي جو اعلان ڪري ڇڏيو.راضيديرو ويجهو بهارو ريج شهر ٿاڻي جي اڳيان پنج ڏينهن اڳ نوڪريءَ لاءِ ڏنل پئسا واپس گهرڻ تان مين چوڪ تي گوليون هڻي قتل ڪيل نوجوان عجيب آريجو جي امڙ الهڏني آريجو جي اڳواڻيءَ ۾ سوين عورتن معصوم ٻارڙن ۽ برادريءَ جي ماڻهن سول سوسائٽيءَ ٻئي ڏينهن به پاڪ ڪتاب کڻي مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪرڻ ڪانپوءِ ٿاڻي تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ايس ايڇ او کهڙا پهچي کيس چيو ته ايس ايس پي جي حڪم مطابق 24 ڪلاڪن جي مهلت ڏيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو،جنهن تي مقتول جي امڙ صاف انڪار ڪندي چيو ته ڪالهه 5 قرآن کڻي آيس مهلت ورتي وئي، پر ڪجهه ڪونه ٿيو ۽ اڄ وري مهلت پيا گهرو جيستائين ڪارروائي نه ٿيندي احتجاج ختم نه ڪنداسين ان موقعي تي ڊي ايس پي گمبٽ صبير ميمڻ جي فون ذريعي ڳالهه ٻولهه مقتول امڙ سان ڪرائي وئي جنهن چيو ته عطاءُ الله ۽ طاهر آريجو کي گرفتار ڪيو آهي متاثر امڙ چيو ته اوهان وڪاميل آهيو ڪوبه جوابدار گرفتار ناهي مون اوهان کي چيو ته جوابدار ڏيکاريو ته نه ڏيکاريا ويا، مسلسل 6 ڪلاڪن جي ڌرڻي دوران مقتول جي امڙ بيهوش ٿي وئي جنهن ڪانپوءِ امڙ کي اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ ڌرڻو پڻ ختم ڪيو ويو ۽ اعلان ڪيو ويو ته سومر جي ڏينهن ايس ايس پي خيرپور آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو جيڪو انصاف جي فراهمي تائين جاري رهندو

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

مختلف بيمارين جي مفت علاج لاءِ فراهم ڪيل سهولتن جي پاڪستان بيت المال جي ايم ڊي پاران گمس ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش پلي ۽ سنڌس پوري ٽيم جي واکاڻ ڪئي ڪوڪليئر امپلانٽ، ڪينسر ۽ جنرل سرجري لاءِ بيت المال طرفان ڀرپور سهڪار جاري رکڻ جو شاهين خالد بٽ اعلان پڻ ڪيو ۽ غريب مسڪين لاچار مريضن جي علاج لاءِ سرڪاري رقم ايمانداري ۽ شفاف طريقي سان خرچ ڪرڻ تي آهي شاهين خالد بٽ جو اهو چوڻ هو گمس اسپتال گمبٽ جي ڊائريڪٽر ڪيپٽن ڊاڪٽر رحيم بخش پلي پاران پاڪستان بيت المال جي ايم ڊي شاهين خالد بٽ کي سنڌ جي ثقافت موجب سنڌي اجرڪ اوڍائي ڀليڪار ڪيو گمس اسپتال گمبٽ جي دوري دوران ڊائريڪٽر بيت المال سنڌ عبدالحفيظ مهيسر قاسم ظفر ۽ بلال پيرزادو پڻ موجود هئا

بقايا 39 ”روزاني عبرت“

واسين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙن ، احمد بخش خاصخيلي ، حب علي خاصخيلي وڏيرو حامد علي اڄڻ ، وحيد لاشاري ، جاني نواز علي اڄڻ ، مصري خان اڄڻ ، حاجي غلام سرور اڄڻ ، رياض حسين اڄڻ ، منظور حسين شنباڻي ، محمد معروف شنباڻي ۽ ٻين سوين ماڻهن پاران ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو ته خيرپور کان ايندڙ ماڙي ڊرين سم نالي جي ڪيترن ئي سالن کان ڪاٽي نه ٿيڻ سبب سم نالي گند ڪچري سان ڀرجي وئي آهي ، جنهن سبب سم جو پاڻي زرعي زمينن ۽ گهرن ۾ ڪاهي پيو آهي ، سم جو پاڻي زرعي زمينن ۾ بيهڻ سبب وقت سر ڪڻڪ جي ٻمير فصل جي پوکائي نه ٿي سگهندي، سم جو پاڻي گهرن ۾ بيهڻ سبب علائقي ۾ مڇرن جو آزار پڻ وڌي ويو آهي جنهن سبب مختلف بيمارين منهن ڪڍيو آهي، جنهن ۾ معصوم ٻارڙن سميت ٻيا ڪيترائي علائقي واسي چمڙي ، خارش ۽ ٻين بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ، سنڌن وڌيڪ چوڻ هو ته ڊرين سم نالي جي بروقت ڪاٽي ۽ صفائي نه ٿيڻ سبب برسات توڙي آبپاشي جو پاڻي نيڪال ٿيڻ ۾ رڪاوٽون پيدا ٿين ٿيون ڪجهه ڏينهن اڳ سم نالي جي ڪير ڪٽي پوڻ سبب مختلف ڳوٺن ۾ پاڻي ڪاهي پيو ، جنهن سان زرعي زمينن ۽ ڳوٺن کي نقصان جو خدشو وڌي ويو آهي ، سم جو پاڻي بيهڻ سبب ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پيئڻ جو پاڻي ڪارو ٿي ويو آهي اسڪارپ ڪاتي جي ڪروڙين رپيا بجيٽ هجڻ باوجود نالين جي سارسنڀال صفائي لاءِ سرڪاري بجيٽ خرچ نه ٿي ڪئي وڃي ، سوين اسڪارپ جا ٽيوب ويل ناڪارا بڻيل آهن ، نه هلڻ سبب سم جي پاڻي جي نيڪالي لاءِ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي اسڪارپ جي ٽيوب ويل ۽ سم نالي تي مقرر ملازم گهر ويهي پگهارون کڻي رهيا آهن ، اڄ تائين ڪنهن ملازم کي ڊيوٽي ڪندي ناهي ڏٺو، سم نالين جي صفائي تي خرچ ٿيندڙ رقم جي شفاف نموني جاچ ڪئي وڃي ۽ سرڪاري بجيٽ سم نالين تي خرچ ڪري پريشانيون دور ڪيون وڃن ، هنن وڌيڪ چيو ته ڪيترائي ڀيرا ٽڪ جي چونڊيل نمائندن توڙي لاڳاپيل اسڪارپ ڪاتي جي عملدارن کي سم نالي بابت آگاهه ڪري لکت ۾ ڪيترائي ڀيرا شڪايتون پڻ ڪيون آهن پر اڃا تائين ڊرين جي سم نالي جي ڪاٽي لاءِ ڪو به عملي قدم ناهي کنيو ويو ، مظاهرين پاران وڌيڪ ڪوٽڏيجي ايم پي اي بئريسٽر هالار منظور وساڻ ، خيرپور ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاني آبپاشي کاتي جي صوبائي وزير جام خان شورو ، چيف انجنيئر ۽ لاڳاپيل ايگزيڪيوٽو انجنيئر کان مطالبو ڪيو آهي ته خيرپور کان ايندڙ ماڙي ڊرين سم نالي جو فوري طور تي ڪاٽي ۽ صفائي ڪرائي وڃي ، جيئن پاڻي جي نيڪال جو مسئلو حل ٿي سگهي ۽ علائقي واسين کي وڌيڪ نقصان ٿيڻ کان بچائيو وڃي ، ته جيئن وقت سر ڪڻڪ جي ٻمير فصل جي پوکائي ڪري سگهجي

بقايا 40 ”روزاني عبرت“

وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ هٿن ۾ پارٽي جهنڊا کڻي عمران خان سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي پي ٽي آءِ اڳواڻن چيو ته تحريڪ انصاف جي وڪيلن کي عمران خان سان ملاقات جي اجازت نه ڏني پئي وڃي، جڏهن ته عمران خان، شاهه محمود قريشي سميت ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي جيلن ۾ بنيادي سهولتن کان محروم رکڻ جا خدشا آهن هنن چيو ته عمران خان جي ڀيڻن ۽ بشريٰ بي بي سميت پي ٽي آءِ سان لاڳاپيل ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي گرفتارين جو سلسلو جاري آهي، اڳواڻن ملڪ ۾ مبينا طور غيراعلانيه مارشل لا جهڙي صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي سميت سمورن گرفتار اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي آزادي، جمهوريت ۽ آئين جي بحالي لاءِ سنڌن پرامن سياسي جدوجهد جاري رهندي، هنن وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته خيبرپختونخواهه ۾ پي ٽي آءِ جي احتجاجي سرگرمين کي روڪڻ لاءِ گورنر راڄ يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، پر ڪارڪن پنهنجو جمهوري احتجاج جاري رکندا اڳواڻن حڪومت کي خبردار ڪندي چيو ته غيرآئيني رستا اختيار ڪرڻ بدران ملڪ جي سياسي ۽ معاشي حالتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ سنجيده قدم کنيا وڃن، پي ٽي آءِ اڳواڻن ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي بجلي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن بيروزگاري ۽ معاشي پريشانين تي پڻ ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته عام ماڻهون سخت معاشي دٻاءَ جو شڪار آهي تنهنڪري حڪومت کي عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ گهرجن ريلي جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن عمران خان ۽ پي ٽي آءِ جي حق ۾ نعريبازي ڪندي پنهنجي سياسي جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ورجايو

بقايا 41 ”روزاني عبرت“

ڪاٺون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن علي انور عسڪري، عزيز بروهي، محمد علي خشڪ، دودو ديشي، اصغر نوناري، منور نوناري، مولا بخش ڦليوٽو نور محمد بليدي، مير مرتضيٰ گوپانگ، محمد امين سيال، افضل سائيل محمد صفر مغيري، فدا مغيري، غلام شبير حيدري، زاهد پٺاڻ، عبدالرحمان پلي ۽ ٻين شرڪت ڪري باڊهه کي تعلقو بڻائڻ جي حق ۾ زوردار نعريبازي ڪئي

بقايا 42 ”روزاني عبرت“

ادا ڪئي وئي کيس سوين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن سنڌس پونئيرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 43 ”روزاني عبرت“

شام“ ۽ گلبهار ڪلهوڙ جي سفرنامي "ملڻي مرسل جي ملڪ ۾“ جي مهورت ڪئي وئي .ان موقعي تي صدارتي خطاب ڪندي ڊاڪٽر مهر خادم چيو ته ڪتاب ڪنهن به معاشري جي فڪري، علمي ۽ شعوري اوسر جو بنيادي ذريعو آهن .هن چيو ته فقير ڦليو جو ڪتاب "سڄل ته ساهه ۾ آ سڄل سرمست جي فڪر فلسفي ۽ شاعري کي سمجهڻ لاءِ اهم حيثيت رکي ٿو

بقايا 44 ”روزاني عبرت“

لائٽس لڳايون ويون جڏهن ته امداد شاهه پارڪ مجيد ڪيريو ۾ تفريح لاءِ ايندڙ عوام جي ويهڻ جون بينچون پڻ لڳايون ويون آهن ته جيئن عام ماڻهو توڙي ٻار تفريح ڪرڻ بعد ويهڻ لاءِ ڪجهه دير ساهي پٽي سگهن ان سلسلي ۾ چيئرمين حاجي چڳل انڙ ڳالهائيندي چيو ته يوسي مجيد ڪيريو پهرين ڏينهن کان اها ڪوشش ڪئي آهي ته عوام کي وڌ ۾ وڌ سهولتون ڏيون جنهن تي مڪمل عمل ڪري رهيا آهيون هوڏانهن علائقي جي نيڪ مرد محمد بچل ڏهيو ڳالهائيندي چيو ته سولر اسٽريٽ لائٽس ۽ تفريحي پارڪ ۾ سهولتون پيدا ڪرڻ وقتائتو فيصلو آهي انهن تي چيئرمين حاجي چڳل خان انڙ ۽ سنڌس ڪائونسل ڪيرون لهڻي سنڌس ڪم هميشه عوام جي بهتري لاءِ هوندا آهن :

بقايا 45 ”روزاني عبرت“

نياز سخيراڻي، چاچو حاجن پنهور ۽ ٻين شاهجهان پارڪ کان بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي، دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي مظاهرين چيو ته دادو ۾ چوريون ڦريون ۽ ڌاڙن جون وارداتون وڌي ويون آهن جنهن سبب شهرين ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙيل آهي روزانو موٽر سائيڪلون ۽ ٻيو سامان ڦرجي رهيو آهي پر پوليس ڦر ٿيل سامان واپس ڪرائڻ ۽ جوابدار گرفتار ڪرڻ بدران متاثر شهرين کي پريشان ڪري رهي آهي هنن چيو ته معصوم ٻارن کان به موٽر سائيڪلون ڦر ٿيڻ جا واقعا ٿيڻ لڳا آهن مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته موٽر سائيڪل ڦر ڪندڙ جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري ڦر ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي وڃي شهر جي مختلف هنڌن تي پوليس پڪٽون قائم ڪري بدامني تي ضابطو آڻي شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 46 ”روزاني عبرت“

اي پارس ڏيرو چيو ته ٿيلسيميا ۾ مبتلا ٻارن کي باقاعدگي سان رت جي ضرورت پوي ٿي، تنهنڪري رت عطيو ڪرڻ هڪ عظيم انساني خدمت آهي هن شهرين نوجوانن ۽ مخير حضرات تي زور ڀريو ته هو باقاعدگي سان رت عطيو ڪن جيئن ٿيلسيميا جي مريضن سميت ٻين ضرورت مند مريضن کي وقت سر رت فراهم ڪري سگهجي ٿيلسيميا سينٽر نوابشاهه جي فيلڊ مئنيجر محسن علي ٻڌايو ته رت عطيو ڪندڙ ماڻهن جا مختلف طبي ٽيسٽ پڻ مفت ڪيا وڃن ٿا، جن ۾ هيپاٽائٽس، شگر، ايڊز، مليريا ۽ هيموگلوبن جا ٽيسٽ شامل آهن انهن ٽيسٽن ذريعي عطيو ڪيل رت جي جاچ سان گڏ ڪجهه بيمارين جي بروقت سڃاڻپ ۾ پڻ مدد ملي ٿي ٿيلسيميا ۾ مبتلا ٻارن جي والدين ۽ وارثن ڪيمپ لڳائڻ تي منتظمين ۽ رت عطيو ڪندڙ شهرين جا ٿورا مڃيندي چيو ته ٿيلسيميا جي ٻارن کي هر ڪجهه هفتن ڪانپوءِ رت جي منتقلي جي ضرورت پوي ٿي ۽ وقت سر رت جي فراهمي انهن جي علاج جو اهم حصو آهي سنڌن چوڻ هو ته هڪ صحتمند ماڻهو جو رت جو عطيو اهڙي ٻار لاءِ زندگي جي اميد بڻجي سگهي ٿو جيڪو هر ڪجهه هفتن ڪانپوءِ رت جي ضرورت ۾ هوندو آهي ڪيمپ انتظاميا پڻ شهرين کي اپيل ڪئي ته هو وڌ کان وڌ انگ ۾ رت عطيو ڪن جيئن ٿيلسيميا جي مريض ٻارن ۽ ٻين ضرورت مند مريضن کي وقت سر رت جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي

بقايا 47 ”روزاني عبرت“

مڪمل نه ٿيڻ سبب والدين پريشان ٿي ويا آهن ، اسڪول ۾ پڙهندڙ معصوم ٻارن جي تعليم سخت متاثر ٿيڻ لڳي آهي جڏهن ته والدين ۽ ڳوٺاڻن ۾ ڳڻتي جي لهر پکڙيل آهي ڳوٺاڻن موجب اسڪول جي پراڻي ۽ زبون حال عمارت کي نئين عمارت تعمير ڪرائڻ جي نالي تي ايشين بئنڪ طرفان ڊاهڻ پٽ ڪيو ويو هو پر عمارت ڊاهڻ کان پوءِ هڪ سال کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود نئين عمارت جو ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو آهي عمارت ته ڊاهي وئي، پر ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ نئين عمارت اڃا تائين تيار نه ٿيڻ سبب تعليم جو نظام تباهه ٿي ويو آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ٻارن جو مستقبل عمارت جي تعميراتي ڪم جيان رولڙي جو شڪار بڻجي ويو آهي اسڪول جي عمارت جي تعمير ۾ دير سبب شاگردن کي پڙهائي لاءِ مناسب ماحول ميسر نه هجڻ ڪري سنڌن تعليمي سرگرمين تي منفي اثر پئجي رهيو آهي جڏهن ته ڪيترائي والدين پنهنجي ٻارن جي مستقبل بابت سخت پريشان آهن ڳوٺاڻن ٻڌايو ته اسڪول جي نئين عمارت جي تعمير لاءِ پراڻي عمارت ختم ڪئي وئي هئي ۽ اميد هئي ته ٿوري ئي عرصي ۾ جديد ۽ بهتر عمارت تيار ٿي ويندي، پر ڊگهو عرصو گذرڻ باوجود ڪم مڪمل نه ٿيڻ سبب ڳوٺ جي ٻارن ۽ والدين جون اميدون مايوسي ۾ تبديل ٿي رهيون آهن والدين جو چوڻ آهي ته ڳوٺ جي غريب خاندانن لاءِ ٻارن کي پري وارن علائقن جي اسڪولن ۾ موڪلڻ آسان ناهي ان ڪري ڳوٺ اندر موجود اسڪول ئي سنڌن ٻارن لاءِ تعليم جو واحد ذريعو آهي جيڪڏهن اسڪول جي عمارت جلد مڪمل نه ڪئي وئي ته ٻارن جي تعليم جو وڌيڪ قيمتي وقت ضايع ٿيڻ جو خدشو آهي ڳوٺاڻن ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته جيڪڏهن پراڻي عمارت ڊاهي پٽ ڪرڻ کان پوءِ نئين عمارت جو ڪم وقت سر مڪمل ڪرڻو هو ته پوءِ تعميراتي عمل ايترو ڊگهو ڇو ڪيو ويو هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اسڪول جي تعميراتي ڪم بابت صورتحال واضح ڪئي وڃي ۽ ڪم ۾ دير جا سبب سامهون آندا وڃن ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته اسڪول صرف عمارت جو نالو ناهي، پر ڳوٺ جي ٻارن جي مستقبل سان جڙيل ادارو آهي جيڪڏهن تعميراتي ڪم ۾ وڌيڪ دير ڪئي وئي ته ان جو سڌو سنئون اثر معصوم شاگردن جي تعليم ۽ مستقبل تي پوندو هنن ضلعي انتظاميا، تعليم ڪاتي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ زوار خان محمد ڳاهو جي ايليمينٽري اسڪول جو فوري نوٽيس وٺي نئين عمارت جي تعميراتي ڪم کي تيز ڪرايو وڃي ڪم جي معيار ۽ رفتار جي نگراني ڪئي وڃي ۽ عمارت جلد مڪمل ڪرائي ٻارن کي محفوظ ۽ مناسب تعليمي ماحول فراهم ڪيو وڃي

بقايا 48 ”روزاني عبرت“

لکين روپين ۾ وڪرو ڪيا ويا آهن ۾ وائلڊ لائيف ڪاتي جا عملدار هٿ تي هٿ رکي ويٺل آهن.

بقايا 49 ”روزاني عبرت“

نمايان پوزيشن حاصل ڪندڙ نياڻي پرهه گبول جي مان ۾ آجياڻي جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ اي ايس پي ڪيمچند ۽ استاد عبدالصمد گبول کي مهمان طور گهرايو ويو جن کي اسڪول پاران مان ڏئي سنڌ جي روايت موجب اجرڪون پهرايون ويون

سنڌ يونيورسٽي ۾ پري انٽري ٽيسٽ جو پهريون مرحلو مڪمل، 8676 اميدوارن جي شرڪت

مختلف ضلعن جي 6857 ڇوڪرن ۽ 1819 ڇوڪرين ٽيسٽ ڏني، داخلا عمل شفاف ۽ ميرٽ تي ٻڌل هوندو: فتح مري

ٻنهي مرحلن لاءِ 22511 اميدوارن جون آن لائين درخواستون، ڪمپيوٽرائيزڊ ٽيسٽ ذريعي نتيجا تيار ٿيندا: وي سي

اميدوارن ۽ والدين لاءِ ٽرانسپورٽ، رهائش، طبي ڪئمپن ۽ انتظارگاهن جون سهولتون فراهم، 200 کان وڌيڪ والنٽيئرز رهنمائي لاءِ مقرر

جامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي جامشوري طرفان نئين تعليمي سال 2027ع تحت بيچلر ڊگري پروگرامز ۾ داخلا لاءِ پري انٽري ٽيسٽ جو پهريون مرحلو ڪاميابي سان

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

پري انٽري ٽيسٽ جا نتيجا جاري، 94 مارڪون کڻي ٻن اميدوارن پهرين پوزيشن ماڻي

جامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي پري انٽري ٽيسٽ ٿيڻ جي ڪجهه ڪلاڪن ڪانپوءِ نتيجا پڌرا ڪري ويب سائيٽ تي رکي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

PRE-ENTRY TEST 2027
PRESS BRIEFING

جامشورو: سنڌ يونيورسٽي ۾ پري اينٽري ٽيسٽ ڏيڻ لاءِ شاگرد اچي رهيا آهن، ٻي طرف ٽيسٽ ورتي پئي وڃي ۽ وي سي بريفنگ ڏئي رهيو آهي

گمبٽ ويجهو سومرا، رند ۽ پٽي برادري ۾ تڪرار جي نبيري لاءِ ميڙ منٿ

رئيس عقاب خان راڄپر، علي وارث شاهه ۽ ٻين ڌرين وٽ وڃي ناهه لاءِ منٿ ڪئي

ٽنهي ڌرين قافلي کي مان ڏيندي تڪرار جي خاتمي تي راضپو ظاهر ڪري ڇڏيو

گمبٽ (ت.ر) ڪنب لڳ امن لاءِ ميڙ منٿ قافلو سومرا برادري وٽ قرآن پاڪ ۽ نياڻين ساڻ ڪري ميڙ منٿ قافلو پهتو رند برادري، پٽي برادري جي ڌرين وٽ پڻ ميڙ منٿ قافلو پهتو ٽنهي ڌرين تڪرار جي خاتمي تي راضپو ظاهر ڪري ڇڏيو ميڙ منٿ قافلو رئيس عقاب خان راڄپر، علي وارث شاهه وڏيرو ظفر علي ٽمراڻي وڏيرو خير محمد پاتي وڏيرو زبير حسين پلهه وڏيرو آفتاب پلهه، وڏيرو لياقت علي سولنگي استاد منظور حسين اڄڻ سيٺ غلام فريد ٽمراڻي حاجي اسد علي ٽمراڻي، سميت مختلف معززين جي اڳواڻي ۾ ڪڍيو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۽ پرياسي چيڙن ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو، ٽن ڏينهن 53 ماڻهو زخمي

مختلف علائقن مان ٻارڙي زويا باگراڻي، ظهران، انور، لياقت، محمد متارو حبدار ماڇي ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

ٻن مهينن دوران مختلف هنڌن تان 1470 ماڻهن کي ويڪسين لاءِ اسپتال آندو ويو، انتظاميا خاموش

شهدادپور (رپورٽ:) شهدادپور ۾ ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو 3ڏينهن ۾ 53 ڄڻي ڪتي جي ورڙهي ويا ٻن مهينن ۾ 1470 ڪيس داخل ٿي چڪا شهدادپور جي مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن 8 ڄڻن کي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۽ پرياسي چيڙن ڪتن جا ڏاڙيل ٻار ۽ وڏا اسپتال ۾ موجود آهن

ڪي پي ڪي کان اسلام آباد لانگ مارچ جي حمايت ۾ ٺٽي ۾ پي ٽي آءِ جو ڌرڻو

ضلعي صدر امجد شاهه هوش محمد عباسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ رڪشا اسٽاپ تي مظاهرو

هڪ طرف عمران خان کي جيل ۾ رکيو آهي ٻئي طرف عدالتي حڪم باوجود سهولتون نه پيون ملن: مظاهرين

ٺٽو (ڊ ر) ڪي پي ڪي ۾ اڄ شروع ٿيل لانگ مارچ جي حمايت ۾ پي ٽي آءِ ٺٽو پاران به ٺٽي جي مين قومي شاهراهه تي احتجاجي ڌرڻو ڪي پي ڪي کان اسلام آباد طرف شروع ٿيل لانگ مارچ جي حمايت ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف ٺٽو پاران ضلعي صدر امجد شاهه هوش محمد عباسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٺٽي شهر جي مين رڪشا اسٽاپ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٺٽو: پي ٽي آءِ پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

دادلغاري ۾ ڳوٺاڻي جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

داد لغاري (ن ع) داد لغاري ويجهو ڳوٺ محمد يوسف رند جو رهواسي سعيد رند داد لغاري پريس ڪلب پهچي برادري جي قادربخش ۽ جاويد رند جي زيادتن خلاف

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور هي فنڪشنل ليگ اڳواڻ محمد خان سانڌ جي ڀيڻ لاڏاڻو ڪري وئي

ٽنڊوآدم (ن ع) فنڪشنل ليگ اڳواڻ محمد خان سانڌ جي ڀيڻ لاڏاڻو ڪري وئي سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي، رپورٽ موجب مسلم ليگ اڳواڻ ۽ اڳوڻي ڪائونسلر محمد خان عرف محمد سانڌ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

خيرپور ضلعي جي مختلف شهرن 9 مهينن دوران 2264 ڄڻن کي چيڙن ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪيو

گمبٽ، ڪوٽڏيجي، سوڀوديرو ۽ ڪنگري تعلقن ۾ لکين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود عوام غير محفوظ بڻيل

لاڳاپيل انتظاميا ڪتا مار مهم لاءِ مختص بجيٽ جي شفاف استعمال کي يقيني بڻائي رهواسين کي تحفظ فراهم ڪن: رهواسي

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيدپنهور) خيرپور ضلعي ۾ ڪتن جي خاتمي لاءِ هر سال لکين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود عوام چيڙن ڪتن جي حملن کان محفوظ نه ٿي سگهيو گمبٽ، ڪوٽڏيجي، سوڀوديرو ۽ ڪنگري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور ۾ ڀتو نه ڏيڻ تان سبزي فروش تي مبينا تشدد

نشي ۾ ڌت ٻن ڄڻن گومندو ڪولهي کي سرون هڻي رتورت ڪري ڇڏيو

متاثر سبزي فروش گومندر ڪولهي جوابدارن خلاف پوليس وٽ رپورٽ داخل ڪرائي ڇڏي

ڪڙيوگهنور (ن ع) ماتلي جا رهواسي ماڇي جيڪي هر ٻئي ڏينهن ڪڏهن ڪينسر جي مريض جي مدد لاءِ نه ڪڏهن گردن جي بيماري جي مريضن جي مدد لاءِ بهانو بڻائي غريب گاڏي، ريڙهي ۽ پٽ پڙي ۽ ريڙهي خاص طور تي ڪولهي دڪاندارن کان زبردستي ڳارڳند ڪري ڀتو وٺڻ معمول بڻائي ڇڏيو آهي انهيءَ سلسلي ۾ ڪولهي برادري جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته بااثرن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

نوري آباد ويجهو ريتي جي ڍڪي تان انساني ڍانچو هٿ، پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

نوري آباد(ن ع)لوياچ جي علائقي ۾ مکي مار اسٽاپ ويجهو بند پيل ريتي جي ڍڪي تان هڪ مبينا انساني ڍانچو هٿ اچڻ جو اطلاع مليو آهي اطلاع ملڻ تي نوري آباد پوليس موقعي واري هنڌ پهچي وئي، جتان هٿ آيل ڍانچو ايڌهي رضاڪارن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ "منشيات کان پاڪ" عنوان هيٺ عوامي احتجاجي ميڙاڪو

ميڙاڪي ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ سوين شهرين شرڪت ڪئي

شڪارپور کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ لاءِ هر ممڪن پرامن ۽ قانوني جدوجهد جاري رکي ويندي

شڪارپور (رپورٽ: رحيم بخش جمالي) شڪارپور بچايو تحريڪ جي سڏ تي "منشيات کان پاڪ شڪارپور" جي عنوان هيٺ هزاريدار چوڪ شڪارپور ۾ وڏو عوامي احتجاجي ميڙاڪو منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ سوين شهرين، نوجوانن، وڪيلن سياسي سماجي اڳواڻن سول سوسائٽي ۽ صحافي پاڻ شرڪت ڪئي ميڙاڪي ۾ منشيات

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: شڪارپور بچايو تحريڪ طرفان منشيات خلاف ڪرايل ميڙاڪي جو ڏيک

ڪوٽڙي واسي جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع)جامشورو واسي پوڙهيت بلند خان بروهي جو چوڻ آهي ته سندس 17 ورهين جي پٽ حاجي عبدالغني بروهي کي 8 سيپٽمبر 2024ع تي رات

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

شڪارپور هائوس جو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر عاشق ڏاهر وفات ڪري ويو

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور هائوس جو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر ۽ سينئر صحافي عاشق حسين ڏاهر ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي نماز جنازه

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: ايم اين اي نيلم ڪماري جي پنهنجي سس سان ورتل تصوير

بجلي چوري ۾ ورڪر نه، واپڊا جا آفيسر ملوث آهن: عبداللطيف نظاماڻي

پٽ شاهه ۾ هائڊرو يونين جو ڪنوينشن، عهديدارن ۽ ملازمن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

نجڪاري ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين، نوشهروفيروز جيل واقعي جي مذمت

روزگار جو تحفظ ڪيو وڃي، حڪومت ڳالهين لاءِ تيار ٿئي ته مسئلا ڳالهين ذريعي حل ٿي سگهن ٿا

پٽ شاهه (ن ع) واپڊا هائڊرو اليڪٽرڪ ليبر ورڪر يونين جي مرڪزي چيئرمين عبداللطيف نظاماڻي جو چوڻ آهي ته بجلي چوري ۾ ورڪر نه پر واپڊا جا عملدار پاڻ ملوث آهن بجلي چوري آفيسرن جي پاليسي جو نتيجو آهي نوشهروفيروز جيل واقعو مذمت جوڳو عمل آهي ڪيس داخل ٿيو آهي پر ايف آءِ آر جيل سپريڊنٽ معان داخل ٿيڻ گهرجي جنهن ماڻهن کي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

نون صوبن يا انتظامي يونٽن نالي ۾ سنڌ جي سرحدن سان ڇيڙڇاڙ برداشت نه ڪئي ويندي: ڊاڪٽر مڪسي

هڪ وفاقي وزير طرفان سنڌ جي وحدت خلاف ڏنل بيان سنڌ جي عوام ۾ سخت بيچيني ۽ ڪاوڙ پيدا ڪئي آهي

ملڪ اڳ ئي سياسي، معاشي ۽ سماجي بحرانن سميت ڪيترن ئي سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي

ڏگهڙي ۾ شهيد مالڪ نرحاڻي جي ڇوڏهين ورسي جي موقعي تي عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ منعقد عوامي جلسي کي خطاب

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مڪسي چيو آهي ته سنڌ اسان جي ماءُ ۽ تاريخي وطن آهي سنڌ جي وحدت، جاگرافيائي سرحدن ۽ قومي وجود خلاف ٿيندڙ هر سازش کي سنڌ جو عوام پنهنجي پرامن جمهوري ۽ سياسي جدوجهد ذريعي ناڪام بڻائيندو، نون صوبن يا نون انتظامي يونٽن جي نالي ۾ سنڌ جي تاريخي سرحدن سان ڪنهن به قسم جي ڇيڙڇاڙ برداشت نه

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

بلاول ڀٽو زرداري اڄ ٿر ڪول ۾ ڪوئلو سڪائڻ واري يونٽ جو افتتاح ڪندو

مٺي (ڊ-ر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڄ 5 آڪٽوبر سومر ڏينهن ٿرپارڪر جو دورو ڪندو جتي هو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان گڏ ٿر ڪول بلاڪ ون ۾ پاڪستان جي پهرين ڪوئلو سڪائڻ واري يونٽ جو افتتاح ڪندو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اسلام ڪوٽ پهچڻ ڪانپوءِ ٿر فائونڊيشن

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ اسڪول بند هجڻ جي عبرت ۾ خبر لڳڻ سبب تعليم کاتي نوٽيس ورتو

پ پ اڳواڻ ضمير حسين گهمرو نوٽيس وٺندي ڊي او اياز مهيسر سان رابطو ڪيو

ڊي او ڳوٺ ملنگ منگريو پرائمري اسڪول ۾ جلد استاد مقرر ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون

گمبٽ (ت ر) ٻه ڏينهن روزاني عبرت اخبار ۾ خبر شائع ٿيڻ بعد پيرجوڳوٺ لڳ ڳوٺ ملنگ منگريو ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول جو تعليم کاتي پاران نوٽيس ورتو ويو ۽ اسڪول ۾ استاد مقرر ڪرڻ جون هدايتون جاري روزاني عبرت اخبار ۾ خبر شائع ٿيڻ بعد پيرجوڳوٺ پرسان ڳوٺ ملنگ منگريو جي پرائمري اسڪول ۾ گذريل 9 مهينن کان استاد مقرر نه ٿيڻ ۽

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو پرسان قديمي قبرستان جي لوڙهي کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش، احتجاج

ٽنڊوباگو (ت ر) ڏيڻي لڳ ڳوٺ فقير محمد قاسم سرائي ۾ پراڻي قديمي قبرستان معصومن جي لوڙهي کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش، ڏيڻي ٿاڻي تي اين سي داخل جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا ڳوٺاڻن جو احتجاج خبر موجب ٽنڊوباگو لڳ ڏيڻي شهر پرسان ڳوٺ فقير محمد قاسم سرائي ۾ پراڻو قديمي قبرستان معصومن جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: قبرستان جي لوڙهي کي لڳل باهه جو ڏيک

ٽنڊوآدم: ٿيليسيميا جي مريضن لاءِ لڳايل ڪئمپ تي شهري رت جو عطيو ڏيندي

ٽنڊوآدم ۾ گهريلو پريشانين کان تنگ اچي ڇهن نياڻين جي پيءُ آپگهات ڪري ڇڏيو

حسن ڪالوني واسي 35 ورهين جي پورهيت الطاف ولد اسحاق چوهان انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد حسن ڪالوني ۾ گهريلو پريشانين کان تنگ ٿي 35 ورهين جي پورهيت الطاف ولد اسحاق چوهان مبينا طور ڳچيءَ ۾ ڦاهو وجهي آپگهات ڪري ڇڏيو جيڪو ڇهن نياڻين جو واحد ڪفيل هو هوٽل تي مائيون پچائڻ جو ڪم ڪندو هو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقي اسپتال منتقل ڪيو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ مبينا خانگي حراستي مرڪز تي ڇاپو، باندي بڻايل 26 ڄڻا بازياب

جوڊيشل مئجسٽريٽ جي موجودگي ۾ سول ڊفينس جي خالي آفيس تي اوچتو ڇاپو هنيو ويو، هڪ ڄڻو فرار

بازياب ڪرايل 26 ڄڻن کي ايس آءِ يو صدر منتقل ڪيو ويو، معاملي تي پوليس اختيارين ۾ ڇڪتاڻ

آزاد ٿيلن پاران غيرقانوني حراست ۽ تشدد جا الزام، سڄاڻ ڌرين پاران قانوني ڪارروائي جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهر ۾ پوليس جي مبينا غيرقانوني حراست ۽ خانگي عقوبت خانن خلاف ڪارروائي سامهون آئي آهي باوثوق ذريعن موجب جوڊيشل مئجسٽريٽ نبي بخش ٿاڻي جي حد ۾ پوليس اسپتال

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سکر: ايس يو پي جو اجلاس سيد زين شاهه جي صدارت هيٺ ٿي رهيو آهي

سنڌ ٽوڙڻ جي سازش قبول ناهي، ڪراچي ۾ وحدتِ سنڌ ريلي ڪڍنداسين: نياز ڪالاڻي

گهوٽڪي، ڪنڌڪوٽ سميت سنڌ ۾ قبيلائي تڪرار هٿن سان ڪرايا پيا وڃن

ملڪ ۾ ڊاڪٽرن جون سيٽون 1400 وڌ ٿيون پر سنڌ کي هڪ به نه ڏني وئي آهي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) جسقم بشير خان گروپ جي سربراهه ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ڪنڌڪوٽ پريس ڪلب ۾ پرهجوم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سنڌ ٽوڙڻ جي سازش ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي سنڌ ڌرتي جي وحدت تي وار ڪرڻ وارا هميشا جيان ناڪام ٿيندا رهبر ڪاميٽي طرفان 8 نومبر

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ قتل ٿيل شاهنواز نظاماڻي جو ڪيس 7 جوابدارن خلاف داخل

مقتول جي ڀاءُ مبشر نظاماڻي جي فرياد تي گدا حسين لغاري ۽ ٻين تي ڪيس داخل ڪيو ويو

پوليس واقعي ۾ ملوث ڪجهه ماڻهن کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڏني

شهدادپور(ن ع) شهدادپور پوليس پاران پوليس اهلڪار شاهنواز نظاماڻي قتل جو 7ڄڻن خلاف ڪيس داخل شهدادپور ملدسي ويجهو ڳوٺ غلام

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ٿاڻي جو اي ايس آئي گل محمد جسڪاڻي دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ٿاڻي جو اي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ قتل ٿيل ٻن ڀائرن جي ڪيس ۾ گهربل مک جوابدار گرفتار

پوليس راشد علي ناريجو ۽ محڪم الدين جي قاتلن کي ڪچي مان گرفتار ڪيو آهي: پوليس

گمبٽ (ت.ر) ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي جي حڪم تي لائيڊيون ٿاڻي جو ايس ايڇ او ۽ گلوسيال ٿاڻي جي ايس ايڇ او منير احمد جماڻي ۽ نظراحمد جسڪاڻي هڪ ڏينهن اڳ گمبٽ جي ڪچي واري علائقي ڳوٺ خاڻ ناريجو ۾ جهيڙي دوران هڪ گهرجا ٻه سڳا ڀائر راشد علي ناريجو ۽ محڪم الدين ناريجو کي قتل ۽ عبدالرزاق ناريجو ۽ قربان ناريجو کي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٿرڪول متاثر ڳوٺاڻن جو رائلٽي، روزگار لاءِ 35 ڪلوميٽر لانگ مارچ شروع

گوڙاڻو ڊيم کان اسلام ڪوٽ پريس ڪلب تائين پيادل مارچ، اڄ ڌرڻي جو اعلان

ٿر جي ترقي لاءِ رائلٽي جو 100 سيڪڙو فنڊ خرچ ڪرڻ، مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ جو مطالبو

اسلام ڪوٽ (ن ع) پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي اعلانيل دوري ڪانپوءِ ڳوٺ گوڙاڻو ڏکڻچو ڊيم ۽ ٿرڪول منصوبن کان متاثر ڳوٺاڻن پاران بنيادي حقن، رائلٽي، روزگار، شفاف ريسيٽلمينٽ پاليسي، سي ايس آر فنڊ جي مبينا ڪرپشن، زرعي زمينن ۽ ماحولياتي تباهي خلاف ڳوٺ گوڙاڻو جي ڊيم کان اسلام ڪوٽ پريس

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: ڳوٺاڻا بنيادي سهولتن لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

عمرڪوٽ ۾ سنڌ نيشنل ڪانگريس جي احتجاجي ريلي

نوان صوبا ۽ سنڌو درياهه مان نوان ڪئنال قبول ناهن: مظاهرين

سنڌ جي وحدت بابت ڪنهن به تجويز جي مخالفت ڪنداسين

عمرڪوٽ (ڊ ر) سنڌ نيشنل ڪانگريس جي سڏ تي سنڌ ۾ نوان صوبا ناهڻ ۽ سنڌو درياهه مان نوان ڪئنال ڪڍڻ واري معاملي خلاف عمرڪوٽ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي غني امان چانڊيو سسئي جوڻيو سارنگ جوڻيو محب آزاد، صالح آريسر جمال سانڌ، ڪلثوم سنڌو روشن منگريو سائيندار منگريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ موتي چوڪ کان شروع ٿي جيڪا مختلف رستن

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

هنگورجا پوليس پاران مقابلي بعد جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڦول باغ وٽ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڏوهارين ڏسي فائرنگ ڪري ڏني: پوليس

جوابي فائرنگ ۾ 150 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل عبدالجبار لاکو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

هنگورجا (رپورٽ : آفتاب پنهور) هنگورجا پوليس جي ڀرپور ڪارروائي 150 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل رپوش جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار هنگورجا ايس ايڇ او اقبال احمد ٽون ۽ سندس بهادر پوليس ٽيم جي ڀرپور ڪارروائي، هنگورجا پرسان ڦول باغ وٽ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڏوهارين ۽ پوليس وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران 150 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل رپوش

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: ايم اين اي نيلم ڪماريءَ جي سسءَ جو ديهانت ٿي ويو

ٽنڊو جان محمد ۾ سياسي سماجي اڳواڻن صحافين ۽ شهرين پاران وارثن سان ڏک جو اظهار

عمرڪوٽ (ڊ ر) نواز ليگ جي ايم اين اي نيلم ڪماريءَ جي سس ڪرشن واهيڙيا جي گهر واري، ولجي ڪرشن، رامچند ڪرشن ۽ اشوڪ ڪرشن جي ماتا شري سنساري سفر پورو ڪري مالڪ حقيقي سان وڃي ملي جنهن تي ٽنڊو جان محمد ۾ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول پرسان سندس رهائشگاهه تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي ماتاشريءَ جي وڇوڙي تي سينيئر صحافي سرپرست

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي خيرو: مقتول نينگر جا وارث احتجاج ڪندي، ٻي طرف نينگر جي حياتي جي تصوير

حيدرآباد ۾ نامور اديب شاهنواز مهيشر جي ڪتاب 'دهلي جا حڪمران' جي پڌرائي

بزم روح رهاڻ پاران منعقد تقريب اديبن ۽ دانشورن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

'دهلي جا حڪمران' لکڻ جو مقصد ايندڙ نسل کي ماضيءَ کان آگاهه ڪرڻ آهي: شاهنواز مهيشر

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) بزم روح رهاڻ پاران نامور اديب محقق شاهنواز مهيسر جي ڪتاب دهلي جا حڪمران جي پڌرائي انجمن تاجران سنڌ تعلقي قاسم آباد جي آفيس ۾ ٿي، گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ناميارڙي اديب پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم چيو ته شاهنواز مهيسر جي قلمي پورهئي جي ترالي اهميت آهي جوانن جا ڪتاب پڙهيا وڃن ٿا

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي خيرو لڳ قتل ٿيل نينگر ذوالفقار جمالي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

مقتول نينگر جي چاچي محب علي ۽ ڀاءُ مختار علي جمالي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ڏيڍ مهينو گذرڻ باوجود پوليس جوابدار گرفتار ناهن ڪيا، ڌمڪيون ملي رهيون آهيون

ڳڙهي خيرو (ن ع): ڏيڍ مهينو اڳ ڳڙهي خيرو پرسان ڳوٺ ريحان خان جمالي ۾ بيگناهه قتل ٿيل 16 سالن جي معصوم نينگر ذوالفقار جمالي پٽ گل حسن جمالي جي وارثن پاران قاتلن جي عدم گرفتاري ۽ ڪين ملي رهندڙ مبينا ڌمڪين خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو مظاهري دوران مقتول

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

دولتپور صفن ۾ واپاري کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي

شهرين ۽ سماجي اڳواڻن اختر پلي جي گرفتاري تي پوليس خلاف نعريبازي ڪئي

اختر علي پلي واري معاملي جي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي حقيقتون سامهون آنديون وڃن

دولتپور صفن(ن ع) گذريل ڏينهن دولتپور صفن مان مبينا طور ڪاروباري شهري ۽ دوڪاندار اختر علي پلي کي سندس شاهه مصراڻي سولر سسٽم واري دڪان تان موٽرسائيڪل تي کڻي ٿاڻي جي لاڪپ ۾ رکڻ ۽ مٿس منشيات فروشي جو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف واپاري، دوڪاندار ۽

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

دوڙ ويجهو ٽرڪ جو ٻن موٽرسائيڪلن کي ٽڪر ۾ عورت ڇيهاڻجي فوت، ڌرڻو

مهراڻ هاءِ وي تي ريلوي آورهيڊ پل وٽ پيش آيل حادثي ۾ ٻن عورتن ٿڏي تي دم ڏئي ڇڏيو

واقعي خلاف جسقم ڪارڪنن طاهر حسين زرداري، محبوب خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هنيو

دوڙ (حاجي فيروز علي پڌار) دوڙ مهراڻ هاءِ وي تي ريلوي آورهيڊ پل وٽ وري هڪ ٻيو واقعوپيش آيو ٽرڪ ٻن موٽرسائيڪل سوار عورتن کي پويان ٽڪر هڻي ڇيهاڻي ماري ڇڏيو فوتين جون لوڪيون واقعي واري هنڌ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ميرپور ساڪرو: قومي عوامي تحريڪ سربراهه اياز لطيف پليجو ريلي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ميرپور ساڪري ۾ قومي عوامي تحريڪ جي محبت سنڌ ريلي

سنڌ جي تاريخي، آئيني ۽ جمهوري حقن تي ڪو به سمجهوتو نه ٿيندو: اياز لطيف پليجو

سنڌ پاڻي ڪوٽ، زرعي تباهي، بيروزگاري ۽ بدامني کي منهن ڏئي رهي آهي

سنڌ ورهاست جا منصوبا ناقابل قبول آهن، پاڻي ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ پرامن جدوجهد جاري رهندي

ميرپور ساڪرو (ن ع) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي اڳواڻيءَ ۾ ميرپور ساڪري ۾ محبت سنڌ ريلي سنڌ جي ورهاست بابت ڪنهن به سازش ڪئنالن جي منصوبن ۽ تجويز ڪيل 28هين آئيني ترميم کي قبول نه ڪيو ويندو، اياز لطيف پليجو بدين ۽ سجاول جا ماڻهو غربت منشيات ۽ بيروزگاري سبب سخت متاثر آهن جڏهن ته

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڍلجي اسٽيشن ۾ مبينا لکين رپين جي فراڊ خلاف احتجاج، متاثر شخص جو رقم واپس ڪرائڻ جو مطالبو

ڍلجي اسٽيشن (ن ع) ڍلجي اسٽيشن شهر جي رهواسي فوجي امام بخش پنهور پاران مبينا طور لکين رپين جو فراڊ ڪندڙ داڙ گولو اياز سومرو ۽ ان جي ساٿاري عرفان علي کهڙو خلاف پاڪ ڪلام کڻي معصوم ٻارڙن سميت شهر جي حيدر چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: گهرو پريشانين سبب ڦاهو کائي آپگهات ڪندڙ الطاف چوهاڻ جو لاش

ڪراچي ۾ حادثن، فائرنگ ۽ جهيڙن جا واقعا، عورت سميت 8 ڄڻا فوت، 9 زخمي

ناردن باءِ پاس، سي ويو، بلديا، شاهراهه ڀٽو ۽ ٻين علائقن ۾ روڊ حادثن ۾ ٻارڙي سميت 7 ڄڻا فوت ٿيا

منگهوپير ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ۾ 18 ورهين جو نوجوان قتل، مختلف واقعن ۾ عورت سميت 9 ڄڻا زخمي

شادي تقريب ۾ هوائي فائرنگ، انڌين گولين سبب زخمي ٿيلن کي مختلف اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڌار ڌار حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 8 ڄڻا فوت ٿي ويا جڏهن ته عورت سميت 9 ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب ڪالهه ناردن باءِ پاس همدرد

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ويجهو لغاري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، عورت سميت ٻه زخمي

ڳوٺ ظاهر پير ۾ مال جي ڀيل تان جهيڙي دوران لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب اعظم لغاري ٿڏي تي دم ڏنو

جهيڙي دوران زخمي عورت حڪيمان لغاري ۽ ٻاجهي لغاري ۽ لاش کي پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، آخري اطلاعن تائين ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

نوشهروفيروز (رپورٽ: شاهد علي چنه) ٺل شهر لڳ ڳوٺ ظاهر پير ۾ مال جي ڀيل تان لغاري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن نتيجي ۾ لٺين ۽ ڪهاڙين جي آزادانه استعمال سبب هڪ ڄڻو اعظم

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: جسقم بشير قريشي اڳواڻ نياز ڪالاڻي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

راضيديرو ۾ قتل ٿيل نوجوان عجيب آريجو جي وارثن جو احتجاجي مظاهرو

مقتول جي امڙ الهڏني آريجو جي اڳواڻيءَ ۾ سوين عورتن، ٻارڙن ٻئي ڏينهن به احتجاج ڪيو

ڌرڻي دوران الهڏني آريجو بيهوش ٿي وئي، مظاهرين پاران اڄ ايس ايس پي آفيس ڌرڻي جو اعلان

راضيديرو (ن ع) راضيديرو پرسان بهارو شهر جي مين چوڪ تي قرض گهرڻ تان قتل ڪيل نوجوان جو پنهنجون ڏينهن امڙ جي اڳواڻيءَ ۾ ٻئي ڏينهن به پاڪ ڪتاب کڻي ٿاڻي تي احتجاجي مظاهرو، پوليس جو مقتول جي امڙ کي ڌرڻو ختم ڪرائڻ لاءِ ميڙون منٿون مقتول جي امڙ کي بيهوشيءَ جا دورا پوڻ جو سبب لڳاتار ڇهن ڪلاڪن تائين ڌرڻو برقرار رهڻ کان پوءِ ڌرڻو ختم، ايس ايس

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: مقتول عجيب آريجو جي وارثن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان بيت المال جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر شاهين خالد بٽ جو گمس اسپتال جو دورو

گمبٽ (ت.ر) پاڪستان بيت المال جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر شاهين خالد بٽ جو گمس اسپتال گمبٽ جو دورو شاهين خالد بٽ پاران گمس اسپتال گمبٽ جي مختلف ڊپارٽمينٽن جو دورو مفت علاج جون سهولتون ڏئيون گمس اسپتال گمبٽ ۾

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ ماڙي ڊرين سم نالي جي ڪاٽي ۽ صفائي نه ٿيڻ خلاف مختلف برادرين جو احتجاج

رهواسي احمد بخش، حب علي خاصخيلي، وڏيرو حامد علي اڄڻ، وحيد لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڪيترن ئي سالن کان ڪاٽي نه ٿيڻ سبب سم نالي گند ڪچري سان ڀرجڻ سبب پاڻي زرعي زمينن ۾ داخل ٿي ويو آهي: مظاهرين

ماڙي ڊرين سم نالي جو فوري طور تي ڪاٽي ۽ صفائي ڪرائي بيمارين کان بچايو وڃي

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ٽانوري) ڪنڊوسيٽي پرسان ٽاروڊورو اسٽاپ تي خيرپور کان ايندڙ ماڙي ڊرين سم نالي جي ڪيترو عرصي کان ڪاٽي ۽ صفائي نه ٿيڻ تي مختلف برادرين جي ماڻهن ۽ علائقي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ عمران خان جي حق ۾ پي ٽي آءِ جي احتجاجي ريلي

لال مالهي جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

تحريڪ انصاف جي وفدن کي عمران خان سان ملاقات جي اجازت نه ڏني پئي وڃي:اڳواڻ

پي ٽي آءِ جي احتجاجي سرگرمين کي روڪڻ لاءِ گورنر راڄ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن

عمرڪوٽ (ڊ ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ ايم اين اي لال مالهي ضلعي صدر ارباب چانڊيو جي اڳواڻي ۾ عمران خان جي حق ۾ عمرڪوٽ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا مالهي هائوس کان شروع ٿي مختلف رستن تان ٿيندي پريس ڪلب عمرڪوٽ پهتي جتي پي ٽي آءِ ڪارڪنن پاران زوردار نعريبازي ڪئي وئي، ريلي ۾ ڪارڪنن ۽ حامين

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ رهواسين پاران 377 هين هفتي به احتجاجي ريلي

باڊهه (ن ع) باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ واري مطالبي جي مڃتا لاءِ باڊهه تعلقه موومينٽ پاران موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ 377 هين هفتي به باڊهه ميڊيا هائوس کان

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

احتجاج
پاران: دادو جي عوام

دادو: بدامني خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادپور متحده قومي موومينٽ جي اڳوڻي ايم اين اي ڊاڪٽر محمد ايوب شيخ جو وڏو ڀاءُ لاڏاڻو ڪري ويو

شهدادپور(ن ع) متحده قومي موومينٽ جي اڳوڻي ايم اين اي ڊاڪٽر محمد ايوب شيخ جو وڏو ڀاءُ اسماعيل شيخ ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو سندس جنازي نماز شهدادپور ۾

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ بدامني ۽ ڦر جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف شهرين جو احتجاج

سياسي، سماجي اڳواڻن واپارين ۽ شهرين شاهجهان پارڪ کان ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

شهر ۾ چوري، ڦر ۽ ڌاڙن جون وارداتون وڌڻ سبب خوف ۽ بيچيني وڌي وئي آهي: مظاهرين

دادو(ڊ ر) دادو ۾ بدامني خلاف شهرين جو احتجاج، موٽر سائيڪل ڦر جا جوابدار گرفتار ڪري امن بحال ڪرڻ جو مطالبو دادو ۾ ميراڻي برادري جي نوجوان کان موٽر سائيڪل ڦر واري واقعي خلاف سياسي، سماجي اڳواڻن شهرين ۽ واپارين تنوير علي ميراڻي، رفيق احمد ميراڻي محمد اسحاق ميراڻي، فاروق احمد ميراڻي، توفيق احمد ميراڻي، لالا رفيق احمد ڙئنون عبدالله ملاح

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

خيرپور آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران ٽن نون ڪتابن جي مهورت جي تقريب منعقد ڪئي وئي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران ٽن نون ڪتابن جي مهورت جي سلسلي ۾ هڪ شاندار ادبي تقريب ڪرائي وئي، جنهن ۾ مقالن تي مشتمل فقير ڦليو جي ڪتاب "سڄل ته ساهه ۾ آ"، عدنان منگي جي ناول "اڪيلي"

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم ۾ ٿيليسيميا جي مريض ٻارن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ لڳائي وئي

ايم بي اي پارس ڊيرو جي سهڪار سان لڳايل ڪيمپ تي رهواسين وڏي انگ رت جو عطيو ڏنو

ٿيليسيميا ۾ مبتلا ٻارن کي رت عطيو ڪرڻ هڪ عظيم انساني خدمت آهي: پارس ڊيرو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي نوابشاهه شهيد بينظير آباد پاران ايم بي اي پارس ڊيرو جي سهڪار سان شاهه عبداللطيف ميونسپل لائبريري ٽنڊو آدم ۾ رت عطيو ڪرڻ جي ڪيمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ٿيليسيميا ۾ مبتلا معصوم ٻارن لاءِ رت عطيو ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم بي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

سکرنڊ جي يوسي مجيد ڪيريو ۾ مختلف چوراهن، گهٽين ۾ سولر اسٽريٽ لائٽس لڳايون ويون

سکرنڊ (ن ع) يونين ڪائونسل مجيد ڪيريو پاران چيئرمين حاجي چڱل خان انڙ جي نگراني هيٺ مختلف چوراهن، گهٽين ۽ پاڙن ۾ 200 کان وڌيڪ سولر اسٽريٽ

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

فقيرآباد پرسان ڳوٺ زوار خان محمد ڳاهو جو ايليمينٽري هاءِ اسڪول تباهيءَ جو شڪار

سال اڳ ايشن بئنڪ پاران اسڪول جي نئين عمارت جي تعمير لاءِ پراڻي ختم ڪئي وئي هئي: رهواسي

عمارت جي تعمير مڪمل نه ٿيڻ سبب ٻارن ۽ والدين جون اميدون مايوسي ۾ تبديل ٿي رهيون آهن، نوٽيس ورتو وڃي

فقيرآباد (رپورٽ: محمد پنجل ڳاهو) فقيرآباد پرسان ٽائون ڪاميٽي فقيرآباد جي وارڊ نمبر 4 ۾ واقع ڳوٺ زوار خان محمد ڳاهو جو ايليمينٽري هائي اسڪول گذريل هڪ سال کان نئين عمارت جي تعمير

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ڪپرو لڳ شڪارين 8 باز پڪڙي وڪرو ڪري ڇڏيا، وائلڊ لائيف عملدار خاموش

ڏونگريون واري علائقي مان شڪاري ٽولي باز پڪڙي واپاري معرفت وڪرو ڪيا آهن: ذريعا

سول سوسائٽي جي اڳواڻن پاران اعليٰ عملدارن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڪپرو (ن ع) چوٽياريون جي ڏونگريون واري علائقي مان شڪاري ٽولي وڌيڪ ٻه بحري باز ۽ هڪ شاهين باز پڪڙي ورتا ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب شڪاري ٽولي پاران پڪڙيل بحري باز جو نر جيڪو پڪڙڻ بعد مقامي واپاري جي معرفت واپاري کي وڪرو ڪيو ويو آهي، هوڏانهن علائقي مان هن مهل تائين 8 کان وڌيڪ باز پڪڙي غيرقانوني طريقي سان پ

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

ڪپرو: وائلڊ لائف کاتي پاران وڪرو ٿيندڙ باز

ڪراچي: هڪ سوالي ڊرينيج پائپ مان لوهه ڪڍي رهيو آهي

سکرنڊ واسي ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ۾ پوزيشن ماڻيندڙ نياڻي پرهه گبول جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو

سکرنڊ (ن ع) رائيزنگ اسڪول سسٽم پاران سي او ايڊووڪيٽ جنيد اختر لاکو جي ميزباني هيٺ ڌاڙو ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ۾

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.